ڏيپلائي سنڌ جو ڪهنه مشق صحافي

ترتيب ۽ پيشڪش:
نور محمد عباسي

ڏيپلائي جي شخصيت تي سندس نياڻي ثريا سوز
ڏيپلائي جو انٽرويو

آ ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه مٺيا، پر مونکي اهڙا مڙس وڻيا،
جي سارو جڳ جرڪائي ويا، پر پنهنجو پاڻ ٻلائي ويا.

"شيخ اياز"

جهوني صحافي مرحوم جو فرزند جناب عبدالرحمان ڏيپلائي
سندس شاديءَ جي موقعي تي پنهنجي "ڪنوار"
ڊاڪٽر قاضي شهناز سان گڏ

گهوٽ پنهنجي وڏي ڀاءُ جناب محمد علي ڏيپلائي ۽ ننڍي
ڀاءُ ڊاڪٽر جناب حبيب الرحمان ڏيپلائي سان گڏ

ڏيپلائي سنڌ جو ڪهنه مشق صحافي

ترتيب ۽ پيشڪش:
نور محمد عباسي

شهباز پبليڪيشنس
حيدرآباد سنڌ
پوسٽ باڪس نمبر ١٣٠

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

اداري جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

٢٦ جولاءِ ١٩٨٥ع مطابق ٨ ذوالقعد ١٤٠٥ ه

ڇاپو پهريون

ملهه ——— ٢٠/= روپيا

ٽائيٽل ——— اداره خود

ڪيليگرافي ——— فتاح هاليپوٽو

ڊيپلائي سنڌ جو ڪهنه مشق صحافي

ترتيب ۽ پيشڪش : نور محمد عباسي

ٻٽر پيپر تي ڪمپوزنگ : آسڪار پرنٽنگ پريس لطيف آباد

فارم ڇپائي : نفيس پرنٽنگ پريس حيدرآباد سنڌ

پبليشر : نور محمد عباسي شهباز پبليڪيشنس پوسٽ بڪس ١٣٠ حيدرآباد

مان پڌرو ڪيو

فهرست

ذاتي صفحو — ٦
مشرق و مغرب — علي محمد راشدي — ١٣
آدمن ۽ آتساه شاعره، ڪھاڻيڪار ثريا سوز جو انٽرويو — ٩
ميان محمد عثمان ولد ميان حبيب الله ميمڻ ڏيپلائي
جي - ايم سيد — ٢٢
وساريان نہ وسرن — رشيد ڀٽي — ٢٧
باب (١) عربستان جي نياڻي — م - ع ڏيپلائي — ٣٣
باب (٢) رحمت اللعالمين جو ظهور — ” — ٣٧
باب (٣) ڀهريون پاڪ وحي — ”
ڪجھ جھڙيون ڳالهيون — ثريا سوز ڏيپلائي — ٤٤
مرزا غازي بيگ ڊرامو — م-ع ڏيپلائي — ٤٩

نياڳي مڱس — م-ع ڏيپلائي — ٥٩

جيڪا اصل ڪهاڻي مرحوم ڏيپلائي جي آهي جنھن
کي سندس نياڻي ثريا سوز ڏيپلائي اردو ترجمو ڪري
پنھنجي والد مرحوم جي ٧ فبروري ١٩٨٥ع ورسي
جي موقع تي روزنامہ جنگ ڪراچي- رنگ مهراڻ
ايڊيشن ۾ ”چاند کا داغ“ جي عنوان سان پيش ڪيو
جا اصل صورت ۾ اسان پنھنجي پڙهندڙن کي پيش
ڪريون ٿا جيڪا انعامات جي لائق آهي.

پاڪستان فورم طرفان ڏيپلائي کان ورتل انٽرويو
نمائينده پاڪستان فارم — ٧٣
اکين جي عيوض — م - ع ڏيپلائي — ٨٣
سنڌي زبان جو ممتاز صحافي ۽ اديب ڏيپلائي مرحوم
سيد سرور نديم — ٨٩
باب پنجون انقلاب چٽنگ — م - ع ڏيپلائي — ٩٥

باب ڇهون جمهوريت	〃	〃	٩٨
باب ستون مشهوري	〃	〃	١٠٠
باب اٺون چار ٽناڪا	〃	〃	١٠٣
باب نائون ملاقات	〃	〃	١٠٨
باب ڏهون آخر ڇا ٿو ڪرين	〃	〃	١٠٩
باب يارهون وزير ۽ ڪمال	〃	〃	١١٣
نور توحيد فتح فلسطين باب پهريون	〃	〃	١١٥
بگهڙ ۽ ڇيلو	〃	〃	١١٧
باب ٻيو پيالو ڇلڪڻ	〃	〃	١٢٠
باب ٽيون سلطان صلاح‌الدين	〃	〃	
باب چوٿون مظلوم حاجي	〃	〃	
باب پنجون صفوريه جي فتح	〃	〃	
باب ڇهون عاليشان فتح	〃	〃	
باب ستون بد نيتيءَ جو نتيجو	〃	〃	
باب اٺون سلطان صلاح الدين	〃	〃	
باب نائون فتح عسقلان	〃	〃	
باب ڏهون بيت المقدس جي حقيقت	〃	〃	
باب ڏهون خود غرض عيسائي	〃	〃	
باب يارهون سچن مسلمانن جا اخلاق	〃	〃	
سوچيان ٿي	ثريا سوز ڏيپلائي		١٦٥
موحديءَ کان مرشديءَ تائين	محمد علي ڏيپلائي		١٦٨
سنڌ جي باغيءَ اديب محمد عثمان ڏيپلائيءَ کان هڪ يادگار انٽرويو هفتيوار برسات ڪراچي	يوسف شاهين		١٧٩
منهنجو سائين	عبدالرحمان ڏيپلائي		١٨٦
صحافت جو ڏهسر ڏيپلائي	آفتاب محمد شاه پروانو		١٩١

جناب عبدالرحمان ڏيلائي پنهنجي شاديءَ جي موقع تي پروفيسر ڊاڪٽر محمد صالح ميمڻ سيڪريٽري صحت سنڌ ۽ ڊاڪٽر محمد سچڻ ميمڻ ڊائريڪٽر صحت سنڌ ۽ پنهنجي سهري قاضي محمد اسماعيل سان مسڪرائيندي نظر اچي رهيا آهن.

جهونو صحافي پنهنجي وڏي فرزند جناب محمد علي صاحب سان گڏ.

سنڌين کي سڏ

گذريل ڏهن سالن کان وٺي اسانجي سنڌ مان سنڌي ٻولي ۾ هڪ هفتيوار اخبار يا رسالو مستقل ۽ معياري ڪوئي شخص ڪڍي نہ سگهيو آهي ڪئين پرچا نڪتا جيڪي ڪجهہ ڏينهن هلي وري بند ٿي ويا ڇاڪاڻ تہ سنڌي پرچا ڪڍڻ گهر ٻاري ڏياري ڪرڻ جي برابر آهي. جيستائين هڙ ۾ ڪجهہ آهي، تيستائين پرچو نڪرندو رهي ٿو. بعد ۾ ڪير خط لکي ائين بہ نہ پڇندو آهي تہ "ابا ٻڙ ويڙهي ويو" اردو ۾ اخبار يا رسالو وغيره ڪڍجي تہ هوند خوب ڪمائجي- پنجاه هزارن کان هڪ لک تائين تہ رکو ڇاپيون وڪامن ٿيون. جنهن مان خرچ نڪري اچي. ۽ اشتهارن جي ڪمائي تقريبن ايتري ٿيو وڃي جو هن ڪم کان علاوه سائيٽ بجنس يعني نمڪٽري يا پيو ڏنڊو نڪريو وڃي باقي سنڌي ۾ مڙني شرم کي پرچائڻو ٿو پوي. اسان اڃا اونده ۾ ويٺا آهيون نہ سنڌي اخبارون رسالہ وغيره خريد ڪن ۽ نہ سنڌين جا ڪي ڪارخانہ وغيره آهن جو انهن جا اشتهار ملي سگهن. سڀ رستا بند پيا آهن. سنڌي بہ اخبارون وٺي خريد ڪندا تہ چوندا تہ هاڻ واهہ جون سنڌي اخبارون پيون وڪامن. سنڌ ۾ سڄاڳي اچي ويئي آهي. جيڪي ماڻهو روزانہ ۱۸ ڪلاڪ اردو ۾ ريڊيو تان پروگرام ٻڌي خاموش رهن ٿا. هفتي جا ستئي ڏينهن ٽيلويزن تان اردو پروگرام ڏسي. اڌ ڪلاڪ جي سنڌي پروگرام ڏسڻ بعد مطمئن ٿيو وڃن. انهن مان پلا ڪهڙي شڪايت ڪجي.... بهرحال اسين هينئر فقط ايترو عرض ڪريون ٿا جيڪڏهن شهباز پبليڪشنس طرفان جيڪي بہ ڪتاب نڪرن جيڪي انهن مان هرهڪ جي ڪاپي گهرائين تہ ڪمن شڪريو ادا ڪندا-رن. هينئر خاص تازو ڪتاب ڏيپلائي سنڌ جو ڪهڙ مشتو [illegible] اوهان جي هٿن ۾ آهي اندازو لڳايو ڪيتري محنت ڪمل [illegible] ۾ جهوني صحافي جون لکئيون شاعره ثريا جو تاثراتي انٽرويو [illegible]مد راشدي، سائين جي ايم سيد جهڙن بزرگن جون لکئيون شامل [illegible] اميد تہ اسان جي پڙهندڙن کي پسند اينديون.

خادم العلم
نور محمد عباسي

نور محمد عباسي

اڌ صديءَ تائين سنڌي شاعريءَ ۾ اٿندڙ ۽ نيڪ ڪهاڻيڪاره
ثريا سوز ڏيپلائي

پنهنجي نامور والد مرحوم ڏيپلائيءَ جي باري ۾ اظهار خيال ڪري ٿي

ادب جي سنڌ ظرفي هيءَ آهي ته وڏين شخصيتن ڪانپوءِ وڏا نالا ڪيئن وارا گهٽ پيدا ٿيندا آهن، گهڻو ڪري سوررن وڏن اديبن، دانشورن ۽ شاعرن جي پيڙهي ڪانئن پوءِ صرف سنڌس نالي هلندي آئي آهي، سنڌي ادب ۾ صرف مرزا قليچ بيگ جو خاندان ٿي اهڙو آهي جنهن جي پنيءَ مان اهڙا نالمرا قلم ڪار پيدا ٿيا جن سنڌس عظيم ادبي خدمتن جي ساک برقرار رکي. پر سچ هيءَ آهي ته مرزا صاحب مرحوم جي شخصيت ايڏي قدآور هئي جو سنڌس پوير ان نالي کي اڳتي وڌائي نه سگهيا

ڏيپلائي مرحوم جو نالو، سنڌي ادب ۾ پنهنجي نمبر تي اچي ٿو جنهن جي جهان ڇڏي وڃڻ ڪانپوءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ اهڙو نالو نظر اچي ٿو، جنهن پيءُ جي وات ورتي ۽ انجي ساک کي نه صرف برقرار رکيو آهي، پر سگهي آهي ته انکي اڳتي وڌائي. اهو نالو سنڌس لائق احترام نيائي، سنڌي ٻوليءَ جي شاعره ۽ ڪهاڻيڪار شفيق استاد ثريا سوز ڏيپلائي آهي، زندگيءَ جو هيءَ عجيب حساب آهي ته مرحوم محمد عثمان ڏيپلائيءَ پنهنجي سڄي چمار پنهنجي علمي آدرشن کي پورو ڪرڻ جي جاکوڙ ۾ پنهنجي پٽن کي ڳڻ رکيو ۽ سنڌن ذهني تربيت ڪئي پر آهي سڀئي عملي زندگي ۾ ادب ڪان پري ٿي ويا. ثريا سوز نياڻي هوندي به پنهنجي پيءُ جي روايت کي برقرار رکيو.

پنهنجي والد جي حالتن جي ابتڙ، ثريا حيدرآباد جي ماحول ۾ اک کولي جتي چئني طرف ادبي ماحول ملين. شاعريءَ جا ٻڪا ڪن ۾ پيس ۽ ڦرهي تي اکر ميڙيندي ۽ لکندي

لکندي، ٽوٽلي زبان ۾ شاعري شروع ڪيائين. ادب، صحافت ۽ شاعريءَ جي ڇانو ۾ اهو لطيف جذبو محبت جي هيرَ سان نپجي جڏهن وڏو ٿيو، ته ثريا سوز جي شاعريءَ ۾ اهڙو ٻهڪڻو جو ان جي خوشبو سان سارو ماحول واسجي ويو.

اڄ ثريا، سنڌي ٻوليءَ جي سمورين واکاڻ لائق شاعرائن ۽ شاعرن ۾ هڪ ٻڌڻ جوڳو ۽ تعريف لائق آواز جو نالو آهي. هو، هڪ اهڙي خاتون ڪانهي جيڪا پنهنجي زندگي

ثريا سوز ڏيپلائيءَ ٻو جوانيءَ وارو ڏيک

جا پلئه لڙڪن ۾ ٻڃڻ جي شڪايت ڪري ٿي پر هو پنهنجن لڙڪن ۽ سڏڪن ۾ سمورن ماڻهن جي دلين جو آواز آهي.

هو زندگيءَ جو اولڙو نہ، پر زندگيءَ جو هڪ نمونو آهي، جنهن جي آڏمن ڪي ڏسي تہ نٿو سگهجي، پر تمام اونهي طرح محسوس ڪري سگهجي ٿو.

ابتدائي تعليم حيدرآباد ۾ ورتائين، اتي ئي وڏي، نپني، ۽ گهر ڏباٽي ٿي- اچ، هڪ شفيق ۽ محبت ڀري استاد جي حيثيت ۾ پڙهائي ٿي، شاعري ڪيس، ورثي ۾ ملي آهي يا نہ، پر هڪ حقيقت ضرور آهي تہ شاعريءَ ۾ هن لفظن کي زندگي جي معني ڀرائي پڙهندڙن آڏو ٻهاري ٿي- اهائي سندس شاعريءَ جي سچائي آهي.

هڪ تخليق ڪار جي لاءِ، پنهنجي پيءُ بابت تاثرات بيان ڪرڻ ڏکيو ٿي نہ پر نازڪ مرحلو ٿئي ٿو. تاهم، محترمہ ثريا سوز راقم الحروف سان هن ملاقات ۾ پنهنجي والد محترم جي لاءِ جيڪي ڪجهہ اظهار خيال ڪيو آهي، سو هنريت آهي:

عباسي: توهان جڳ مشهور لکڪ جي نياڻي آهيو، انهيءَ ناتي سان، توهان ڪڏهن ائين محسوس ڪيو تہ توهان جو پيءُ هڪ وڏو ليکڪ هئڻ سان گڏ هڪ عظيم انسان پڻ هو.

ثريا: بابا جو جڳ مشهور حيثيت تہ واضح ۽ پڌري آهي، پر بابا پنهنجي روش، انسانيت جو اعليٰ اقدار ۽ پنهنجي عام هلٽي چلٽي سبب يقيناً عظيم انسان جي حيثيت رکي ٿو، ڪڏهن ڪڏهن آئون سوچيندي آهيان تہ بابا نيٺ بہ انهيءَ منزل تي ڪيئن پهچي سگهيو، تڏهن بابا جي ئي لفظن ۾ تہ ”سڀ ڪان ڏکيو ڪم آهي ”انسان“ ٿيڻ ۽ انسانيت جي خدمت ڪرڻ.... انسان، انسان ٿي رهي تہ اهائي عظمت آهي“

منهنجو بابا سڄي عمر ان ڳالهہ تي عمل ڪندو رهيو.... ۽ ڪڏهن بہ ٿوري دير لاءِ بہ ان ڳالهہ تان نہ هٽيو، ڪٺيون تڪليفون ڏٺائين، سختيون بہ سٺائين پر پاڻ ۾ فيصلو ڪري ڇڏيو هئائون تہ هروقت، هر صورت ۽ هر ممڪن طريقي سان انسانيت جي خدمت ڪبي، جيڪو هو ڪندو رهيو، قرآن شريف ۾ بہ اهوئي ارشاد آهي تہ، ”جيڪو شخص منهنجن بندن جي ڪم اچي ٿو، اهو منهنجو نظر ۾ اعليٰ آهي.“

منهنجي بابا ذاتي مقصد ۽ مفاد لاءِ ڪڏهن به ڪوشش نه ڪئي، البت پنهنجن لاءِ هميشه جدوجهد ۽ جاکوڙ ڪندو رهيو، ۽ خاص ڳالهه ته هن جن به افراد کان بابا کي گهڻيون آسائشون، سهوليتون ۽ فائدا ملي سگهيا ٿي، تن جي به ڪڏهن خوشامند نه ڪيائين.

اهڙين مخصوص خوبين جي باعث هن عظيم شخص دل ۽ ضمير جو اطمينان حاصل ڪيو ۽ اسان کي اهو فخر حاصل ڪيو ۽ اسان کي اهو فخر حاصل ٿيو ته ڪيڏو عظيم هو اسان جو بابو!

عباسي: اوهان جي لکڻين ۽ زندگيءَ تي ڏيپلائي صاحب جو ڪو اثر؟

ثريا: منهنجين لکڻين ۽ زندگيءَ تي مڪمل طور تي بابا جو اثر آهي، پر اهو اعتراف ڪندي ڪو عار محسوس نه ڪنديس ته انهيءَ بلنديءَ تي، جنهن تي بابا هو، آئون نڪو پهتي آهيان ۽ نڪو ئي مونکي اهڙو امڪان به نظر اچي ٿو. منهنجي خواهش ته ضرور آهي ته بابا واڌڪر ٿيان، پر بابا جهڙو ٿيڻ ايترو آسان نه آهي.

بهر حال، تي سگهيو، عمر جي ڪنهن ... ۾ آئون ان منزل تي پهچي سگهان، جنهن تي بابا

عباسي: ڏيپلائي صاحب هڪ آدرشي انسان هو. توهان ڪڏهن سندس نظريا گهر جي ماحول سان ٺڪر کائيندي ڏٺا؟

ثريا: اهڙن آدرشي انسانن کي اردگرد جو ماحول اهڙو ملڻ گهرجي جيڪو سندن راهه ۾ رڪاوٽ نه بڻجي. جيئن مون ڏٺو، ان سلسلي ۾ اسان جي امي بيگم حڪيم ڏيپلائي، توڙي اولاد جو بابا سان ڀرپور تعاون هو. حقيقت ۾ اهو محسوس ٿيندو هو ته بابا کي پنهنجي عيالن ۽ سوچن تان هٽائڻ ممڪن ئي ناهي. ڇو ته انهن ۾ ايتري سچائي ۽ بلندي هئي، اگرچه بعض اوقات نظرياتي طور تي اختلاف به ٿيندا هئا پر فتح هميشه بابا جي ٿيندي هئي. حالات سان سمجهوتو ۽ مجبوري پنهنجي جاءِ

تي، پر صحيح اهو هوندو هو جيڪي بابا چوندو هو.

عباسي: ڇا ڏيپلائي صاحب جو اڻ ڇپيل مواد اوهان وٽ محفوظ آهي؟

ثريا: جي ها! اسان وٽ والد صاحب جو ڪافي اڻ ڇپيل مواد موجود آهي، جنهن ۾ پڻ مواد سان گڏ، سندن زندگيءَ جا حالات پڻ تحرير ٿيل آهن؟ اهم شخصيتن جا خط پڻ آهن، جيڪي اسان وٽ محفوظ آهن.

عباسي: ڏيپلائي مرحوم پنهنجي پويان هڪ اشاعتي ادارو پريس سميت ڇڏي ويو آهي. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته سندس پوينرن انهيءَ اشاعتي اداري کي اڳتي نه وڌايو. ان جا ڪارڻ؟

ثريا: ان سلسلي ۾ خواهش جي باوجود به ڪجهه ڪري نٿو سگهجي. ڇاڪاڻ ته وڏو ڀاءُ محمد علي ڏيپلائي سروس جي سلسلي ۾ ايران ۾ ٿو رهي، عبدالرحمان ڏيپلائي رياض (سعودي عرب) ۾ رهي ٿو ۽ ننڍو ڀاءُ ڊاڪٽر حبيب الرحمان پنهنجي پروفشن باعث ۽ هتيجي مڪمل ذميدارين ڪٽڻ جي ڪري، پريس هلائڻ مناسب وقت نٿو ڪڍي سگهي. اگرچه اڪثر ان سلسلي ۾ سوچيون به ٿا، پر في الحال اهو ممڪن ناهي. مستقبل ۾ ٿي به سگهي ٿو.

عباسي: ڏيپلائي صاحب مرحوم جيڪو سنڌي صحافت جو ابو هو ۽ هن سموري زندگي ننڍا ننڍا ڪتابڙا لکيا، جيڪي هن وقت ناپيد آهن. اوهان هڪ ليکڪ به آهيو ڏيپلائي صاحب جي سمورين لکڻين کي سهڙي، گڏ ڪري "ڪامڪنيڊ ورڪس" جي صورت ۾ ڪنهن پبليشر جي حوالي ڇو نٿا ڪريو جيڪو ان کي ڇپرائي نئين نسل آڏو پيش ڪري.

ثريا: بابا جا لکيل ڪتاب تمام گهڻا آهن، جن کي پيهر ڇپرائي عوام تائين پهچائڻ جو پختو ارادو اٿئون. هنن ڇهن سالن ۾ ڪوشش ڪئي سون پر انتهائي تلخ تجربا سامهون آيا جو خرچ جي باوجود پڻ اهو ڪم اسان جي مرضيءَ مطابق ٿي نه سگهيو، بهرحال سنڌ الاجيءَ وارن هاڻ بابا جا چونڊ ڊراما شايع ڪرڻ جو پروگرام ٺاهيو آهي. جيڪي جلد پڌرا

رباسوز ڏيپلائي ڳهرو لباس ۾ نظر اچي ٿي

ٿيندا. ”سانگهڙ“ ناول پڻ محترم محمد سومري صاحب شايع ڪري پڌرو ڪيو آهي. ان ڪانسواءِ اسان پاڻ ناماري ليکڪ ظفر حسن جي رهنمائي ۾ ڏيپلائي اڪيڊمي قائم ڪئي آهي جنهن جو اعلان جلد ڪيو ويندو. ان اڪيڊمي تحت بابا جا سمورا ڪتاب شايع ڪيا ويندا. ان هوندي به جيڪڏهن ڪو پبلشر دلچسپي رکي ٿو ته اسان ڀرپور تعاون ڪنداسين جيئن نئين

(ڏسو بقايا صفحو ١٩٤)

پير علي محمد راشدي

مشرق و مغرب

اے آنکه دورمی طلبی از مزارها
از مرقد منور پروانه غافلی

تاريخ پاڪستان جي تدوين ۽ نظريه پاڪستان شرح جي اينگهائڻ سان جتي اهل نظر کي ڪجهه خطرا محسوس ٿي رهيا آهن، اتي بعض حضرات کي شايد جلد فائدا به ڏسڻ ۾ ايندا هجن.

خطرا هي آهن ته تاخير سان ڪمترائي دستاويز انهيءَ وچ ۾ گم ٿي ويندا ۽ ڪجهه اکين ڏٺا شاهد جيڪي هن وقت تائين زنده آهن، اهي به ختم ٿي ويا هوندا. انهيءَ ڪانپوءِ جيڪو زبردست معلوماتي خال پيدا ٿيندو، ان کي پرڻ جو ڪم دشمنن يا نادان دوستن جي حوالي ٿي ويندو، جيڪي تاريخ ۽ نظريه ٻنهي جي تاهي پيٽي کي اڊيڙي ڇڏيندا.

هندن ۽ مغربي تاريخ نويسن جڏهن مسلمانن جي تاريخ لکي ته انهن پنهنجي قلم جو سمورو زور مسلمان حڪمرانن جي فرضي ظلمن کي بيان ڪرڻ تي صرف ڪيو ۽ انهن جي ڪابه چڱائي انهن کي قابل ذڪر نظر نه آئي. نتيجو هيءُ نڪتو ته مجموعي طرح جديد ذهنن اهو تاثر ورتو ته مسلمانن جا ڪيئي دور انسان جي حق ۾ مصيبت ثابت ٿيا ۽ جن طاقتن انهن کي ختم ڪيو انهن انسان ذات تي احسان ڪيو. انگريزن جڏهن پلاسيءَ جي جنگ کٽي يا اوڌ سان مسلمانن جي حڪومت ختم ڪئي ته انهن جي تاريخ نويس مفتوح حڪمرانن جي عياشين

۽ اخلاقي ڪمزورين ڪي (جيڪي گهڻو ڪري هٿرادو ڪهاڻين تي مبني هيون) ايتريقدر وڌائي قلمبند جو غاصب ۽ جارح انگريز انساني قدرن جا حقيقي محافظ ۽ عوام جا محسن نظر اچڻ لڳا.

اهوئي حال سينٽرل ايشيا جي مسلمان خوانين جي ڪوائف جو ٿيو. اڄ توهان روسين جي لکيل تاريخ ڏسو ته توهان کي اهي مظلوم بدترين آدمخور نظر ايندا.

تاريخ نويسي ۾ اهو ٿيندو آهي، ٿيندو رهيو آهي ۽ ٿيندو رهندو. خدا اهو وقت نه آڻي جو ڪنهن ذهني خال جي دوران ۾ قلم دشمن جي هٿ اچي وڃي.

جيڪڏهن نظريه يا قومي عقيده يا سياسي موقف جي بروقت صاف ۽ شفاف لفظن ۾ ڪي طريقي سان شرح نه ٿي ته بعد ۾ خدانخواسته دشمن کي هيءُ موقعو مليو ۽ هيءَ ضرورت پيش آئي ته هو ان کي غير حقيقي، سطحي ۽ جذباتي شوشو يا انگريز جو ڪرتب يا هڪ وقتي سياسي اسٽنٽ ثابت ڪن ته ان وقت ان طوفان کي نه تشريح سان نه شهادت جو جام نوش ڪرڻ سان، نه ئي معني ڏيارڻ سان، نه مذهب جي اوٽ وٺڻ سان روڪي سگهبو. ان وقت تائين دنيا گهڻو اڳتي وڌي چڪي هوندي.

نظريه جو تحفظ لفظن ۽ دليلن سان سگهي ٿو جيڪي انسان جي ذهن کي قائل ڪري سگهن، نه ئي جسماني زورآزمائي سان انسان جو ذهن اڳتي وڌي رهيو آهي، پٺتي سري نه رهيو آهي.

اسان جو ٻـن قومن وارو پاڪستاني نظريو جيتوڻيڪ چند سچائين ۽ ٺوس تاريخي حقيقتن جي پيداوار آهي ۽ انشاء اللـه ناقابل ترديد ۽ تنسيخ آهي. انجي حفاظت ۽ بقا جو راز پوءِ به انجي صحيح تشريح ۾ سمايل آهي، نه مبهم ۽ ڊيچارينڊز (استخفاف ۽ استهلاڪ) لفظن جي استعمال ۾ يا ڪنهن اهڙي ذهني خلفشار ۾ جو جيترا وات اوترا تعبير ٿيندا رهن ۽ هر

هو نساڪ ۽ خود غرض شخص نظريہ جي رسي ٻاڻ ڏانهن ڇڪيندو رهي ۽ ان جو ڦندو بنائي مخالفن جي ڳچيءَ ۾ وجهندو رهي.

تازو توهان ڏٺو هوندو تہ انهيءَ نظريہ جي تخليق تي ڪيترن طرفن کان حملا شروع ٿي ويا آهن، جيڪي ضعيف علامتون معلوم ٿين ٿا. اڄ کان پنجاهہ سال بعد پيدا ٿيندڙ غلط فهمين ۽ غلط بيانين جي ہرندڙ جبل مان ان جو رد ۽ علاج نہ تہ ڪنهن اعتراض ڪندڙ کي هڪدم جيل ۾ وجهي ٿي سگهي ٿو، نہ ٻي سود ڳارين سان. اهڙي ہارائين حرڪس سان تہ اعتراض ڪندڙن جو حلقو وسيع تر ٿيندو ۽ دنيا جو توجهہ اها بہ انهيءَ طرف ڇڪجي ويندو ۽ ان کي اهو باور ڪرڻ جو موقعو ملندو تہ (معاذ الله) هيءُ نظريو اها تائين پختو نہ آهي، اها تائين زير بحث آهي ۽ هن وقت تائين اهو خود اسانجي پنهنجي سوچ ۾ هڪ مستقل ذهن جي صورت اختيار ڪري نہ سگهيو آهي.

ہڏايو، نظريہ جا نادان دوست نظريہ سان ان کان وڌيڪ کهڙي دشمني ڪري سگهن ٿا؟

صدر محمد ضياءالحق تازو صحيح فرمايو آهي تہ انهن چيزن کي قوم کي پنهنجي عقل سليم تي ڇڏڻ گهرجي.. جنهن جي معني هيءَ ٿي تہ حرين وانگر قانون جو ڏنڊو ڪٽي ... ... پنيان ڊوڙڻ نہ گهرجي.

يقين سان تہ مان تئو چئي سگهان البت منهنجو گمان آهي تہ ٿي سگهي ٿو تہ صدر صاحب جو بہ انهيءَ باري ۾ اهوئي عقيدو هجي جيڪو هن فقير جو آهي يعني هيءُ تہ:-

"اسان جو نظريو هڪ عظيم انقلابي اسلامي نظريو آهي جيڪو ايندڙ زماني ۾ ۽ جيڪي حالتون آسپاس ۾ ٿيندڙ نظر اچي رهيون آهن، انهن جي ڪري ڪنهن ڏينهن وڌيڪ ترقي ڪري دنيا جي سموري اسلامي ملت جي احساسات خودي ۽ خودي اعتماديءَ کي بيدار ڪندو ۽ هي ملت جي ڪاروبار دينوي

۾ ديني ۽ هڪ عليحده شخصيت ابري ايندي

جن حالتن يا همسايه جي جن نامهربانين اسان کي جيڪي ڪافي عرصي کان خواب خرگوش ۾ هٿاسين. اوهتو جاڳائي انهن نظريه مان فائدو وٺڻ تي آماريو. اهڙي حالتون دنيا جي جنهن علائقي ۾ پيدا ٿينديون، اتان جا مسلمان اسان وانگر انهيءَ نظريه مان چنبڙي پوڻ تي مجبور ٿيندا.

توهان ڏسو ۽ زماني جون بدلجندڙ حالتون ڏسندا رهو! اسان جو نظريو مرندو ڪونه، مسخ نه ٿيندو پر انسان ذات جي هڪ وڏي حصي جي ذهنن ۾ سمائجي ويندو. انهيءَ وچ ۾ تحمل ڪريو، عقل مان ڪم وٺو. وقت جي ڪارفرمائين کي ڏسندا رهو، هاڻي نئي بدحواس ٿي پنهنجي ملڪ کي تماشه گاهه يا دماغي مريضن جي اسپتال نه بنايو.

(٢)

مان عرض ڪري چڪو آهيان ته اسان جي تاريخ نه لکڻ سان ٿي سگهي ٿو ته ڪن ماڻهن کي ڪجهه فائدا مدنظر هجن. مثال طور:

(١) بعض حضرات، جن کي قائداعظم کي ڏسڻ جي سعادت به حاصل نه ٿي هئي يا انهن جي پيدائش ئي بعد جي هوندي، انهن کي قائد رحمت الله عليه جو "دست راست" سڏائڻ ۾ انهيءَ طريقي سان پنهنجو سياسي دڪان چمڪائڻ جي سهولت رهندي هوندي، قائداعظم جي ڪهترن "دست راست" سان هن وقت تائين توهان کي واسطو پيو آهي؟ في الحقيقت ايترا هٿ ته انسان جا هوندا به نه آهن.)

(٢) جن گروهن قائداعظم ۽ خواهه پاڪستان جي شديد مخالفت ڪئي هئي [بلڪ ان تي چري مان حملو به ڪرائي چڪا هئا] ۽ نين حالتن ۾ انهن کي ضرورت پيش آئي آهي ته هو ان جو نالو وٺي اقتدار حاصل ڪن، انهن گروهن کي تاريخي

رڪارڊ نه هجڻ يا ان جي گم شدگيءَ سان پنهنجي ماضيءَ کي لڪائڻ ۾ وڏي مدد ملندي هوندي.

[۳] نظريہ جو تعبير پنهنجي فوري ذاتي مقصدن جي مطابق ڪرڻ ۾ معلوماتي خال جي ڪري بعض اصحاب، کي آساني رهندي هوندي، جڏهن تاريخ ئي اڻ لڀ هجي ته ڪنهن چيز کي پنهنجي منشا جي مطابق چڪر ڏيڻ ۾ ڪهڙي ڏکيائي پيش اچي سگهي ٿي؟ انهن کي ڪهڙي پرواهہ ته:

ع۔ شد پريشان خواب من از کثرت تعبير ها!

[۴] وقت گذاري جو هڪ هيءَ ذريعو بہ غير معينہ عرصي تائين ڪليل نظر ايندو رهندو۔ حقائق کان بي نياز ٿي جيڪڏهن صرف لڪتوڻي هجي ته هيءَ سلسلو ڪافي دراز ٿي سگهي ٿو.

(۳)

انهن ابتدائي اصولي معروضات کانپوءِ سون کي جيڪا گذارش ڪرڻي آهي، اها هيءَ آهي ته انهن حالتن ۾ جيڪو شخص بہ تاريخ لکي يا ڪيس لکڻ جو موقعو ملي ته اهو هن ڏورانهين علائقي جي پاڪستان جي پراڻن خدمتگارن [عبدالله هارون، شيخ عبدالمجيد سنڌي، عبيدالله سنڌي، غلام محمد ڀرڳڙي محمد ايوب کهڙو، قاضي فضل الله، آغا غلام نبي درس، حقاني يا انهن معتوبن جن جون جوانيون قوم جي خدمت، ۽ نظريہ پاڪستان ۾ صرف ٿي ويون مگر هائي انهن جا نالا بہ ڪن ماڻهن جي ڪنن تي گران گذرن ٿا) جيڪو بہ حال ڪري يا انهن کي جيتري قدر بہ وساري ڇڏي ان کي ڪوبہ روڪڻ وارو نہ هوندو البت ان کي هتان جي هڪ گمنام سپاهي کي خدا واسطي نہ وسارڻ گهرجي جنهن ساري زندگي مسلمان قوم جي خدمت ڪئي مگر قوم کان معاوضو نہ ورتو. ساري عمر محنت ڪئي ۽ محنت ڪندي ڪندي مري بہ ويو. مگر نہ مزدوري طلب ڪيائين، نہ احسان ڏيکاريائين پکوڙن ڪيائون، تہ فاقہ مست رهيو، جيل ۾ ويو تہ مشقت کي مسرت سمجهيائين،

غيرن کيس ستايو ته به ڪجهه نه ڪيائين، پنهنجن لاپرواهي ڪئي ته اف نه ڪيائين، صحافت ڪيائين ته صحافت کي امانت سمجهيائين، ايترو لکيائين جو سندس جسماني قوتون جواب ڏئي ويون مگر همت نه هاريائين، اڌ رنگ ٿيس ته بيهوش رهيو مگر انهيءَ حالت ۾ به وات مان ڪڏهن آواز نڪتو تــه "واسڪوٽ آڻيو، رڪشا گهرايو دفتر وڃڻو آهي، ڪم ڪرڻو آهي"

ڪم سان محبت جو هيءُ حال هو جو هڪ سو چاليهه ڪتاب (بعض ضخيم ۽ ڪيئي جلدن تـي مشتمل) ۽ هزارين مضمون لکڻ کان علاوه ڪيئي رسالا ۽ اخبار به هلائيندو رهيو. انسان هو يا جن، هيءُ ان جي صحافت ڏي يا انگريز کان بغاوت ۽ هندو کان نفرت جي علامت، اهو فيصلو ڪرڻ مشڪل هو.

سورهين ورهين جي عمر ۾ هه دکي ۽ چوٽ سالن تائين نه اجهاڻي. دل جي باهه هئي لڳي ته نه اجهاڻي. انهيءَ باهه جي ڪرشمن جو اهل بصيرت کي خوب اندازو رهيو آهي. جتي اها باهه ٻرڪي لوهه کي سون بنائي ڇڏيائين. ان جي جلايل عاشقن جي پيرن جا نشان اڄ به نجد جي صحرا کان وٺي جامع مسجد دهلي جي ڏاڪڻين جي سامهون تائين جتي سرمد ستل آهي، اهل دل جا سجده گاهه بنيل آهن.

(۴)

اسلام جو هي سپاهي سنڌ جي هڪ اهڙي علائقي جي پيدائش هو. جتي هر طرف محرومي، مايوسي ۽ اونداهي ڇانيل هوندي آهي. ٿرپارڪر جو ريگستان جنهن جون وسعتون ته ناقابل پيمائش آهن مگر اتي رهڻ جو انسان جي پنهنجي سخت جاني کان علاوه ڪوبه سامان ناهي. نه رستا، نه پاڻي، نــه روشني، نه تعليم، نه خوراڪ جي پيداوار، نه جانورن جي لاءِ گاهه، نه علاج جو انتظام— هر چيز جو مدار وقتي برسات تي، برسات نه هجي ته ڏڪار، خانه بدوشي، ٻـچ ٻچان، رفاقت جـي لاءِ هرڻ ۽ هرڻيون ۽ سانڍو هاٿي انهن کي به ماري ساري ختم ڪري ڇڪا آهن. باقي نانگ هر طرف، اٿندي ويهندي سمهندي نانگ ئي

نانگ طرح طرح جا نهو ڏيئي گهوڙيسوارن کي ڏنگ هڻڻ وارا ڏنگ هڻن ته علاج جو انتظام ناهي سواءِ جهاڙ ڦوڪ جي.

ته اهڙي ويراني مان جيڪو به شخص توهان جي خدمت لاءِ اٿندو اهو دل جليو ٿي هوندو ڳالهائيندو ته وات مان باهه جا شعلا نڪرندا، لکندو ته قلم جي چهنب مان رت ٽمندو ان جي سوچ سنڌ جي دل جلي ڳوٺاڻي جي سوچ هئي. ان جو آواز محرومين جي ماريل ڳوٺاڻي جو آواز هو. انهي تحرير جي تلخي هر هلائيندڙ هاري جي قنوطيت جو عڪس هئي.
هي اهو انساني ذڻ هو جيڪو انهيءَ وقت تائين ڳالهائڻ جي قوت کان محروم رهيو هو ۽ اهو معلوم نه ٿي سگهيو هو ته پيدا ڇو ٿيو. ۽ هيءَ محنت ۽ مشقت صرف انهي ڇو مقدر بڻي؟

(۵)

لازم هو ته جلدهن هيءَ دل جليو سپاهي ميدان ۾ آيو ته ان کي سڀ کا اول انهيءَ خباثتن سان نبرڻو هو جن سندس چاڻ جي مطابق سندس قوم جي زندگي زهر ڪري ڇڏي هئي سندس سامهون پنج خباثتون هيون.

(۱) انگريز (۲) هندو (۳) وڏيرو (۴) پير ۽ (۵) خاڪم بدهن) جناب ملا.

هڪ سندس ملڪ کي غلام بنائي رکيو هو ۽ نوڪر شاهي کي آزاد ڇڏيو هو ته اها قوم جو رت چوسيندي رهي.
ٻيو سندس معيشت ۽ سياست کي تباهه ڪرڻ بعد هاڻي اينٽريڪلدر بيباڪ ٿي ويو هو جو انهيءَ نابڪار پنهنجي لٽريچر جي ذريعي خود خدا پاڪ ۽ هادي برحق صلعم جي خلاف به محاذ قائم ڪري ڇڏيو هو. مسلمانن جو جيڪو حال انهن جي هٿان ٿي رهيو هو، اها خاموشيءَ سان سهڻ جهڙي چيز هئي، پڌائڻ جي ڳالهه نه هئي ۽ جيڪڏهن ڪو گستاخ ٿي ڳالهائيندو هو ته ان کي جيل ۾ وجهرايو ويندو.
ٽيون غريبن جي پيٽ ۾ پنهنجا چنبا وجهيو ويٺو هو ۽ انهن جي تعليم، سياسي بيداري ۽ معاشي خوشحالي جا رستا

روڪي ڇڏيو هو.

نمبر ۴ ۽ نمبر ۵ قوم جي بي علميءَ جو فائدو وٺندي ان جي ذهن ۽ ايمان کي ڏانوا ڏول ڪرڻ جي لاءِ اهڙي ڪارگذارين ۾ مصروف هئا جو انهن جي بيان ڪرڻ جي هاڻي نه همت نه ٿي رهي آهي ڇاڪاڻ ته گناهن جي باهه ۾ سڙيل انهن ٻوٽن کي ٻيهر سرسبز ڪرڻ جي لاءِ نئين سر بهار جي موسم جي آمد جو غلغلو پڌڻ ۾ اچي رهيو آهي.

بهرحال انهيءَ باغي سپاهي اهڙين مصلحتن جو ڪوبه خيال نه ڪيو. هو قلم جو خنجر هٿ ۾ کڻي هڪ ئي وقت سڀني ڏانهن ڊوڙيو.

هيءَ ڳالهه ياد رکڻ جي آهي ته جيڪڏهن انهيءَ سليٽ کي جنهن تي هڪ ئي مقصد سان هڪ ئي مضمون خط جي مختلف قسمن ۾ لکيل هو، صاف نه ڪيو وڃي ها ته سنڌ مسلمانن جو جاڳي پوڻ، قائداعظم جي لشڪر ۾ داخل ٿيڻ، پاڪستان جو سپاهي بڻجڻ، منزل ڳاهه جو معرڪو ڪرڻ ۽ نباهڻ ۽ هندو ۽ انگريز کي ڪيهڻ ۾ ڪيهڻ سنڌ جي علائقي مان خارج ڪرڻ سنهنجي ڇاڻ ۾ قرين قياس نه هو. ايتريقدر همه گير انقلاب جي لاءِ انساني ذهن کي تيار ڪرڻ هو ۽ اهو ڪم انهيءَ سپاهي سرانجام ڏنو.

هن پنهنجو مرڪز حيدرآباد ۾ بنايو جيڪو شهر انهيءَ زماني ۾ ڪافر قلعو سمجهيو ويندو هو. دشمن جي گهر ۾ ويهي هن ڪم ڪيو. " در بلا باش گرد بلا مباش " اتي انهيءَ زماني ۾ هندو سياستدانن ۽ قلمڪارن جو ڳڙهه هو. مسلمانن جي خلاف جيتريون سياسي سازشون ٿيون هيون، اهي حيدرآباد مان شروع ٿيون هيون. اسلام ۽ مسلمانن جي خلاف جيترو زهريلو لٽريچر تيار ڪيو ويندو هو، اهو اتان تيار ٿيندو هو. انهن جا ڪيترائي رسالا ۽ روزانه اخبارون اتان ئي نڪرنديون هيون. سنڌي لٽريچر جي تاريخ ۾ جيتريون ممتاز هندو شخصيتون نظر اچن ٿيون انهن سڀني جي پيدائش اتان جي هئي. انهن سڀني جو هڪ ئي

وقت قلمي محاظ تي مقابلو ڪرڻ دل گردي جو ڪم هو جڏهن ته انگريز سرڪار جي پٺڀرائي به انهن کي حاصل هئي.

(٦)

انهيءَ سپاهيءَ جو نالو به عرض ڪريان؟ محمد عثمان ڏيپلائي مرحوم جنهن جي وفات ٥ فيبروري ١٩٨١ع تي ٽئين سال اڳ ٿي هئي.

انا لله و انا اليه راجعون.

ڪنهن عربيءَ جي شاعر ڪهڙو نه خوب چيو آهي:

تمتع من شميم عــــوار نـجد
ومـــا بعدالعشية مـــن عوار

(نجد جي صحرا جي خوشبودار گاهه مان جي ڀري لطف اندوز ٿيو، اهو هڪ ئي شام بهار آور هوندو آهي.)

اسان وٽ به سنڌ جي صحرا مان هڪ شام بهار شميم (خوشبو) آئي هئي ۽ گذري ويئي. هاڻي نه اها شام بهار نه اها خوشبو ۽ نه ان مان لطف وٺڻ وارا هر شئي عارضي، هر شئي فاني.

رهــے نـــام الـله ڪا.

(شڪريه روزانه جنگ ڪراچي ٥ فيبروري ١٩٨٢ع)

**

جي . ايم . سيّد

ميان محمد عثمان ولد ميان
حبيب الله ميمڻ ڏيپلائي

ميان محمد عثمان ولد ميان حبيب الله ميمڻ ڏيپلائي.
ميان محمد عثمان ١٣ جون ١٩٠٨ تي ڏيپلي جي ڳوٺ ضلعي ٿرپارڪر ۾ ڄائو. سندس والد ننڍو واپاري هو. انهي ٿي ڇهه ست درجا سنڌي پاس ڪيائين، ستن پيٽن جو هڪڙو پاڙ هئڻ ڪري، کيس مائٽن مليءَ ۾ انگريزي پڙهڻ لاءِ موڪلي نه سگهيا. فارسي هڪ مولويءَ کان پڙهيائين- آهستي ڪري گجراتي هندي، گرمکي، اردو ۽ ٿوري انگريزي سکي ويو، عربي جي تعليم ڪانه اٿس، پر قرآن شريف سمجهي ويندو آهي- اڳتي هلي سنڌيءَ ۾ اديب فاضل پاس ڪيائين، ۽ انگريزي ميٽرڪ پهرين واهار ڪيائين، پر ان مان گذر معاش ڪافي نه ملڻ ڪري، زميندارن جي ملازمت ۾ ٽيهن سالن تائين رهيو، هي ٽنڊي باگي بدين، ڪپري، ميرپورخاص ۽ عمرڪوٽ جي مختلف زميندارن وٽ رهيو. هن کي ننڍي هوندي کان اخبار ۽ آکاڻين پڙهڻ جو شوق هوندو هو، انهيءَ زماني ۾ حڪيم عبدالخالق "خليق" مورائي رسالو "ترقي" ڪڍندو هو- جنهن جي پڙهڻ ڪري کيس مضمون نويسيءَ ۾ دلچسپي پيدا ٿي. حڪيم صاحب جي انهي رسالي "علمي دنيا" ۾ پهريون افسانو "چنڊ سهڻو يا انسان" ۽ وري انهي رسالي ۾ "فريبي دنيا" لکيائين ١٩٣٤ع ۾

حيدرآباد ۾ حڪيم عبدالخالق سان ملاقات ٿيس. هن جي چوڻ تي ڪي ڪتاب ”قرآني دعائون“ لکي مسلم ادبي سوسائٽيءَ ذريعي شايع ڪرايائين. حڪيم عبدالخالق جي ناول ”سندري“ عبدالحليم شرر ۽ راشد الخيري جي ناولن به اثر ڪيو ٿو ڏسجيس ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته منشي صادق، نسيم حجازي ۽ ايم اسلم جا ناول به هن پڙهيا آهن، هن مولوي خيرمحمد نظاماڻي جي صلاح سان ”سنگدل شهزادي“ لکيو جنهن جي رٿا منشي صادق جي ڪتاب ”آرمينا ڪا چاند“ تان ورتل هئي.

هن پوءِ ”اسلاميہ دارالاشاعت“ اول ميرپورخاص ۾ قائم ڪيو. ڏيپلائي صاحب طبيعت جو پرخلوص جذباتي انسان آهي.

ان ڪري هن ابتدا کان وٺي مختلف عمل ۽ رد عمل جي چڪرن ۾ قامي تبليغي جوش سان ڪيترن مضمونن تي پڻ لکيو آهي. سندس پهريون رد عمل مولوي حاجي عبدالرحيم پچمي ۽ مولوي حاجي احمد ملاح جي اثرن هيٺ پير پرستيءَ خلاف پيدا ٿيو. هي جذهن لکڻ وبهندو آهي ته جوش جنون وچان معياري زبان کي خيرباد ڪري. طنز ۽ نڪته چينيءَ کي حد تائين پهچائي ڇڏيندو آهي. مرشدن جي خلاف جذهر لکيو اٿس، ته مرشد جي ڏاڙهي، مرشد جون ٽنگون. مرشد جو گهوڙو. مرشد جي نٽ گلستان حسن وغيره جهڙن عنوانن سان لکي وچي پار پيو آهي وري جذهن ملا واري مذهب جو شوق جاڳيو اٿس. ته ”شيوا جي شيش محل“ ۽ ”ڏاهري رنگ محل“ جهڙا ڪتاب لکي هندو سوسائٽيءَ تي حد کان ٻاهر حملا ڪيا اٿس، ته ٻئي طرف مسلمان بادشاهن ۽ حملہ آور ڌورن کي ڪي منجهان ڪجهہ بنائي ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس.

اهڙيءَ طرح پيرن جي بدعتن خلاف ڪات ڪهاڙا ڪڍندي وچي فرق پرستيءَ ۾ ڦاٿو. ڪهاڻي ڪتاب لکي ويٺو. حقيقت ۾ لکڻ جي مشون آهي. خيال ايندي هڪ ناول لکي ويندو آهي، جهڙيءَ طرح لکڻ ۾ مشق اٿس. اهڙي پڙهڻ ۾ درڪ اٿس ڪيڏو به ڪتاب جلد پڙهي ويندو آهي.

۱۹۴۲ع ۾ هي ميرپور خاص مان نڪري اچي حيدرآباد ويٺو ۱۹۴۸ع ۾ پنهنجي پريس ورتائين.

انهيءَ وچ ۾ مولانا مودوديءَ جي جماعت اسلامي جو اثر ٿيو ته ڏسجي. ان تحريڪ کي زور وٺائڻ لاءِ هر ڪا ڪوشش ڪيائين. پر اهو اثر گهڻو وقت نه رهيو ۽ سال ۱۹۴۹ع کان هي ترقي پسند ادب ۽ ترقي پسند ماڻهن جي اثر هيٺ آيو، جنهن هيٺ هي مذهبي مهندارن کي سرمايه‌دارن، زميندارن. سيٺين ۽ حاڪمن جا ڇاڙتا سمجهڻ لڳو. پوءِ انسانيت جي نالي ۾ نوان ڪتاب ۽ مضمون لکڻ شروع ڪيائين. رسالو "انسان" جاري ڪيائين. ان سلسلي ۾ "چار داڻا" ۽ "مٽيءَ ۽ ڌرتي" ڪتاب لکرائي شايع ڪيائين ۽ "ڌڪڻ کان سج ٿو ايري" "ڪورٽ نالڪ" "ڌڪار نالڪ" "امڙ" وغيره ڪتاب لکيائين ۽ پڌرا ڪيائين. ون يونٽ قائم ٿيڻ کان پوءِ هي حب الوطنيءَ جي رنگ ۾ رڱجي ويو. ان تي لکندي هڪ جڳهه تي چوي ٿو ته سنڌ جي باشندن مان هن وقت پاڪستان ۾ اهڙو ظلم روا رکيو ويو آهي. جهڙو جپانين چينين سان ڪيو. فلسطين جي عربن تي يهودين ڪيو. فرينچن الجيريا ۾ ڪيو.

هي عجيب معجون مرڪب آهي. هڪ طرف اسلاميه دارالاشاعت ذريعي مذهبي ڪتاب ڇاپيا اٿس ۽ ڇاپي رهيو آهي، ته ٻئي طرف اداره انسانيت معرفت ترقي پسند ادب ۽ حب الوطنيءَ تي ڪتاب لکي رهيو آهي. "جپاني ڪڌي" ۱۸۵۷ع جو بلوو غازي انور پاشا" وغيره ڪتاب سنڌس انهيءَ سلسلي جون ڪڙيون آهن. ڪجهه وقت هي حر تحريڪ کي پراسرار قومي تحريڪ ثابت ڪرڻ لاءِ ڪتابن لکڻ پليان لڳو رهيو. سندس لکيل وڏو ناول "سانگهڙ" پڙهڻ وٽان آهي. ڪيتريون سفيون ڳالهيون ان ۾ لکي ويو آهي. هن اڪثر ذريعن جي پرواه نه ٿئي ڪئي آهي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪي به ذريعا استعمال ڪرڻ ۾ دريغ نه ڪندو آهي.

خوشتر آن باشد ڪه سر دلبران
گفته آيــد در حديث ديگران

جو ڀرو رهيو آهي. هن جي سموري زندگي هڪ جذباتي ۽ مخاص انسان جي عمل ۽ رد عمل جي مختلف مرحلن مان گذري آهي. هڪ حد تائين منهنجي حالت به اهڙي رهي آهي. ”چوندا آهن ته دوزخ جو رستو به چڱن جذبات سان جڙيل هوندو آهي.“ ڏيپلائي صاحب مختلف مضمونن تي ١٢٧ کن ڪتاب لکيا آهن. انهن مان ڪيترا ڪتاب ضبط ٿيا اٿس. ٻه دفعا ٽرنڪ جو نيرٽ به ڪري آيو آهي. باوجود گهڻي محنت ۽ مزدوري جي مالي حالت درست نه رهي اٿس. ان جو مکيه ڪارڻ اهو آهي ته هن جذبات کي اڳيان ۽ پيٽ کي پويان پئي رکيو آهي. تازا رد عمل هن کي نيشنلزم ۽ سوشلزم طرف ڌڪي رهيا آهن. پر بنيادي طرح جذباتي هجڻ ڪري هن جو هوش جوش مٿان اڃان غلبو ڪري نه سگهيو آهي. هوش جي غلبه کان سواءِ صحيح نيشنلزم ۽ سوشلزم جي راهه هٿ اچڻ مشڪل آهي. کيس ٽي فرزند آهن (١) محمد علي (٢) عبدالرحمان (٣) حبيب الرحمان.

سندس لکيل ڪتابن جي لسٽ آخر ۾ ڏٺي سگهندا. هي مضمون ڪتاب جهڙ گذاريم جنهن تان ورتل آهي.

ڊي ايم ايل اي سيڪٽر ٢ حيدرآباد ميجر جنرل سعيدالدين قاضي سندس آفيس ۾ مقامي اخبارن جي ايڊيٽرن سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي ان گڏجاڻي ۾ ڏيپلائي مرحوم به نظر اچي ٿو.

مرحوم پنهنجي هڪ ڏوهٽي جي سالگره ملاهيندي نظر اچي ٿو

۹-۱۹ سگا جي هڪ ميڙ ۾ رسول بخش پاوجي محمد ابراهيم جويو
۽ ٻين سان گڏ

رشيد ڀٽي

وساريا نه وسرن

"هاڻي محترم محمد عثمان ڏيپلائي پنهنجو افسانو پڙهندا" مرحوم مقبول ڀٽيءَ اعلان ڪيو. شايد ١٩٥٠ع جي هڪ شام هئي. مان ڪراچي کان حيدرآباد آيو هوس. هتان جي ادبي دوستن مان هت سنڌي ادبي سنگت جي قيام جي سلسلي ۾. ان وقت هت يارن جي هڪ جماعت سنڌي ادبي انجمن جي نالي سان ڪم ڪندي هئي، جنهن جون هفتيوار ادبي ڪچهريون ٽن ڏينهن ۾ گهڻو ڪري ڪراچي هوٽل ۾ ٿينديون هيون. ان شام جو مون کي به مقبول ڀٽي، پنهنجي تاريخ "سنڌي ڪتاب گهر" تان ڪراچي هوٽل ۾ وٺي آيو، جتي انجمن جي ڪچهري رکيل هئي. سڀني يارن سان ات گڏجاڻي جو سٺو موقعو هيو. مرحوم گرامي مرحوم اميد علي سرائي، حسن علي نظير، شيخ علي محمد، تنوير (جو ان وقت شايد اڃا زاهديا مغموم جو تخلص استعمال ڪندو هو) شمشيرالحدري، سراج، ابن الياس سومرو، آغا سليم، (تنهن وقت آغا شاهين) مصطفيٰ قريشي ۽ ابن حيات پنهور پڻ ڪن ادب دوست همراهن سان گڏ ڪچهريءَ ۾ ويٺا هيا. ڏيپلائي صاحب پنهنجي صدريءَ مان افسانو ڪڍيو ۽ پڙهڻ شروع ڪيو. افسانو پورو ٿيو، تنقيد ٿي ويئي. ان بعد چانهه جي دور هلندي مون ڏيپلائي صاحب کان افسانو ڏسڻ لاءِ ورتو. حيرت وٺي ويم، ۽ حيرت مرحوم جي اهليت ۽ قابليت تي اڃا تائين قائم اٿم. ٽي عالي پنا هيا. هڪ اکر به لکيل هيو. ڏيپلائي صاحب دل مان افسانو ڏاهيندو پڙهائيندو ويو هيو.

اسان مان ڪنهن کي به شڪ نه پيو هو ته ڏيپلائي صاحب کي ياد افسانو پڙهائي رهيو هيو.

لـڪن جي فن تي عبور ۽ مهارت، گرفت ۽ اعتماد جــي اها انتها مرحوم ڏيپلائي ۾ ٢٦ سال اڳ هئي. هن سڄي عمر پنهنجي لکڻ جي فن ۾ جــو رياض ڪيو هو، ان سان رشتو رکيو هيو، تنهن هــن کي ادب ۾ ان بلند مقام ۽ بــام تــي پهچايو هيو. منهنجي خيال ۾، جنهن سان پانيان ٿو ته ڪو به دوست مشڪل سان اختلاف ڪندو. اسان جي ادب ۽ زبان ۾ مرحوم قليچ بيگ کان پوءِ، جنهن شخص ادب لاءِ عرق ريزي ڪئي آدم سان مسلسل جهاد ڪيو، سو اسانجو ڏيپلائي صاحب ئي هو. ادب هن جو آدرش هيو، ادب هن جو ذريعه معاش هيو ادب هن جي زندگيءَ جو ساٿي هيو، ۽ ان وسيلي ئي هو زندگي ڀر سنڌي زبــان، ادب، سماج ۽ سنڌين جــي ذهني انقلاب لاءِ لاڳيتو جهاد ڪندو آيــو. يا عمر جهاد، جو اسان جي ادبي تاريخ ۾ ڪو ڪو خوش نصيب ڪري سگهيو آهــي. ڪيئي مجاهد آيا، ڪجهه دور ۾ پنهنجو وارو وڄائي هليا ويا، ڪي ڀي همت ۽ مايوس ٿي، ڪناره ڪشي ڪري ويا، پر هن جن مجاهدن وقت جي ڌاران سان پاڻ مٽايو، هر نئين فلسفه حيات کي پنهنجو ڪيو، زمان ۽ مڪان جي پابندين کي ٽوڙي ڇڏيو، ۽ صرف هر حالت ۽ ماحول، وقت ۽ جڳهه تي سچ ۽ سونهن، سلڇڻائيءَ ۽ سوڀيا جي پيغمبري ڪئي تن ۾ ڪن آڱرين تي ڳڻڻ وارن بزرگن مان هڪ مرحوم ڏيپلائي هــو. ادبي ۽ قومي تحريڪن ۾ اهڙن بزرگن ۾ مرحوم گرامي، ڇاڇو گدائي مرحيات، مولائي شيدائي مرحوم، سائين حسام الدين راشدي، مولانا قاسمي صاحب ۽ محترم محمد ابراهيم جويو جــا نالا به تاريخ ۾ قائم رهندا، پر سچ اهو آهي ته ڏيپلائي صاحب کهڻن ڳالهين ۾ انهن مجاهدن ۾ ڪجهه مٿيري نظر اچي ٿو.

مرحوم ڏيپلائي پنهنجي زندگي ۾ ڪلڏهن به مدي خارج نه رهيو. هن ڪلڏهن پاڻ کي پٺتي نه رکيو. هن جي سوچ ۽ سمجهه ڪلڏهن جامد ۽ ڏيئي جو پاٽي نه رهي. هو وهندڙ واهي هئي. هن معاشري جي هر دور جي هر خاميءَ ۽ اوڻائيءَ خلاف

جهاد ڪيو. هر نئين فلسفہ حيات ۽ فڪر کي انهن جي خوبين سميت پنهنجو ڪيو. هن جو ذهن هميشه ارتقاءَ انساني جو آماجگاہ رهيو، هن ڪڏهين بہ پهرو ٻي ٿيڻ قبوليو. هن کي لفظ مصلحت کان چڙ هوندي هئي، هو جو اندر رهيو سو ٻاهر هيو. منافقي مان هن ڪڏهن واتو ٿي نہ هيو. هو سدائين سچ جي سين هٿندو رهيو. سونهن جو سودو ڪندو رهيو. ۽ ڪڏهن بہ هڪ لمحي لاءِ بہ نہ سوچيائين تہ ان سين جي سزا ڪهڙي هوندي، يا سودي ۾ گهاٽو ٿيندو يا لاڀ پلئہ پوندو. هن کي رڳو پنهنجو آدرش ۽ مقصد حيات ئي آڏو هوندو هيو، جو هو سنڌي سماج جو سڌارو، سنڌين جي ذهنن ۽ نفس جو تزڪيو ۽ سنڌي زبان ۽ ادب رستي اهو ڪجهہ حاصل ڪرڻ ۽ ماڻڻ ۽ گذريل اڌ صديءَ جي اسان جي ادبي تاريخ شاهد آهي تہ مرحوم ان آدرش ۾ اها ڪاميابي حاصل ڪئي، جا اگتي جملي سنهري حرفن ۾ لکي ويندي.

سون کي پڙهڻ جو شوق ڏيپلائيءَ جي ڪتابن ڏياريو. اسلام جي تاريخ مونکي ڏيپلائي جي ڪتابن وسيلي معلوم ٿي، اندر ۾ ستل قومي جذبن کي ڏيپلائي جاڳيو، سنڌ جي فرسوده ۽ نامورنما مڪتب خيالات ۽ فڪر کي ڏيپلائي جي ڏيٺي ئي هار ڪاڏل ڪاري رات جيان هيٺو ۽ بي همت ڪيو، نئين دور ۽ فلسفي کي بہ ڏيپلائي نہ رڳو تهدل سان تسليم ڪيو، پر ان کي پنهنجي لکڻين ۾ بہ پنهنجو آدرش ڪري پيش ڪيو. هند سنڌ ۾ اردو ادب ۾ مولانا عبدالحليم شرر ۽ صادق سرهندي، ۽ هينئر نسيم حجازي بهترين تاريخي ڪهاڻيون ۽ ناول لکندڙ مڃيا وڃن ٿا، پر مان دعوىٰ سان چوان ٿو تہ ڏيپلائيءَ جا اوائلي ڪتابن نور توحيد کان عروج اسلام (اٺ جلد) تائين نبوت ۽ خلفائي راشدين جي دور تائين جي تاريخ ناول جي روپ ۾ جنهن ڪاميابي ۽ دلچسپي سان پيش ڪئي وئي آهي تنهن سان ان انداز تحرير ۾ هند سنڌ جو ڪوبہ ليکڪ برميچي نٿو سگهي. مون کي ياد آهي تہ ان وقت ڏيپلائي مرحوم سنڌي

پڙهندڙ لاءِ هڪ ڪريز هيو. سندس مٿيان تاريخي ناول ۽ ٻيا مذهبي ۽ اسلامي تاريخ جي موضوع تي لکيل ناول سنڌ جي مسجدن ۽ رات جو نماز بعد باجماعت پڙهيا ويندا هيا. ستارٿ پرڪاش جي ڪتاب جي جواب ۾ "ڏاهري رنگ محل" لکندڙ جڏهن پاڪستان جي قيام بعد آزادي جا انکور ڏسي ٿو، مذهبي منافرت جا دل ڏڪائيندڙ مناظر پسي ٿو، ۽ مذهب کي استحصال جــو اوزار استعمال ٿيندو ڏسي ٿو ته "شوڪت اســلام" ۽ "فتح اسلام" وارو دستر جنوني ڏيپلائي هڪ آزاد خيال مومن ۽ صوفي لا ڪوفي ٿـي پوي ٿو. پوءِ جــي مذهب ۽ سنڌي سماجي ميدان ۾ فرسوده ريتن ۽ رسمن جــي خلاف جهاد جنٽي ٿو پوي. اهو "مرشد جي ڏاڙهي" وارو دور هيو. ان کان پوءِ جڏهين ون يونٽ پنهنجي نتيجا ڏيکارڻ شروع ڪيا ته ڏيپلائي قومي تحريڪ جو سرگرم ڪارڪن ۽ پرچارڪ ٿـي پيو. هن ڪيترا ڪتاب ان سلسلي ۾ ڇاپيا سو ته ان دور جي هرڪارڪن کي معلوم آهي، پر ان کان علاوه به هن جوان سـڏ پنهنجي پريس ان جائز ناجائز (ڏاڍن جي قانون پٽايندڙ) اشاعت ۽ طباعت لاءِ وقف ڪري ڇڏي. ان سمي جي سائين کان ڏيپلائي وسريو نه هوندو. ڏيپلائي، گرامي، گدائيءَ ۽ جويي جهڙن بزرگن کي پاڻ کان اڳيرو ڏسي سچ پچ ته اسان جو ايمان ۽ جذبو وري جيئرو ٿي پوندو هيو. بــزم صوفيا جي ڪانفرنس هجي يا ڪا سنڌي شام، هوشوءَ جي ورسي هجي يا جشن روح رهاڻ، ڪنهن شاگرد جماعت جـو جشن هجي يا سنڌي ادبي سنگت جـو ميڙ ڪٺي به ڪڏهن به ڏيپلائيءَ غير حاضري جو مظاهرو نه ڪيو. ڏيپلائي انهن جهونن جوڳين مان هيو جي سدائين جوانن جـو جيءُ جياريندا رهندا هيا ۽ رهنمائي ڪندا رهندا هئا.

نور توحيد، ڏاهري رنگ محل، ڪٺي جو پٽ، مرشد جي ڏاڙهي، سانگهڙ، جياني ڳالهه، گورڪيءَ جي "ماءُ" ۽ آخر ۾ ايراني انقلاب، مرحوم ڏيپلائي جي سوچ ۽ فڪر ۾ ارتقا ۽ تبديلي جو نمايان مظهر آهن. اسان جي نهيءَ ۽ ان کان پــوءِ واري

نسل جو اديب ۽ ذهني ارتقا جي انهن ئي منزلن تان ٿيندو اچ
جي ماڳ تي رسيو آهي. مان اهو اعتراف ڪرڻ کان به نه
هٻڪندس. ته مون کي، ۽ منهنجي هم عصر اديبن کي، جن
بزرگ اديبن، دانشورن ۽ ادبي اڳواڻن متاثر ڪيو ۽ ذهني سوچ
جي اهميت ۽ عمل دخل ڪيو تن مان مرحوم ڏيپلائي به هڪ
اهم شخصيت هيو.

اڄ ڏيپلائي اسان ۾ نه آهي. اهو جو ڪيئڙو رحلت ڪري
ويو آهي، جو جيءَ جياريندو هيو. اهو واڍوڻڙو ويو هليو جنهن
وٽ ويٺي ڏکندو ڏور ٿيندو هيو. حيدرآباد جي شهر ۾ ڳريءَ
دل سان ايندا هياسين، هيسيل هانءَ هوندا هئا، منجهيل من کٿي
ڪراميءَ يا ڏيپلائيءَ وٽ ويهبو هيو، ڪا گهڙي ڪن ڪچهري
ڪبي هئي ته سڀ سور ۽ سوداءَ لحظي ۾ لاهي ڇڏيندا هئا.
نراس آس ۾ مٽجي ويندي هئي. دلين تان ڏکن جا درمان مٽي
ويندا هيا. زندگي ۾ اميدن ۽ آس جا سوين سج اڀري ايندا
هيا. ڏيپلائيءَ سان ملڻ ڦاران حيدرآباد جو سفر سولو لڳندو
هيو. هر ڀيري ڪا نئين ڳالهه ڪندو هو، ڪو نئون خيال
ڏيندو هيو. ڪا سنهري سوچ ڏئي ڇڏيندو هيو. پر اڄ؟ اڄ
سي لاهوتي لڏي ويا. جي جيءَ جياريندا هيا. اهو اٽڱر ۽ لازمي
عمل هيو. ارتقا ۾ ائين ئي ٿيندو آهي. نفيءَ جو اصول ڪارگهر
آهي. ڏيپلائي صاحب جي لاڏائي جي نفي اهي جيءَ آهن جي
هو پنهنجي ڪمن ۽ تحريرن سان جيئاري ويو آهي، جيسين اهي
جيئرا آهن، جيسين مرحوم جون تحريرون زنده آهن، جي زنده
رهنديون، ڏيپلائي به جيئرو آهي، ۽ جيئرو رهندو. هڪ بجاءِ
هزارين ننڍڙا ڏيپلائي پيدا ٿي پيا آهن ۽ وڌي وڻ ٿيندا ۽
ڏيپلائي کي زنده رکيو ايندا.

(١٦ جنوري ١٩٨٣ع روزانه هلال پاڪستان تان ورتل)



محمد عثمان ڏيپلائي جي يادگار اها تصوير جيڪو پهريئين
هڪ زميندار وٽ ١٠ روپين تي نوڪري ڪري رهيو هو
۽ هڪ دوست سان گڏ

باب پھريون

عربستان جي نياڻي

صبح جو سهڻو وقت آهي، سج اڀري چڪو آهي، پکي مٺڙيون ٻوليون ڪري رهيا آهن. مڪه شريف جي هڪ شاندار بنگلي ۾ هڪ معزز خاتون پلنگ تي ويٺي ڪرموڙي رهي آهي. معلوم ٿئي ٿو ته امير هجڻ سبب اڃا هنڌ تاي اٿي ڏندڻ پاڻي به نه ڪيو اٿس. هاڻي هوءَ اڃا اٿڻ جي تيارين ۾ هئي ته سامهون پنجن ورهين جي هڪ ڇوڪري دروازه مان امان امان ڪندي اندر آئي. خاتون جنهن جو نالو زينب هو، تنهن ڇوڪري کي ڏسي پيار ڀريل لڪائيءَ مان چيو: "سلمه! تون هاڻي مارڪائيندينءَ سويل ئي سويل ڪنهن جي لنڊ ڦڏائڻ ويٺي هئينءَ؟"

سلمه ڪلندي ڊوڙندي اچي سندس هنج ۾ ڪري چوڻ لڳي "مٺڙي امان! بابو اچي ٿو!"

زينب حيران ٿي چيو: "تنهنجو بابو اچي ٿو! ڪنهن توکي ٻڌايو؟ ڪوڙي!"

سلمه "نه امان! آءٌ ڪوڙ نٿي چوان، اڪرم جو بابو پرهه ڦٽيءَ مهل آيو آهي، هن ٻڌايو ته تنهنجو بابو به مون ٻنيان اچي ٿو، ڏس امي! چاچي مونکي کهڙيون نه سٺيون شيون ڏنيون آهن!"

ائين چئي، چادر مان شيون ڇوڙي ڏيکاريائينس. سڀئا رانديڪا به هئا ۽ کاڌي جون شيون به هيون. هوءَ پاراڻي مٺي ٻوليءَ ۾ چوڻ لڳي: "جيجي! منهنجو بابو مونکي هتي کان

ٻه سڄيون شيون ڏيندو ته آءٌ ٻه اڪرم کي ڏينديس. ” امي! اڪرم کي بابهنس ٻاڪر ۾ وٺي ڏاڍو پيار ڪيو، مونکي ته بابو اٿين پيار ڪندو!“

زينب يا ته خوشيءَ ۾ هئي يا هي لفظ ٻڌڻ شرط هنجي ٻنهي اکين مان ڳوڙهن جو درياهه وهڻ لڳو. هي ڏسي معصوم سلمه چوڻ لڳي: ”هان هان! امان! هي تون ڇا ٿي ڪرين؟ اڪرم جي امي ته ڏاڍي خوش ٿي هئي ۽ تون روئين ٿي!“

هاڻي زينب جي وات مان بي اختيار نڪري ويو ” هاءِ منهنجي ٻي سمجهه معصوم ٻچڙي! توکي ڪهڙي خبر ته عربستان جي نياڻيءَ جي عمر کهڻي ٿئي ٿي!“ اٿين چئي هن کي ٻاڪر پاڻي کڻي ڇاتيءَ سان لڳاياائينس.

سلمه وري ٻه انگل ڪري چوڻ لڳي ” امي امي! بابو اڄهو آيو! اٿي اڪرم جي امي‌ءَ جهڙا سٺا ڪپڙا پاءِ! اٿ! امي اٿ!“

هاڻي زينب ٻه محسوس ڪيو ته برابر هن کي سٺا ڪپڙا پائڻ کهرجن، سو اٿي هٿ منهن ڌوئي پاڻ ٻه سٺا ڪپڙا پاتائين ۽ سلمه کي ٻه عمدو وڳو پارائي سينگار ڪرايائين.

اڌ ڪلاڪ گذريو ته زينب جو خاوند قيس جي اچڻ جو غلغلو پيو. قيس هڪ دولتمند سوداگر هو ۽ هو ڏورانهن ملڪن ۾ سوداگريءَ جو سامان کڻي ويندو هو ۽ اچڻ خواه وڃڻ ۾ هڪڙن شهرن جون عمديون شيون ٻين شهرن ۾ کڻي ويندو هو. اهڙيءَ طرح هرڪنهن سوداگري ۾ حيدرآبادي عاملن وانگر کهڻو وقت لڳائيندو هو ۽ بي انداز نفعو ڪمائيندو هو.

هينئر هو ٻنهن سالن بعد موٽيو هو. هن جي وڃڻ بعد ئي سلمه ڄائي هئي. هن بابو اکين ٻه نه ڏٺو هو. ٻين ٻارن جا پيءُ ڏسي هن کي ٻه ڏاڍي سڪ ٿيندي هئي تہ ڪڏهن تہ بابو اچي.

قيس کهر اندر کهڙيو ته زينب استقبال لاءِ اڳيان وڌي ۽ معصوم سلمه ته ”منهنجا مٺڙا بابا“ چئي ڊوڙي وڃي هنجي

ننگن کي ڇهڻي. سلمه جو پيارو چهرو، هنجون وڏيون هرڻ جهڙيون اکيون، پيشاني ڪشادي ۽ نسو، پريل ننڍڙا ڳل صوف وانگر اڀريل ۽ ڳاڙهاڻ مائل، ننڍڙا سهڻا چپ، ننڍڙن ڏندن جي موتين وانگر قطار، سهڻن وارن جون ٻه ڇوٽيون سيني تان ڇڏيل، نازڪ ننڍڙا هٿ ۽ ٻانهون، جن سان ٻاهي جي ننگن کي ڀاڪر وڌو هئاءِ، اهي سڀ هڪ ٻئي جي دل کي سوڻ لاءِ ڪافي هوا ۽ هڪ لحظه لاءِ قيس جي دل تي به اثر ٿيو ۽ هن جي وات مان ٻه لفظ نڪتو "ڇوڙي!"

هن لفظ ٻڌڻ شرط زينب جو چهرو باغ باغ ٿي ويو" زينب جون هن کان اڳ "نو" نياڻيون ڄايون هيون ۽ عربستان جي ان وقت جي رواج موجب "نو" ئي جيئريون دفن ڪيون ويون هيون ۽ هڪ ٻئي ٻنهيان غمگين ماءُ جي گود خالي ڪري ويون هيون. ۽ هنکي ٻپ هو ته قيس ايندو ۽ هيءَ ڇوڪري جيئري ڏسندو ته هن کي به جيئري دفن ڪرائيندو. پر قيس جي وات مان محبت ڀريل "ڇوڙي" جو لفظ ٻڌي هن کي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ پنهنجي جگر جي ٽڪر جي سلامتي تي ٻهار ٿي ويئي!

قيس جي اچڻ جي خبر شهر ۾ اڪيئي پکڙيل هئي انهي ڪري ڪيترا معزز ٻه ملڻ لاءِ آيا هئا. قيس جي وات مان "ڇوڙي" جو لفظ نڪتو ته ٻنهان ڪنهن ڪڙاڪي دار آواز ۾ چيو "رئيس قيس! هي ڇا ٿو ٻڌان؟"

قيس ٻوٽني نهاريو. ٻنهان مشهور قريشي امير عمر بن هشام ڏسڻ ۾ آيس جو ملڻ لاءِ اچي رهيو هو. (هي اهوئي عمر بن هشام هو جو پوءِ پنهنجي جهل غرور ۽ نافرماني سبب "ابو جهل" جي لقب سان مشهور ٿيو) عمر بن هشام جو هي لفظ ٻڌي قيس يڪدم ٻاڻ سنڀاليو ۽ سلمه کي ٻانهن کان وٺي زمين تي اڇلي چوڻ لڳو: "سهڻي نانگڻي! تون سون تي اثر وجهڻ ۽ منهنجي دل کي گمراه ڪرڻ آئي آهين؟ زهر جي ڳوڙي! تون ٻاڙين ٿي ته انهي اثر وجهڻ سان آءٌ پنهنجي اکين سان پنهنجو

نالي ڏسڻ گوارا ڪندس؟ نه نه هرگز نه! اي عمر! اي ابولهب! اي وليد! اي عاص! اي عتبه! اي ابو سفيان! (ايتري ۾ اهي سڀ معزز اچي ويا هئا) آءٌ قسم ٿو کڻان ته سفر جي لٿ لاهڻ سون تـان حرام آهي، بلڪ حضرت لات ۽ منات اوليائن جو قسم ته اوهان دوستن سان تيستائين پاڪر پائي نه ملندس جيستائين هيءَ مصيبت جيڏري دفن نه ڪئي اٿم! هڪدم تيار ٿيو!"

اٿين جڏهن هر وقت هن سلمه کي پانهن کان ورتو ۽ هلڻ لڳو. هڪ دفعه زينب جي وات سان اوهنڪار نڪتي ته قيس اهڙي تکيءَ نظر سان هن ڏي نهاريو جو ڄڻ ته اکين مان شعلا نڪري رهيا هئس. هوءَ هيءَ نظر برداشت نه ڪري سگهي، ۽ ڏڪي چپ ٿي ويئي، هن جا اوڪ ڇوٽي ويا!

قيس سلمه کي وٺي هليو. معصوم سلمه کي خبر نه هئي ته ڪيڏانهن ٿا هلن. هوءَ چپ چاپ هنن سان گڏ هلڻ لڳي. شهر کان ٻاهر جيڏرين ڇوڪرين جي دفن ڪرڻ جو هڪ قبرستان هو. هيءَ قبر ته اڳ کوٽي ويئي هئي، انهي ڪري قيس سان گڏ ڪيترائي ماڻهو هـوا جن مان گهڻا قيس کان وڏي اڳتي ويا ۽ هنن هڪدم واريءَ ۾ قبر کوٽي ڇڏي. قبر وٽ پهتا، قيس سلمه کي ٻانهن مان جهلي قبر ڏي کهليو تـه هوءَ رڙيون ڪري چوڻ لڳي: "ابا! ابا! پيارا ابا! سون کي هن کڏ ۾ ٿو هٽين ڇا! هاء ابا! هي ڇا ٿو ڪرين!"

قيس هنن رڙين ڏي ڪو توجهه نه ڪيو ۽ يڪدم کڻي قبر ۾ هنيائينس ۽ پهرن جي ڏاڍن جهوڙي واري الٽائي هن تي وڌائين. هن جي رڙ تي رڙ لڳي ويئي. "هاء ابا! آءٌ جلان ٿي!" "هاء پران ٿي!" "هاء ڪامان ٿي!" "بچايو!" "بچايو!" "مونکي بچايو!"

هن معصوم جي رڙين ڌرتي ڪنبائي ڇڏي، آسمان لرزائي ڇڏيو، پر سنگدل پيءُ ۽ ظالم قريشين تي ڪوبه اثر نه ٿيو. هاڻي سڀ واري وجهڻ ۾ شريڪ ٿيا ۽ تسرت ئي غربت سلمه جون رڙيون بند ٿي ويون.

باب ٻيو

رحمت للعالمين جو ظهور

٤ ٻجي مهل هئي- قريشي هي عمدو ڪم ڪري فتح سان موٽيا ۽ ”لات منات جي جيءِ،“ ”هبل جي فتح!“ جا نعرا هڻندا شهر وٽ آيا ته غار حرا جي طرف کان هڪ چاليهن ورهن جو خوبصورت جوان ايندو ڏسڻ ۾ آيو جو نهايت شان ۽ رعب وارو هو ۽ سندس چهري مان اهڙو رعب ۽ جلال ظاهر هو جو ڪنهن کي نهارڻ جي طاقت نه هئي.

هن مجمع ۾ هڪ ڪاهن (جادوگر) ابرش نالي به هو، هو چوڻ لڳو. اي سرداران قريش! اڄ آۃ محمد ﷺ) جي چهري ۾ اهڙو رعب ۽ جلال ڏسان ٿو جو منهنجي دل ڏکي رهي آهي خبر ناهي ته اڄ هن ۾ ڪهڙي تبديلي ٿي آهي مونکي ته وڏا خطرا. نظر اچن ٿا!“

(حضرت) محمد مصطفيٰ (ﷺ) جن ڪنهن ڏي ڏسڻ کان سواءِ پنهنجي مڪان ڏي هليا ويا ۽ مجمع قيس جي گهر پهتو.

١٠ ٻجي هي مجمع روانه ٿيو هو ۽ قريبا ساڍي ٤ ٻجي واپس آيو آهي ٦ ڪلاڪ لڳو لڳ زينب دانهون ڪندي ۽ سڏڪن وارين جي ٻتن وٽ زاريون ڪندي رهي. ڪنهن مهل لات وليءَ جي ٻت وٽ فرياد ٿي ڪيائين ته منهنجي ٻوڙي کي بچاءِ ته ڪنهن مهل منات وليءَ جي ٻت کي ستايائين ٿي ته ” منهنجي جگر جو ٽڪرو موٽائي ڏيارا“ ڪنهن مهل عزاوليءَ وٽ آهون ته ڪنهن مهل هبل ولي وٽ حشر! انهن مان ناميد ٿي، ٿي .. ود، سواع، يغوث، يعوق نسر کي ٿي سڏيائين (هي سڀ اوليائن جا نالا هوا جن جا ٻت ٺاهي عرب هنن کان مشڪل ۾ مدد گهرندا هوا ته رڳو فلاڻا ولي، واهر ڪج فلاڻا اولياءَ.

زينب کي انهن پر جهان اوليائن ۾ وڏي اميد هئي. پر جڏهن مجمع موٽي آيو ۽ سلمه نه ڏٺائين تڏهن رنج و الم جي زور کان بيتاب ٿي وئي ڪوٺيءَ ۾ ڪري ۽ زار زار روئڻ لڳي، برابر ٦-٧ ڪلاڪ هن رنو، هن جي ڦٽيل جگر آهون ڪيون. پر ١٠ بجي هن کي اوچتو ڪا ڳالهه ياد اچي ويئي. عربستان ۾ رواج هو ته جڏهن ڪو مشڪل حد کان اڪريل هوندو هو تڏهن چوندا هوا ته هي مشڪل هاڻي اوليائن جي لاهڻ کان زور آهي ۽ هڪڙي الله کي پڪارڻ گهرجي! ...

زينب سمني اوليائن کان نا اميد ٿي هڪ الله کي پڪارڻ جو ارادو ڪيو ۽ بي اختيار سجدي ۾ ڪري روئي الله پاڪ کي سوال ڪرڻ لڳي ته "منهنجي ڇوڪريءَ کي بچاءِ!" برابر ٻه ڪلاڪ هيءَ رني ته اوچتو هن جي اک لڳي ويئي، هن هڪ عجيب خواب ڏٺو: ڇا ٿي ڏسي ته قبرستان ۾ هڪ ٽٽين ڦٽيل قبر وٽ هڪ فرشتو بيٺو آهي جو چويس ٿو "زينب! غم و الم کي پري ڪر. اڄ الله جو پيارو نبي رحمت اللعالمين ظاهر ٿيو هاڻي سڀني جا ڏک دور ٿيندا!"

زينب هن ڏي نهاريو ته وري هڪ ٻي نوراني صورت ڏسڻ ۾ آيس. هن کيس ڏسي بي اختيار رڙ ڪري چيو. "هي ته محمد ﷺ (صلعم) آهي. هي ته يتيمن جو يار، هيڻن جو همراه، گمراهن کي ٺئين راه ڏيکاريندڙ مظلومن جو مددگار، امانت دارن جو سردار آهي! هن کي الله پنهنجو نبي بنايو ته منهنجا ڏک بيشڪ دور ٿيا!" اتهي ڏٺائين ته سلمه قبر مان مٿو ڪڍي مرڪي رهي آهي! زينب جي منهن مان "پياري سلمه! نڪتو ۽ هو جاڳي پيئي.

باب ٽيون

پهريون پاڪ وحي

حضرت محمد ﷺ جن پنهنجي گهر آيا، سندن گهر سادو ۽ ننڍڙو هو، ڪجهه حصو پٿر جو ٺهيل ۽ ڪجهه حصو

ڪپو هو. حضرت بيبي خديجه پنهنجي محترم خاوند جي استقبال لاءِ ڊوڙي آئي مگر ڇا ڏسي ته هر جلال منهن مبارڪ ڏسي حيران ٿي ويئي!

حضور جن ٻنا ڳالهائڻ جي اندر ويا ۽ کٽ جي هڪ تڏي تي ليٽي فرمائون "زملوني!" (مون کي ڪپڙو اوڍايو)

بيبي صاحبان کين ڪپڙو اوڍائي ڪجهه غمگين ٿي ويهي رهي ته خبر ناهي اڄ کين ڇا ٿيو آهي! ڪجهه وقت بعد پاڻ ڪپڙو پري ڪري اٿي ويٺا. بيبي صاحبان پڇيو "حضور! هينئر طبيعت ڪيئن آهي؟"

پاڻ فرمايون: "ٺيڪ آهي!"

بيبي صاحبان چيو: "اڄ منهن مبارڪ سرخ ٿي رهيو آهي منهنجي دل ان جي سبب ٻڌڻ لاءِ منتظر آهي."

پاڻ فرمايائون: "خديجه (ض) اڄ هڪ عجيب واقعو ٿي گذريو آهي. آءٌ غار حرا * ۾ ويٺو هئس ته هڪ خوبصورت شخص، نهايت پاڪيزه ڪپڙا پهريل ڏسڻ ۾ آيو جنهن جي منهن مان نور چمڪاٽ ڏيئي رهيو هو. آءٌ بي اختيار هن جي استقبال لاءِ اٿي بيٺس. هن مون وٽ اچي چيو "اقراء" (يعني پڙهه)

مون جواب ڏنو ما انا بقاري (آءٌ پڙهيل نه آهيان) ⊛

هن مونکي پڪڙي پاڻ سان زور ڏيئي وري ڇڏي ڏنائين. ۽ مون ساڳيو جواب ڏنو.

هن ٽيون دفعو وري زور ڏنو ۽ چيائين اقرء باسم ربک الذي خلق، خلق الانسان من علق، اقراء و ربک الاکرم لذي علم بالقلم

---

* حرا جو غار جبل نور تي مڪه شريف کان ٽي ميل پري مينا واري رستي تي ڏاڍي طرف آهي. سندس ڊيگهه چار گز ۽ ويڪر پوڻا ٻه گز آهي.

⊛ جيئن ته حضور ﷺ جا مائٽ ننڍي هوندي فوت ٿي ويا هئا ۽ کين سندن چاچي ابو طالب پاليو هو ۽ کين واپار جي ڪم ۾ مشغول ڪري ڇڏيو هئائين ان ڪري پاڻ تعليم حاصل ڪري نه سگهيا ۽ آمي (اڻ پڙهيل) هوا.

علم الانسان مالم يعلم (پڙهه پنهنجي رب جي نالي سان، جنهن سڀ کي پيدا ڪيو، جنهن انسان کي گوشت جي ڀوڙي مان پيدا ڪيوا پڙهه تنهنجو رب نهايت مهربان آهي جنهن انسان کي قلم جي رستي علم ڏنو، انسان کي اهي ڳالهيون سيکاريائين جن جي هن کي خبر نه هئي)

ايتري پڙهائڻ بعد اهو شخص هليو ويو، مون تي هيبت ڇانئجي ويئي آهي. خديجه (رضه)! هيءَ عجب ڳالهه نه آهي؟"

بيبي صاحبان جن چيو" عجيب ڳالهه بيشڪ آهي، مگر حضور جن انهي ڪري پريشان ڇو ٿا ٿين؟"

پاڻ فرمايائون: "مون کي پنهنجي جان جو خطرو ڏسڻ ۾ اچي ٿوا"

بيبي صاحبان دلاسي طور چيو" "هرگز نه اوهان کي فڪر ڪرڻ نه گهرجي، خدا جو قسم! رب پاڪ اوهان کي ڪڏهين به تڪليف نه ڏيندوا ڇو ته اوهين هميشه عزيزن سان محبت رکو ٿا، هميشه سچ ڳالهايو ٿا، غريبن کي مالي مدد ڏيو ٿا، اوهان ۾ اهي گڻ آهن جي پين ۾ ناهن. مهمان نواز آهيو ۽ حق جي ڳالهين ۽ نيڪ ڪمن جي سبب کان جيڪڏهين ڪنهن تي ڪا تڪليف اچي ٿي ته اوهين انهي جي مدد فرمايو ٿا!"

پاڻ چپ ڪري ويچار ڪرڻ لڳا، بيبي صاحبان کي سائن بي انداز محبت هئي ۽ کين به سائس نهايت گهڻي محبت هئي، ايتري قدر جو باوجوديڪ بيبي صاحبان کانئن ۱۵ ورهيه ۾ وڏي هئي تڏهن به سندس حياتي ۾ ٻي شادي نه ڪيائون ۽ سندس وفات بعد به هميشه سندس تعريف ڪندا هئا. سندس سهلين کي عزت ڏيندا هئا. هڪ دفعه انساني فطرت موجب بي بي عائشه رضه چيو: توهان هر وقت هن جي تعريف ڇو ٿا ڪريوا ڇا خدا تعالى هن کان ننڍيءَ عمر جون زالون توهان کي نه ڏياريون آهن؟"

(بيبي عائشه جن جي عمر ننڍي هئي ۽ ٻيون به ڪي بيبيون ننڍيون هيون) مگر پاڻ جواب ۾ ٿڌو ساه کڻي چيائون "عائشه (رضه) خديجه (رضه) جي برابر مونکي ڪابه ٿي نه سگهندي،

هو اهو گلاب جو گل هو جنهنجي خوشبوء ڪومائجڻ بعد به، منهنجي دماغ مان نه ويئي آهي!"

بيبي صاحبان جن کين اکر به ٻڌي چيو: "اوهين مهرباني ڪري مون سان گڏ جي منهنجي سوٽ ورقه وٽ هلو جو توريت ۽ انجيل جو ماهر آهي، عبراني زبان جو قابل آهي، هو هيءَ ڳالهه ٻڌي اسان کي سمجهائي ڏيئي سگهندو."

پاڻ هلڻ لاءِ بول ڪيائون: بيبي صاحبان چادر ڍڪي ۽ ورقه جي گهر آيا. ورقه تمام پيرسن هو. هن حضور جن جي ڏاڍي مرحبا ڪئي.

بيبي صاحبان کيس سڄو احوال ٻڌايو. هن سڀ ٻڌي چيو " يا محمد ﷺ آءٌ اوهان کي مبارڪ ڏيان ٿو! هي اهوئي ناموس اڪبر آهي جو حضرت موسيٰ تي آيو هو."

حضور جن فرمايو: "ڇا! ذرا کولي ٻڌايو."

ورقه چيو: ٻڌو يا محمد! توهان کي رب تعاليٰ نبوت لاءِ چونڊيو آهي- اوهين پيغمبر آخرزمان ٿيندو- توهين اهي پيغمبر آهيو جن جي بشارت توريت ۽ انجيل ۾ موجود آهن جنهن جي اچڻ جي مبارڪ حضرت عيسيٰ به ڏني آهي ته حضرت موسيٰ به اوهان جي امت ساري جهان ۾ پکڙي ويندي!"

پاڻ فرمايائون: "ڇا الله پاڪ منهنجي هٿان نئون مذهب پکيڙيندو؟"

ورقه جواب ڏنو " نئون مذهب نه، بلڪ حضرت ابراهيم وارو، هڪ ڏڻيءَ کي ٺي سائين سمجهڻ وارو مذهب، وري نئين سر اوهان جي زريعه پکڙندو- ڪهڙو نه ڀلو ٿئي جيڪڏهن آءٌ جوان هجان ۽ انهي وقت تائين جيئرو رهان، اوهان سان هم ڪاب هجان جڏهن اوهين مذهب اسلام پکيڙيندڙ ۽ اوهان جي قوم اوهان کي وطن ڪاڻ ٻاهر ڪڍندي!"

پاڻ حيران ٿي چيائون: "ڇا منهنجي قوم مونکي وطن مان ڪڍندي؟"

ورقه چيو: "هائو. دنيا ۾ جڏهين ڪو رسول، خدا جو

حڪم آئيندڙ آيو آهي تڏهن قوم هن سان دشمني ڪئي آهي اوهان سان به ائين ئي ٿيندو."

هاڻي بيبي صاحبان جن پڇيو: "مگر ڪين جان جو انديشه ته نه آهي؟"

ورقه جواب ڏنو: "بلڪل نه! حضور اوهين ڪو به فڪر نه ڪريو الله پاڪ اوهان جو هر حال ۾ حامي ۽ مددگار رهندو!"

پاڻ فرمايائون ته "جيڪڏهين الله پاڪ منهنجو مددگار آهي ته پوءِ مونکي ڪهڙي پرواه آهي!"

هاڻي پاڻ اٿڻ لڳا ته ورقه چيو: "حضور! آءٌ پيرسن آهيان، گهٽو هلي نٿو سگهان. مهرباني ڪري اوهان تي خدا جي طرف ڪان جو وحي نازل ٿئي سو مونکي ٻڌائيندا وڃو."

پاڻ "انشاءَ الله تعاليٰ" چئي آئي گهر ڏي هليا.

٢-١١-١٩٦٣، ڊان جي ايڊيٽر جي مان ۾ روسي سفارتخاني طرفان ڏنل هڪ دعوت ۾ نظر اچي ٿو.

۱۹۵۹ع انجمن مديرن جرائد سنڌ جي صدر جي حيثيت ۾ ڏيپلائي صحافين جي هڪ ميڙ ۾ تقرير ڪندي نظر اچي ٿو

رٽز هوٽل حيدرآباد طلوع رسالي جي سالگره جي موقع تي مرحوم ڏيپلائي نظر اچي ٿو

ثريا سوز ڏيپلائي

ڪجھ جھڙيون ڳالھيون

سوچيان ٿي ته ڳالھيون ڪجھ آهن، ڪٿان شروع ڪريان؟ منهنجي سوچ ۾ هڪ ننڍڙي سانوري ڇوڪري اڀري ٿي، پنهنجي بابا جهڙي سانوري، آها ننڍڙي هئي ته هڪ ڀيرو پنهنجي گهر جو رستو ڀلجي ويئي، گهران نڪتي شئي وٺڻ، ۽ شئي ملي ۽ گهر جو رستو ڀلجي ويئي، نئون پاڙو هو، عمر چار سال ڏن، ويچاري ڇا ڪري، سو اچي سڏڪن ۾ پئي، الائجي ڪيئن هڪ شيدي بادشاهه کيس ڏٺو ۽ کيس ماڻائي پڇائين ته:

ڇو ٿي روئين"؟

ڇوڪريءَ جواب ڏنو،

"منهنجو گهر الائجي ڪٿي آهي؟"

پڇيائينس

"ڀلا ڏيءَ ڪنهن جي آهين؟"

چوڻ لڳي "بابا جي"

مرڪي پيو ۽ پڇيائين "تنهنجو بابا ڪندو ڇا آهي؟"

ڳوڙها اگهندي ڇوڪريءَ چيو

"اڪاڻيون لکندو آهي"

"پيو ڇا ڪندو آهي" هن وري پڇيو.

"پيو قرآن لکندو آهي" جواب ڏنائين ۽ سڏڪڻ لڳي شيدي بادشاهه شئي وٺي ڏني ۽ کيس وٺي اڪتي هيو. ٿورو هليا ته سامهون ڇوڪريءَ جو بابا ايندو ڏٺائون. ڇوڪري ته ڊوڙي وڃي جهٽي پئي ۽ پيءُ ڀاڪر ۾ کڻندي چيو

"نسو پٽ، هئين ڪٿي، اسين ته ڳوٺ ڳوٺ تڪا
اهيو ٿا!"

آهو گهر هو هن وقت جي جماعت اسلامي جي آفيس جهڪا اسٽيشن روڊ تي آهي، آها ڇوڪري هئي ثريا نسيم ڏيپلائي ۽ سندس بابا هو عثمان ڏيپلائي.

آن ڇوڪريءَ کي هاڻ سڀ ثريا سوز سڏين.

تنڊيهن ۾ ته بابا کوليو ۽ منزل تي پهچايو. ۾ اصل سفر ته شروع ئي هاڻ ٿيو اٿم، سپرين ته ساٿ ڇڏي وڃي ماڳ تي پهتا، جڳ جي هيڏي ساري ملي ۾ پاڻ کي بلڪل اڪيلي ٿي سمجهان.

اهو ته شڪر ٿيو جو مون بابا جي حياتيءَ ۾، سندس پاڙي ۾ گهر ونئي ڇڏيو هو، نه ته "ڏيپلائي منزل" ۾ ته "صبح" ڏيپلائي، جي منهن سڏن سان ٿهندي هئي، وري آتي ڪيئن رهي سگهان ها! صبح جي چاهه ۽ اخبار عبرت "ڏيپلائي منزل" ۾ لازمي هئا. مٿان وري بابا جا سڏ!!

"نسو" ڪري امڙ سڏيو يا بابا، آهي سڏ پڙڻ لاءِ هاڻ ساري عمر سڪندي رهنديس. الائجي ڇو مون کي ائين محسوس ٿيندو هو ته هي ساٿ ۽ سعادت باقي ٿوري وقت لاءِ آهي اسڪول وڃڻ کان اڳ بابا سان ڪچهري، ۽ جيئن واپس ايندي هئس ته پيار ۽ پاپوه سان ڪيل سڏ، ٽهڪا!

"نسو بابا، ڏي خبر چار، ڪهڙو حال احوال."

مرڪندڙ ماڻهو ڏسي چپن تي ڪيئن نه مرڪ اچي مرڪي چوندي هئس

"سڀ خير، بابا."

"هوندو به خير! پر ڪا ڳالهه، ڪا مُنهاز" زالندي پڇندو هو. ۽ پوءِ اهو روزمره جو معمول ٿي ويو. مون محسوس ڪيو ته بابا کي وندر لاءِ ڪچهري گهرجي" شاباس آهي منهنجي وڏڪي ۽ ٻارن کي جيڪي نه فقط مون کي بابا سان وڏيڪ وقت ڏيندا هئا. پر پاڻ به اچي محفل کي مچائيندا هئا

پوءِ هوندا هئا بابا جا نوٽڪا، ڪل، نهڪ ۽ زندگي! سچ پڇو
ته بابا تي رشڪ ايندو هئم، دعا گهرندي هئس، "شل منهنجو
مزاج بابا وانگر ٿئي! ۽ هاڻ ته چوان ٿي شل موت به بابا جهڙو
ملم- موت کي به ته لبچ آئي هوندي، اهڙي زندگي پريل
آجيان ٿي!

شاديءَ کان پوءِ جڏهن "ڏيلائي منزل" يعني ابائي
۾ ايندي هئس ته دل چاهيندي هئي ته بابا سان ڪهڙيون ڳالهيون
ڪريان. " ڪڏهن بابا ڪراچي ويل هوندو هو ته بابا جي
ڪمري ۾ وڃي ڪتابن ڪپڙن ۽ وچاڻ وٽ ويهندي هئس،
آنهن جي سرهاڻ منهنجي اندر کي اصل سرهو ڪري، واسي
ڇڏيندي هئي.

پوءِ قسمت سان وٽن ٿي رهيس، بي شمار ڳالهيون، ڪچهريون
نصيب ٿيم، مٽ مائٽ ۽ عزيز ڪڏهن پڇندا هئا،

"ڏيلائي ٻارن کي ۽ توکي خرچ وغيره ڏي؟"
آءٌ صرف مرڪي پوندي هئس- جيڪو خزانو مون کي
بابا کان مليو، اهو ذهن لا ته گهري نظر گهرجي. مٽ مائٽ
شائد اهو سوال ان ڪري پڇندا هئا جو آءٌ به بابا وانگر صرف
"دل جي خوشي" جي خزاني جي مالڪ آهيان،

پر حيرت جهڙي ڳالهه، بابا کي جڏهن به ڪو وڏو
نوٽ ڪليو ڪرائڻو هوندو هو ته هميشه مون کي چوندو هو.
۽ آءٌ ماٺ مٺ ۾ ڪنهن ٻار کي چئي صرف جو ڏهو يا چانهه
جو پڙو گهرائي نوٽ مٽارائي کين ريزڪاري ڏيندي هئس- ۽
چوندي هئس.

"بابا، باقي رهيا توهان جا مون ڏي ڏهه روپيه." ۽ پوءِ
ڏيئي ڇڏيندي هئس.

شايد بابا کي اهو احساس ٿي ويو هو ته اِنهن ڳالهين
کي مان پنهنجي لاءِ اعزاز ٿي سمجهان، سو منهنجي خوشي خاطر
(شايد) هميشه وهانو ۽ ڪرسي منهنجي هنڊائيندو هو.

مزو تڏهن آيم جڏهن بابا کي نيڪ-مٽ بڪ بورڊ

”جبن، نسو، وانڊ ڪائي هجي ته پڻ نئي زور ڏيو، نه نهيو“

ٻا چوندو هو ”تڪليف نه ٿئي ته مي قلانو ڪم ڪري ڏيو“ اسين وڏي ائين جو جنهن کي ڪو ڪم چوو آن جو ڀاڳ! سڀ ڪو ڪوشان ڪم ڪرڻ لاءِ!

”ادب ۾ ڏيپلائي“ لازم ملزم آهن، پر بامقصد شاعري بابا کي پسند هئي. اياز جي شاعري ڏاڍي وڻندي هئس، ابراهيم منشي به ڪيس بيحد متاثر ڪيو، پر تنهن ۾ مون بابا کي هونگاربندي صرف پڻ ڪلام ٻڌا هڪ سڪندي سال ٿيا ”بيو طوفان ۾ ڏيئي تي ڪهاڻي“ آن جي هڪ مصرع آهي.

لڑتی لڑتی وہ نہ تھکا۔ پھر بھی بجھ نہ سکا،
اسی کی جوت ہے تا بسل رہی سچائی کا،
چاهي تھا وہ کمزور۔ پر پوبهی نهمن دور
اسی پیسرا آتمایا تساری پلائی کا
گهڑی آئی آسکی پی امتحان کی
یہ کہانی ہے دیئی کی اور طافان کی

۽ ڏيپلائي پڻ آن ڏيئي وانگر جوت ڏيندو رهيو ۽ امر ٿيو. ڏيئي مان ڏيئا پرندا رهندا آنهي کي ڪوبه طوفان وساڻي نه سگهندو. چوو نه آهي ڏيئا آهن سجائي جا!!

* * * *

طرفان هڪ ڪتاب "عظيم سائنسي ڪوجنائون" لکڻ لاءِ ملهو ۽ بابا مون کي چيو ته:

"نسو بسابا هي ڪتاب تون لسک" ۽ ظفر حسن کي "هاڪار" جو خط به لکي ڇڏ"۔
"پر بابا، ملهو توهان کي آهي، آءٌ ڪيئن لکان؟"
"هيئن وري ڪيئن؟ ڪتاب لکڻ ۾ آهي ڇا؟"

حوصلہ افزائي ڪيائين۔ ۽ پوءِ جو بي صاحب جي زير نگراني مون اهو ڪتاب لکيو جيڪو سندن حياتي ۾ شايع پڻ ٿيو۔ ساڳي طرح مهراڻ" جي "سيرت النبي" نمبر لاءِ آنهن مضمون گهريو۔ بابا جي چوڻ تي مون لکي موڪلي ڏنو۔ ۽ حيرت جهڙي ڳالهه ته پنهي ڦرين مان ڪنهن به ڏر کي اهو شڪ نه پيو ته هي مواد ڏيبلائيءِ نه پر مون لکيو آهي۔! ان ڳالهه تي بابا ڏاڍو کليو۔

ڳالهيون گهڻيون آهن، جيڪر ڳاڏا پرجن، ان عمر ۾ اچي سب کو پنهنجي خوشمزاجي برقرار رکي نٿو سگهي۔ بابا جڏهن دوائون کائيندو هو تڏهن منهنجي ننڍي پٽ "عدنان" کي جيڪو ان اڏائي سالن جو تي چڪو هو ان کي سڏ ڪندو هو ۽ چوندو هو۔

" عدنان، عاليشان، ٻهاي هليا پاڻ دوائون کڻون، ۽ پوءِ عدنان کي ڏيکاري مختلف قسمن جا ٽيبلٽ کڻندي چوندي هو.
"هڪ سائو، هڪ اڇو، هڪ ڳاڙهو ۽ هڪ پيلو" ڪيترا ٿيا؟

ائين کلندي کلندي دوائون کائندو هو۔
ڪوشش ڪري اسين پاڻ پڻ (آءٌ ۽ ڊاڪٽر حبيب الرحمان) بابي کي روز تيل ۽ زور وغيره ڪندا هئاسون، پر ڪڏهن تڪليف هوندي هئي ته دانهن اصل نه ڪندو هو چوندو هو

م - ع ڏيپلائي

مرزا غازي بيگ (ڊرامو)

(هڪ سچو تاريخي واقعو، نالن ۽ هنڌن جي تمام ٿورڙيءَ ڦير ڦار سان)

ڪردار

مرزا غازي بيگ: سنڌ ۽ قنڌار جو جوان حڪمران

شهباز خان: هڪ وڏو پوليس آفيسر

صديقي: هڪ شاعر تخلص "سرويچ"

— سپاهي ۽ ٻيو عوام

پردو پهريون

قنڌار جو هڪ جهنگل

(سنڌ جو حاڪم مرزا غازي بيگ پنهنجي آفيسر شهباز خان ۽ ٻين سائين سان گڏ شڪار تي ويچي رهيو آهي).

مرزا: شهباز خان، اڄ ته الائي ڪهڙو سبب آهي جو ڪو شڪار ڏي هٿ نٿو اچي!

شهباز خان: حضور، بس هتي ذرا چپ وهو، اڳيان نهايت گهاٽو جهنگل آهي، ان مان مختلف جانور نڪري چشمي تي پاڻي پيئڻ ويندا آهن، بس شڪار چاڻ مليو.

سپ چپ وهن ٿا — ۽ سامهون نهارين ٿا).

غازي بيگ: (ٿوري دير بعد) اڃا ته ڪو جانور ڪون نڪتو، شايد پاڻ غلط وقت تي آيا آهيون.
شهباز خان: نه حضور! جانورن جو ڪو وقت ڪونه آهي، هر وقت نڪرندا رهن ٿا.
(ونگ تان ڪجهه کڙڪو ٿئي ٿو.)
شهباز خان: (آهسته) بس هائي بالڪل چپ ڪري وهو.
(اوچتو ونگ اندران زور سان آواز اچن ٿا.
آواز: فرياد! فرياد! اي سنڌ جي تندار جا بادشاهه، منهنجو داد ڪر!
(سڀ ڇرڪي نهارين ٿا، ونگ وٽان هڪ ميرن ۽ ڦاٽل ڪپڙن سان پريشان حال شخص ظاهر ٿئي ٿو.)
شخص: (پيئي ٻانهون ٻڌي ڪري) اي حضور! منهنجو داد ٿئي، مون سان ٿيل ظلم جو تدارڪ ڪر اي عادل بادشاه!
(بادشاهه هن ڏي نهاري ٿو، شهباز جو منهن لهي وڃي ٿو.)
بادشاهه: ڪير آهين تون فريادي؟
فريادي: حضور، آءٌ سنڌ جي شهر سجاول جو رهاڪو آهيان، منهنجو نالو ته صديق آهي، عوام مون کي منهنجي تخلص "سرويچ" سان سڏيندو آهي.
بادشاهه: هتي ڪئن پهتين؟
سرويچ: هيٺئر ته اوهان وٽ فرياد پيش ڪرڻ آيو آهيان.
بادشاهه: يعني انهي کان اڳ ته ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ آيو هئين نه؟
سرويچ: جي ها، جڏهن کان اوهان کي شهنشاهه ڪبر تندار جو ڪجهه حصو به ڏنو آهي ڇاوهان هتي رهڻ شروع ڪيو آهي، تڏهين کان اوهان جي ڪامورن سنڌ ۾ ڌهر مچائي ڏنا آهن، ان ڪري مون مناسب سمجهو، ته پنهنجا حساسات اوهان وٽ اچي پيش ڪريان.
بادشاهه: پوءِ تون اسان وٽ ڇو نه پهتين؟

سرويچ: حضور، مون ذاتي ڪوشش ڪئي، ته اوهان وٽ رسائي ته ڪانه ٿي، بلڪ اوهان جي هڪ سردار مون کي اهڙي ته مار ڏياري، جو منهنجا هڏ گڏ به ڀڄي پيا ۽ ڪمزوري مهنا بيمار رهيس.

بادشاهه (طمش مان): ڪهڙو آهي اهو آفيسر؟ هڪدم اهڙي ظالم آفيسر جو نالو ٻڌاءِ، ته ڪمس جوڳي سزا ڏجي!

سرويچ: (شهباز خان ڏانهن نهاري هٻڪندي)

نالو؟ .... نالو حضور .... ان جو نالو اهو ....

شهبازي خان: اهو "آءٌ" آهيان حضور! مون ئي هن کي مار ڏياري هئي ۽ مون کي ان تي نه فقط فخر آهي، پر اجا به افسوس اٿم تـه هن کي ٿوري مـار ڇو ڏنم، جـو هيءُ اڃا جلد چاڪ ٿيو.

بادشاهه: ڇو ڀلا، اهڙي ڪهڙي ڳالهه هئي، جو تون پنهنجي جرم جو اقرار هيئن بي باڪيءَ سان ڪري رهيو آهين؟

شهبازي خان: مون ڪو به جرم ڪونه ڪيو آهي، حضور! مون ته اهوئي ڪيو آهي، جو مون کي ڪرڻ گهربو هو.

بادشاهه: يعني؟

شهبازي خان: يعني! حضور هيءُ ملتان جي درگاهه تي ويهي، پنهنجي شعرن ۾ اوهان جي نهايت برن لفظن ۾ گهٽ وڌ چئي رهيو هو، ۽ سنڌ کان آيل زيارتي اهي ٻڌي واهه واهه ڪري رهيا هوا. ان ڪري مون نه فقط هن کي، بلڪ انهن ٻڌندڙن کي به مار ڏياري.

سرويچ: (ڪجهه ڊڄندي) حضور! هيءُ غلط ٿـو چوي، مون اوهان جي راڄ ۾ ٿيندڙ ظلمن جي اپٽار ڪئي هئي، جي مختلف هنڌن ۾ ڪهڻندي ڏٺا هئم.

شهبازي خان: بادشاهه جي راڄ ۾ ٿيندڙ ظلمن جي ڳالهه معني خود بادشاهه جي ڳالهه، ۽ ڀلا ڪهڙو آفيسر اها صبر سان سهي سگهندو؟ اهائي ته چيز آهي، جنهن کي سياسي ٻوليءَ ۾ "بغاوت" سڏبو آهي ۽ هر ملڪ ۾ هر قانون ۾ بغاوت جي سزا نهايت

سخت آهي.

مرزا: (ڪنڌ لوڏي) بلڪل صحيح! تو بلڪل ٺيڪ چيو آهي سردار شهبازي خان، مگر (ڏورو تيز ٿي) تنهنجي مار ڏيڻ مان ڇا ورندو؟

شهبازي خان: اهو، ته انهي سزا کي ياد ڪري هو آئنده چپ رهندو.

مرزا: بلڪل غلط! شاعر ۽ اديب، خدا جي اهڙي مخلوق آهن، جو کين چاهي ڪو ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ لڳي، ته به جيستائين هن جي زبان ۾ ڪا طاقت هوندي، تيستائين هو چپ ڪندائي ڪونه، بشرطيڪ هو سچا فنڪار هجن، هڪ اردو شاعر کين چيو آهي ته:

ڪوئي سياهه ستم پيشه چور ڪر نه سڪي،
ڪسي ڀي شاعر و فنڪار ڪسے اياغون ڪو.

شهبازي: بس حضور! مون کان ته جيڪا سزا پڄي سگهي، سا مون ڏني.

مرزا: تو بلڪل غلط سزا ڏني، تو هن جي اها زبان ڇو نه وڍي ڇڏي، جنهن سان هن اهڙا شعر پڙهيا؟

(شاعر پريشان ٿي نهاري ٿو، شهبازي هٻڪندي چوي ٿو.

شهبازي: زبان؟ .... زبان وڍي ڇڏڻ؟ .... حضور .... اوهان جي قانون ۾ مون اهڙي سزا ته ڪانه ڏٺي!

بادشاهه: نه ڏٺي ائي ته هاڻي ڏسندين. هن کي حراست هيٺ رک، تنڌار پهچي دربار عام ۾ نه فقط هن جي زبان وڍي ويندي، پر اهو دائمي قانون بنائبو.

سرويچ: نهايت پريشان ٿي) مگر حضور ....

مرزا: (تيز ٿي) بس چپ رهه، ڏوهه ثابت آهي ۽ فيصلو ٿي چڪو. هاڻي فقط ان جي تعميل ٿيندي، هڪ لفظ ڳالهائڻ جي به اجازت ناهي. (شهبازي کي) هان سردار، فقط اهو خيال رکج ته هن کي ڪاڏي پيتي ۽ رهائش جي ڪا تڪليف نه هجي (کلي) ۽ جي پڄڻ جي ڪوشش ڪري ته به روڪ

نہ ڪجوس.

سرويچ: (جوش مان) سچو فنڪار هرڪا سزا سهندو پر فرار اختيار نہ ڪندو.

مرزا: (سنجيدگيءَ سان اهان امان کي پوريءَ طرح خبر آهي، چگو هاڻي شڪار جي ڏوهہ رکو.

(پردو ڪري ٿو)

پردو پهريون

(شهباز خان جي شاهي تنبوءَ جو هڪ سوڙهو ڪمرو. سرويچ اندر ڪٽ تي ويٺو آهي، شهبازي خان ڪمن ڏسڻ لاءِ اچي ٿو، پر ڪجهہ جهونگارڻ جو آواز ٻڌي بيهي رهي ٿو ۽ لڪي ٻڌي ڏسي ٿو.)

سرويچ: (جهونگاريندي:

گهٽائي حاڪم، ڪنن کان ٻوڙا، اکين کان انڌا، زبان جا ڪوڙا، چوين سچ، تان لڳين سچ ٿو، ڪين ٿا هڪدم وڏا اکوڙا، گهٽي سي پاپي وٺن ٿا رشوت، غريب کي ڏيئي گهٽا سرونا، ڪپن ٿا تن کي خراڙ ان جا، ڪن جا ٽولها، مکڻ جا لوڻا، سين کي هردم ستايو آ تن ستمگرن....

شهبازي خان: (گانو ڪيندي ڪڙڪندي) او بد زبان ايمان بہ رهين نٿو؟

سرويچ: (سنجيدگيءَ مان) هاڻي تہ پاڻ جلدي اٿو، جيڪي ڏينهن زبان ويجهڻ کان اڳ مان ٿا، سي تہ غنيمت آهن نہ!

شهبازي خان: افسوس آهي جو بادشاهہ توکي سکي رهڻ جو حڪم ڪيو آهي، نہ تہ....

سرويچ: (چڙ مان ڪٽ تان لهي گلم پري ڪري پٽ تي ويهي) نہ تہ تون اها ڪٽ ڪسي ڇڏيندين نہ؟ واپس وٺ پنهنجي ڪٽ، مون کي ڪانہ ٿي کپي. پنهنجا طعام بند ڪندين نہ؟ ڪري ڇڏ، اڄ کان تنهنجو ڏنل ڪاڏو پيتو ڪائڻ بند،

انهي ڪان اڳ ۾ پيو جيئندو هو ۽ هاڻي ۾ پيو جيئندس.

شهبازي خان: (حراسجي) مگر منهنجو.... منهنجو مطلب اهو ته ڪونه هو....

سرويچ: (چڙي) بڪواس بند ڪر، ۽ مون کي ڪجهه سوچڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ ڏي. نه ته آءٌ ٻاهر هليو ويندس ۽ بادشاهه جي واپس پهچڻ تي قندار جي دربار ۾ اچي حاضر ٿيندس. مون کي معلوم آهي، ته مون کي رڪڻ جي توکي ڪابه طاقت ڪانهي.

شهبازي خان: (پريشان ٿي ڪيس پاڪر پاڻي پاڻو، مون کي معاف ڪر. منهنجو وعدو آهي، هاڻي....

سرويچ: (نفرت مان) آءٌ ڄاڻان ٿو، ته تون مون کي اهو "پاڻو" رکيو هن لاءِ ٿو بنائي جو بادشاهه جو ڊپ اٿئي، پيو اوهان ڏنڊي باز آئيسرن ۾ انسانيت ڪٿان آئي!

شهبازي خان: (وڌيڪ پريشان ٿي) مگر....

سرويچ: ڳالهه ڪپي هٿ ڇڏي) خدا جي واسطي منهنجي جند ڇڏ، ۽ مون کي ڪم ڪرڻ ڏي.

(شهبازي خان نڪري وڃي ٿو.)

(پردو ڪريون)

(قندار جي دربار— مرزا غازي بيگ تخت تي ويٺو آهي، درباري پنهنجي جاءِ تي ويٺا آهن.)

مرزا: (شهبازي خان کي) ڏوهاري حاضر ڪيو وڃي.

(شهبازي خان ٻاهر وڃي ٿو، سرويچ کي وٺي اچي ٿو، سندس چهرو بلڪل گنڀير آهي، هراس جو ڪوبه نشان ڪونه اٿس.)

مرزا: ڏوهاري! توتي اهو جرم ثابت ٿيو، ته تون اسان جي نظام حڪومت کي يعني اسان خود کي گهٽ وڌ پئي ڳالهايو، ۽ اسان ان جي سزا به مقرر ڪري ڇڏي آهي، ته

سر- دربار تنهنجي زبان ويڌي وڃي. پر انهي تعمل ٺيڻ کان
اڳ توکي موقعو ڏجي ٿو ته توکي آخرين طرح ڪجهه ڳالهائڻو
هجي ته ڳالهائي وٺ.

سرويچ: سنجيدگيءَ ۽ اطمينان سان) شڪريه حضور!
(ڪنگهڪار ڪري نهايت سوز ۽ وقار سان بادشاه خواه درٻارين
کي مخاطب ٿيندي ڳائي ٿو.

(۱)

سلام آن کي ڏين ٿا سنڌي، سڀئي ساري پڌو، اي سائين،
سلام سان گڏ فغان ڪن ٿا، هنجون سي هاري، پڌو اي سائين،
وڏو آ مارن مڻن کي مرضن، ڏکن بر ڏاري، پڌو اي سائين،
ڳپي جي ڳڻتيءَ چڏيو آ تن جي بدن کي ڳاري، پڌو اي سائين!
ڪلهن جون ڪيهون پون ٿيون پلپل مانيءَ ڪرڻ، پڌو اي سائين،
وڃمو سي چنبڙن مٺيءَ کي جهجل، نڪر جي ڪارڻ پڌو
اي سائين!

(پڌندڙن مان ڪن جي اکين ۾ پاڻي اچي ٿو ۽ ڪن
جون هاڪيون سسڪيون نڪرن ٿيون.

(۲)

ڀڻون ٿيا ماور پڇي، ۽ تن وٽ، رجهي نه راتين سنديون
ڪي يون،
چرڻ کان چٽ ٿيا، چاهون اجهاڙل، چرين جيئن جانب!
ڏين ٿا جهاتيون، جوان ڏيهر رلن ٿيون در در، انَسي جي
لپ لئه، الا ڙي! آتيون،
انهن جي حالت ڏسڻ سان هڪدم لڳن ٿيون قلب و جگر
۾ ڪاتيون،
فکر ۽ فاقن فنا ڪيا سارو، ڏکن کان سڏڪن، پڌو
اي سائين،
ڪنبن ٿا قهر و ستم کان هردم، ڪجن نه ڪرڪن،
پڌو اي سائين!

(ٻڌندڙن مان ڪنهن جون هلڪيون اوڇنگارون نڪرڻ ٿيون.)

(٣)

اڪين ۾ پاڻي اداس چهرا، لڳن ٿا ليڙون هڏن جا پڃرا،
ٻڪن جا ماريل، مرض دائم، متيون نه سالم، اگها ۽ اپرا،
ٻٽر جون مانيون ٻڌائون پيٽن، ڏکن جا ڏاريل، ڏسڻ ۾ ڏٻرا،
وسڻ ۾ جهڙا ٻنا پسهه جي، پڙرين ڪان پيڙهيل ٻري ڪان پڌرا،
مٽي ٿي تن جي پرڻ تا هر دم، پيڙ جا ڏانڊا، ٻڌو اي سائين!
چڙيا ته ساڙي ستمگرن ٿي، انهن جا آنڊا، ٻڌو اي سائين!

(٤)

هڏن تي چمڙي سڪي ٿي سائي، رتي نه رت جي بدن ۾ تنجي،
ٻيل جسم ۽ وسام من ۾، رهي نه قوت هڏن ۾ تن جي،
هزار آمنگ دلين ۾ ليڪن، وڃن ٿا رڪجي چپن ۾ تن جي،
ڪڏهين نه ايندو پلا ٻڌايو بهار، آجڙيل چمن ۾ تن جي
گلن ٿان تن جي ڳڙن ٿا رت جا هميشه ڳوڙها، ٻڌو اي سائين!
جلن ٿا جهنم مثال جڳ ۾ جوان پوڙها، ٻڌو اي سائين!

(٥)

ٻڌايان حالت اوهان کي تن جي، هنئين سان ٻڌ جو حبيب سائين!
ملين مشڪل سکون کن پل، ڏڪن ۾ آهن اهي اڄا ڏائين،
ڇڄن ٿا مارو سڏا سي اهڙن جتن، ٻچي ڪنهر جي سدا نهائين،
ساري تن کي سُتا سکيا ٿي ڪڏهين ڪان آهيون جناب آئين،
هتي ٿي ڪهڙي طرح سان تن جي حياتي گذري، ٻڌو اي سائين!
اکين سان تن جي پسهه اجهوڪي اجهو ٿو نڪري، ٻڌو اي سائين!

(٦)

غريب مارو، غمن جا ماريل، غمن جي در جا غلام گولا،
پٽي چڏي بس لسيءَ جي لپ ۽ رڪا سڪل ڪن سان ٿا لولا،
چنل تتل تن رلهي به هڪ اڌ، ڪنو ۽ دانگي پڳل ڪنولا،
آسن ۽ سردين چڏيا مي ساڙي، لٽو نه اوڇڻ آجها نه اولا،

اها ته حالت اسان جي مارن مڻن جي منڙا، ٻڌو اي سائين!
ستايان جا سکهوئي سڄو ملڻ تسي سڏڙا، ٻڌو اي سائين.

(٧)

ننگر ننگر ۾ انڌير نگري، ڳالهه ڳالهه ۾ جبر آ جاري،
کهڙيءَ کهڙيءَ ۾ ڪنگال ڪسجن، انهن سان قائم تيام ڪاري
مري ڳري ته به بکيو اکهاڙو، ڏسو ته هرهڪ مزدور هاري،
جهڙن انهن جو الا او جهڙو، الا او توبه، الاڙي زاري،
اچن پيچن ۾ سڙن ٻرن ٿا، غريب مارو، ٻڌو اي سائين،
ٻڌايو ڪيئن انهن وٽن ڪنڌ هي، غريب مارو، ٻڌو اي سائين!

(٨)

ڳهڻاٽي حاڪم ڪنن کسان پوڙا، اکين انڌا، زبان جا ڪونا،
چئون سچ، تان لڳن مچ ٿو، ڪڏهن ٿا هڪدم وڏا اکونا،
گهٽي سي ڀاهي وٺن ٿا رشوت، غريب کي ذمي گهڻا مروڻا،
ڪپن ٿا تن کي خراڙ آن جا، مکن جا ڏيلها، مکڻ جا لوڻا،
سيئن کسي هردم ستايو آ تن ستمگرن، او ٻڌو اي سائين!

(٩)

ڳهڻاٽي ليڊر، اسان جا قاتل، گهڻو سي آهن مڻ جي قابل،
شريف ڪي ڪن شرابي جهٽ پٽ، شرير سان سي سدائين شامل،
سلين ماڻهوءَ سندو جي ماهه پوءِ مچي ٿي تن جي مزي سان محفل،
وطن ۽ ملت مري ته چيا ٿيو، هنن کي گهرجي سدائين محفل،
ڪجي ته هاڻي ڀلا ڪجي ڇا، اهو ٻڌائي، ٻڌو اي سائين،
جهو هي "سرويچ" جو به جهڪي، آلڙڪ وهائي، ٻڌو اي سائين.

(ڪاني جي وچ ۾ ڪي درباري هراس ۾ اچي هن ڏي ڏسن ٿا، ڪي ڏيان سان ٻڌن ٿا، شهبازي خان ڏند پيڪوڙيندو رهي ٿو. سرويچ ڪلام پورو ڪري زبان بلڪل ٻاهر ڪڍي وڃائڻ لاءِ تيار ٿي بيهي رهي ٿو.

مرزا: (جلال مان) درباريو! توهان هيءُ ڪلام ٻڌو؟
ڪي آواز: جيءُ حضور!

مرزا: ڇا اهڙن ڪلامن جي اها سزا پوري نہ آهي، تہ
من جي زبان وڍي وڃي؟
ڪي آواز: يقيناً حضور!
(سرويچ بي پرواهيءَ سان زبان ٻاهر ڪڍيو بيٺو آهي)
سلطان: (مرڪي) ڇڪو سرويچ! اسين تنهنجي زبان عوام
کان کپي، فقط پاڻ وٽ رکڻ چاهيون ٿا. اڄ کان وٺي اها
زبان اسان جي آهي، ۽ اسين انهي کي قلم ۽ ڪاغذ بہ ڏيون
ٿا تہ اها جيڪي بہ چوي، سو اسان کي لکي موڪليندي
رهي، اهي شڪايتون عوام ۾ تڏهين اظهار ڪيون آهن، جڏهن
بادشاهہ پاڻ پڌندڙ نہ هجي اسين ڪوشش ڪندا رهنداسون
تہ اسان جو سمورو نظام درست ٿئي، ۽ جيڪو جسم ڦوڙڻ
سان پرپور هجي، ان جو جيستائين اندروني علاج ٿئي، تيستائين
ٻاهرين مرهم پٽي بہ ضروري آهن، تنهن ڪري تون جتي جتي
بہ ڪامورن جو ڪو ظلم ڏسين، تہ اهو اسان کي لکي موڪليندو
رهہ. (سرويچ ڏي هٿ وڌائي) وٽ ميان محمد صديق "سرويچ"
سجاولي، وقايع نگار براءِ سنڌ! هي وقايع نگاريءَ جي سنڌ حڪومت
مرزا غازي بيگ، تنهنجي ٽپال سڌي اسان کي ماڪلي رهندي
۽ اها صرف اسين ئي کوليندا رهنداسون.
(سرويچ حيران ٿي ٿو، شهبازي خان جي منهن جو
بوتي ٿهي وڃي ٿو.)
مرزا: (شهبازي خان کي) سردار صاحب! شاعرن ۽ اديبن
جي زبان اٿين ئي وڍبي آهي، (ٽهڪ ڏيئي) پيو پهلا اڄ تائين
ڪو بہ ڪرڙو حاڪم هنن کي ماري ڪٿي سگهيو آهي،
جو تون مهانئدين؟ (ڏکهو ماهہ ڪٿي عوام ڏي نهاري) سچ
پيچ تہ انسان ذات جي بهتريءَ ۽ ڀهبوديءَ جون جيڪي ڪوششون
ٿيءَ مخلوق ئي سرانجام ڏئي، سا بي ڪابہ نٿي ڏيئي سگهي.
اهي ئي بهتريءَ، خوشحاليءَ ۽ ترقي جون امنگون بخشين سا
دنيا جي سڀ کان وڏيڪ دانشور قوم يونانيءَ ۾ تہ "شاعرن"

کي ”نبين“ جي برابر سمجهيو ويندو هو، پر اوهان جهڙا ڏنڀي باز هنن کان جيئڻ جو حق به کسڻ چاهين ٿا! (صديق کي، ۽ هان، مياڻ سرويچ صاحب شاهي وقايع نگار! اهو ياد رکجو، ته جيڪڏهين ڪاپر غلط يا باسخاطريءَ واري، يا ذاتي انتقام طور شڪايت پيش ڪندين، ته تحقيقات بعد انهي جي سزا آهي گولي، جو نه جڏهين ڪوبه شاعر يا اديب باسخاطريءَ، خود مطلبي يا ذاتي انتقام جي وڪڙ ۾ اچي وڃي ٿو، ته پوءِ اهو ڌرتيءَ تي بار آهي ۽ سندس پليد جسم کي حيرو جالد ڳجهن جي حوالي ڪيو ويندو، اوترو چڱو ٿيندو.

(پرنو ڪري ٿو.)

۾-ع ڏيپلائي نياڳي مگس

”سانوري! اڙي او سانوري! پيهه ته سهي پڇين ڇو ٿي؟ اڙي توکي ڇا ٿيو آهي؟ پلا ڪيترو پڇنديئين....“

ڪمال ائين چوندو تڪي تڪي ڊوڙ وجهندو سانوريءَ کي اڳ ڦري آيو ۽ هوءَ لوڙهي ۾ منهن هٽي وبهي رهي. ڪمال اڳتي وڌي سندس ڪنڌ ۾ هٿ وجهي منهن پاڻ ڏي ڪيو ته هن وري پنهي هٿ منهن کي آوڏا ڏيئي ڇڏيا، هن سندس هٿن کي هٽائيندي حيرت مان چيو ”سانوري! توکي اڄ ڇا ٿي ويو آهي، هيءَ ڇا ٿي ڪرين-“

”وڏو ڪو بي شرم آهين، ڪو ڏسندو ته ڇا چوندو؟“

”چوندو وري ڇا، مگس سان ڳالهائڻ ۾ ڪو گناهه آهي ڇا؟“

”چو نه، پاڻ وٽ پلا مڱڻو ٿيڻ بعد مڱ ۽ مڱيندو پاڻ ۾ ڪيئن ڳالهائيندا-“

”اڙي اهي رسم رواج ته ڌارين لاءِ آهن، پاڻ ته پنهنجا آهيون.“

”پنهنجا هجون ڪٿي ڊاريان، پر رواج ته سيني لاءِ ساڳيا آهن. پلاڻي ڪري مون کي ڇڏ ۽ هتان هٽي وڃ، ڪنهن ڏنو ته طوفان برپا ٿيندو.“

وڏو ساهه کڻي ڪمال چيو ”سانوري! پوءِ ته آءٌ مري ويندس. پاڻ گڏ رانديون ڪيون، ننڍا ٿي وڏا ٿياسون، ڏينهن ۾ ڏهه دفعا ملندا آهيون، هاڻ جي تون مون سان نه ڳالهائيندين ته آءٌ پلا ڪيئن جيئرو رهندس. (کلي) ايجا ته شاديءَ ۾ ڇهه مهينا پيا آهن، پڌيئي نه، ڇهه مهينا! يعني هڪ سو اسي ڏينهن! منڙي، اهي پلا ڪيئن گذرندا!“

”ڏس منڙا! اهو ڪٿي ڪٿي لڪي ڇپي ملبو، باقي ڪاليو ٺلايو سلي ماڻهو ڪلاڪڻا آهن ڇا؟ هاڻ هيئنر وڃ، شام جو ماسيءَ جي گهر اچج.“

”مگر منڙي ڳالهه ته ٻڌ، آءٌ اڄ شهر پيو وڃان ۽ گهٽ ۾ گهٽ هفتو لڳي ويندم، ٻه منٽ ته ڳالهاءِ!“

”شهر؟... ڇو پلا؟... سڄو هفتو؟“ ... سانوريءَ اوچتو ڏيندي چيو ”پلا آءٌ هفتو ڪيئن ڪٽينديس؟! آءٌ ته تو کي ڏينهن ۾ ڏهه دفعا ڏسڻ بنا جي ڪانه رهي سگهنديس!“

”ڇا ڪجي منڙي، مجبوري آهي. رڳو هيءُ هفتو ناهي، بلڪ هاڻ ته شاديءَ تائين اهڙا ۲۰-۲۵ هفتا گذارڻا پوندا!“

”توبهه الله! اهي ڪيڏا هفتا ڇو لڳائيندين؟“

”ڏس نه، شاديءَ جو خرچ به ڪپي نه. شهر وڃي ڪنهن ڪارخاني ۾ ڪم ڪندس ۽ چار پيسا ڪمائي ايندس. پوءِ هتي هيئنر کهڙو پورهيو آهي.“

”اهڙو شاديءَ جو خرچ ئي گهوريو، جنهن ۾ تون هفتو هفتو جدا رهين.“ سانوريءَ سڏڪو ڀريندي چيو.

”خرچ بنا شادي ڪيئن ٿيندي؟“ ڪمال ٽهڪ ڏيندي چيو.

”هان پلا ڪاڪي ڳالهاءِ، ته هفتو ڪن انهن کي ڪي ياد

ڪري ڪٽيان ٻي ڪندي مردن لاءِ تہ اهي مهلون هميشہ پيون ايندبون آهن."

(٢)

هفتو پورو ٿيو، تہ ڪمال مزوروءَ جا پئسا ڪٺي گهر موٽيو. هو ڏاڍو خوش هو، مزوريءَ جا تہ سڀ پئسا گهر وارن کي ڏيڻ آندا هئائين، پر اوور ٽائيم ڪري ايترا تہ پئسا ڪمايائين، جو ماني بہ کاڌائين ۽ سانوريءَ لاءِ ڪو تحفو بہ خريد ڪيائين غريب جو تحفو ڪهڙو، بس سمجهو تہ اهوئي ڪو چولي سٽڻ جو ڪپڙو هوندو، سندس سانوري تہ انهيءَ ۾ ئي خوش ٿيندي.

هو ڪانئون ڳائيندو گهر پهتو، ماءُ کي پيرين پئي هفتي جا پئسا اڳيانس رکيائين ۽ مرڪندي چيائين "امي، هاڻ ڀلا سانوريءَ سان ڪيڏي مهل ملائيندئين؟"

ماءُ کي پٽ سان ملڻ جي ڪيڏي خوشي هوندي، پر هن جا اهي لفظ ٻڌي هوءَ مرڪيو ڪومائجي ويئي ۽ ڪجهہ بہ نہ ڪڇي سگهي.

هن ٺهڪ ڏيئي چيڙيو "ويچارين ڇا ٿي امي، بس وڃي چوينس نہ، تہ سندس ماسيءَ جي گهر اچي وڃي!"

هڪ ٿڌو شوڪارو ڀري ماڻس چيو "پٽ! هاڻ هوءَ ويچاري ماسيهنس جي گهر ڪٿان ٿي اچي سگهي. هاڻ تہ "ڀيا جي هلور، سي ڪرم ملندا ڪاڙي!" وارو قصو آهي. مائيءَ کان بي اختيار اوڇنگار نڪري ويئي!

"ڇو امي ڇا ٿيو ڀلا، منهنجي سانوري بيمار ٿي پئي ڇا؟" هن وائڙو ٿي پڇيو.

"ها ابا، بيماري بہ بنهہ وڏي بيماري، او اهڙي، منهن ۾ نہ ڏرڻ جو پتو نہ جيئڻ جو مزو!"

"آخر آهي ڇا امان، ڪولي ٻڌاءِ نہ!"

"ابا، ڪهڙي ڏوڙ پايان، تون وڃين ۽ شام جو مرشد سڳورو اچي ڪڙڪيو. ڳوٺ جون سڀ نن‌ڍيون وڏيون اچي

هميشه وانگر ونس گيئا ڳائڻ لڳيون، چي:

اڍيون اسان جو بخت وريو،

مرشد سرين گشت چڙهيو!

پر جو نہ بخت وريو يا نہ، پر مون نياڻيءَ جو بنهہ ڦٽي پيو. سانوريءَ جو آواز ۽ ڀرپور جواني مرشد سڳوريءَ کي اهڙي وٺي ويئي، جو چوي، تہ ماني پوءِ کائيندس، اول انهيءَ بهشتي حور سان منهنجو نڪاح ڪرايو.“

”نڪاح؟ پرائي مڱ سان؟ اهو وري ڪيئن؟“

”بس ابا، هيءَ تہ رکي مڱ هئي، مرشد سڳورا تہ نڪاح پڙل بلڪ ڀارن واريون بہ ڪسي ولندا آهن. گهڻيئي منٿون ايلاز ڪيا سون، پر مرشد سڳورو چوي تہ ماني تہ ڇا، پر پاڻي بہ هٿ سان اچي اها نازنين پياريندي، ۽ تہ اهو بہ حرام مونکي اشارو ٿيو آهي ۽ انهي حڪم پارڻ لاءِ هيتر هتي آيو آهيان.“

”پوءِ ڀلا؟“ ڪمال اتاوليءَ مان پڇيو.

”هڪ طرف سڄو ڳوٺ ۽ ڳڌ ٿمل راڄ ۽ ٻئي طرف هو هڪڙو، سڀ چون تہ مرشد ڪان جيڪي ڦريا سي ڦريا! اڪ ڪاڏي ڏيءَ مري بہ وڃي، ڇوڪريءَ کي ڀون بہ گهڻيون، پر مرشد بنا ان پاڻيءَ جي ڳوٺ مان وڃي، تہ ڳوٺ تہ ٿيو، پر سڄي پنوور کي باهہ ڏيئي ويندو.“

”هاءِ گهوڙا پوءِ ڏيئي ڇڏيائون انهي پوڙهي ڪک کي ڇا؟ ڪمال مٿي کي هٿ هڻي چيو.

”ابا پيو ڪهڙو بلو هو، مرشد کي بہ تہ هوءَ اهڙي وٺي وئي، جو نڪاح ڪري مانيءَ جو گراهہ پري گشت بند ڪري ڪيس ڪٽي راتو واهہ وڃي حويلي ۾ وڌائين.... مگر.... مگر پٽ تون فڪر نہ ڪر، تولاءِ ڪنوارون لک، توکي انهي سانوريءَ بدران بنهہ ڳوري ڏياريندس، اصل ڪٿي رتڙي

ڪنوار سان لانئون لهرائيندي ساڻ.”

ڪمال ته اهي اکر چئي ٻڌائي ڪونه، هي مٺو ٻُڌندو رڙيون ڪندو پوين پيرن واپس ٿي ويو.

(۳)

صبح جو سهانو وقت هو، ٿڌي هير پئي لڳي، مرشد جي بنگلي جي دريءَ مان نهاريندي غم نصيب سانوريءَ بس ڪجهه هوا پئي کاڌي، ته اوچتو پريان ايندڙ ڪمال تي نظر ٻنجي ويس. وار وڌيل، اکيون ڏرا ڏنل، بت ۾ اکيون ٿوڙ ٻريل، اٿين پئي نظر آيو، جو چئي ته هوش ئي خطا هئس. اوچتو سانوريءَ رڙ ڪئي، ”ڪمال تون؟“

”اوهه تون آهين منهنجي مارئي؟ (اوچنگار ڏيئي) تون ڪيئن اچي هن عمر جي ڪوٽ ۾ قابو ٿيئين؟ هاءِ عمر ته سچ ڦمي ڪوهه تان ڪٿي ويو، پر توکي هي ظالم عمر راڄن جي رضامنديءَ سان کڻي آيو! هاءِ گهوڙا شل هن ڪوٽ تي ڪو قهر ڪري، ڪو ڪوئيٽا جهڙو زلزلو اچي، شل توکان سواءِ ٻيا سڀ مرن....“

”ڪوئيٽا جي زلزلي ۾ به مرشد ته بچي ويا هوا، هن زلزلي ۾ به اهو ڏنئيئر پاڻ بچي ويندو....“

”هان! آءٌ ڏنئيئر آهيان؟....“ مرشد ايندي شرط ڪڙڪو ڪري چيو ”هيڏي ساري شرف حاصل ٿيڻ بعد به تون پيڏڙڪ پيئي درين مان جهاتيون پائين ۽ يارن سان ڳالهائين؟ بيهه ته توکي شرعي سزا ڏجي!“

بس، پوءِ ته جيڪي دردناڪ ڪيڪون ڪمال ٻڌيون، تن زمين به پئي لرزائي، آسمان به پئي ڪسايو، پر هيڏي شهر پنهور ۾ مرشد کي ڪوبه شخص به حرف نٿي چئي سگهيو ۽ ڪنهن ڪامورو ۽ ڪنهن پوليس کي ڪڙي مجال هئي، جو حويلي جي ڳالهين ۾ دخل به ڪٿي ڏئي، پر.... پر ٻي ڪندي اهي ڪيڪون ڪي نيون به ته ڪين هيون، آخر هڪ

شرع جي صاحب وٽ اهڙيون شرعي سزائون نہ هونديون، تہ منڪر مردود ڪيئن ميهوندا!

(نوٽ:- ”ڏنئڙ“ لفظ جي معنيٰ آهي ڏاڍو خوفناڪ، وحشي. هن لفظ جي اصلي معنيٰ تہ سوئر آهي، پر جهنگي ٻوليءَ ۾ هر انهيءَ شخص کي ”ڏنئڙ“ چئبو آهي، جو ڪارو، ڏاڍو، خوفناڪ اکين مهانڊي وارو ۽ پڻ ظالم هجي.)

(۴)

پرُ ڪمال ڪي تہ هنن ڪمڪن وڏ پئي وڌا، هو بي اختيار رڙيون ڪندو دروازي ڏي ويو، پر اڳيان ڪنهن هاريءَ جو لوڙهو تہ ڪونہ هو، جنهن ۾ هليو وڃي، هتي تہ مرشد جي حويلي هئي، جنهن جي دروازي کي ”چاري چوگانن ۾، واهيت ڪن وزير“ وارو قصو هو. مرشد جيڪڏهن ڏنئڙ هو تہ دربان بہ ان ڪان ۾ رتيون ڪسر هو ۽ هونئن بہ اهڙن ڏنئڙن جا دربان بہ ڏنئڙ نہ هجن تہ جيڪر اندر جي ڪيڪن تي مظلومن جي واهر ڪرڻ لاءِ ڪي نہ ڪي عورتن باڪ مرد بہ اندر هليا وڃن!

هن جو بت ڏاڍو، قد ڊگهو، جسم مضبوط ۽ اکيون ڳاڙهيون هيون، هو ڏسڻ ۾ اهڙوئي پوائتو پئي لڳو، جهڙا قديم زماني جي ظالم حاڪمن جا جلاد هوندا هوا.

”چاهي ڙي چورا، ڪهڙو اچي گوڙ مچايو اٿئي؟“

”خدا جي واسطي، رسول جي صدقي، مونکي اندر وڃڻ ڏي. آهہ! منهنجي سانوريءَ جون دردناڪ ڪيڪون اچان بہ منهنجي ڪنن پيون اچن.“

”هہ هہ هہ هہ“ هڪ خوفناڪ ٽهڪ ڏيئي دربان چيو ”مرشدن ۾ نهايت گهڻو اعتقاد رکندڙن جي اهڙين ننڍڙڪين نياڻين جون ڪيڪون ڪي ايترو وقت هلنديون بہ آهن ڇا؟ هن تہ ڪمڪون ئي چار اٺ ڪيون هونديون، ۽ پوءِ بيهوش ٿي ويئي هوندي. پلا اسان جي مرشد سڳوري جا هٿ ايترين

گهٽين ڪيڪن جي مهلت ڏيندا ٻه آهن چا؟"
"نه چاچا! خدا جو قسم! منهنجي ڪنن ۾ هن جي ڪوڪن جا آواز اچا پيا....."
"اڙي اهي ڪن ته اچا ٻارهين تائين پيا وڄندء، هل هل، وات وٺ، اسان جو مٿو نه ڪاءِ!"
"اڙي چاچا اسم اٿئي الله جو...."
تڙاڪ!
هڪ ڀرپور ٿڦڙ لڳائيندي دربان چيو " بيچ هتان، الله سائين ڇ ٿئي ته اسان جي مرشد ڪي اهڙين شرعي سزائن تي مقرر ڪيو آهي. نري وچ نه ته تنهنو بڻائي ڇڏيندو سان!"
۽ هوءَ ٿڦڙ ته ڪاته هئي، ڪنهن راڪاس جو چنبو هو، جنهن هن ڪي ٻه پنوائي ڏيئي ڇڏي ۽ هو ڪري پيو.
دربان هن ڪي هڪ ٺڏو هڻي وڏو ٽهڪ ڏيئي چيو
" هونهه، آيو آهي ويچارو عشق جي دعوي ڪرڻ وارو وڏو جوان. هڪڙي ٿڦڙ ئي سهي نٿو سگهي، سو تو مرشد ڪان سندس پڇي هٿ ڪري. اڙي اهي ته اسان جهڙا جوان آهن، جي ڪڏهن ڪنهن مهل مرشدن جي ڇڏيل ٻيهن يا حق بخشيل پيٽن ۽ ڏيئن جي باهه وسائيندا آهيون، پيو هوڙن جهتامڙن جي ڪا جاءِ آهي."
اتي مرشد جو ڪو ٻيو خادم ايندو ڏسڻ ۾ آيو، هن ڪڙڪو ڪري چيو "اڙي ڪٽي وجينس، وجي پري اڇلائي اڇينس. پيٽسان پليتن ڪي مرشدن خلاف ڳالهائيندي انهي خدا جو ڊپ نٿو ٿئي، جنهن مرشد ڪي پنهنجي فضل سان نوازيو آهي."
پر اهي تماشا نڪي دربان لاءِ نوان هوا نڪي همراهه لاءِ، آخر مرشد جي در جا خادم به ٻنهه ڏينهن ته هوندا آهن، ته به ڪافي جاڻندا ته ضرور تين ٿا، ۽ ڪنهن ڪنهن مهل دربان جي پڌايل خوشين جو وارو هنن ڪي به نصيب ٿيندو آهي. پوءِ مرشد پيا زمين آسمان ۾ نبيون هڻندا آهن ته سندن ڇڏيل ۽ حق بخشيل ڏيئن ۽ پيٽن ڪي قندوري ڏيڻ جو ڪم هو به

پيا ڪندا آهن، سو هڪدم هن کي ڪٺندي ڪاهي تي وجهي رمتي تي اچلائي آيو.

(۵)

جيئن ئي هن کي هوش آيو، هي بي اختيار دانهون ڪندو پوليس ۾ پهتو، ”اڙي سائين خدا جي واسطي هن کي بچايو، آهه! هن مظلوم جون ڪهڪون اڃان پيون منهنجي ڪنن ۾ گونجن!“

سندس آواز ٻڌي صوبيدار جي چهري تي هيڪر ته بي اختيار مشڪ اچي ويئي، پر پوليس وارن جهڙي ائڪٽنگ ته ڪو وڏو ائڪٽر به مشڪل ڪري سگهندو، يڪدم منهن جو رنگ بدلائي همدردي وارو ڪري چوڻ لڳو ”ڇاهي پٽ؟ ڪهڙو مظلوم آهي؟ اها ڪٿي آهي؟ ڪير ٿو هن سان ظلم ڪري؟“

ويچارو ابوجهه نوجوان هيءَ همدرديءَ جا ٻه اکر ٻڌي سمجهڻ لڳو، ته هيءُ سچ پچ غريبن ۽ مظلومن جو همدرد آهي ۽ شايد پاڻ به نياڻين جو پيءُ آهي، سو بي اختيار اوڇنگار ڏيئي چوڻ لڳو ”سائين! مظلوم جو نالو سانوري آهي، هوءَ منهنجي سوٽ ۽ ڪڏ اهني نپني آهي، منهنجو هن سان مڱڻو ٿيل آهي، ڇهن مهنن بعد اسان جي شادي هئي. پر آءٌ شهر ۾ مزدوري ڪرڻ آيس ته پٺيان مرشد فلاڻو اچي اسان جي ڳوٺ ۾ ڪڙڪيو ۽ هن تي عاشق ٿي پيو. هو هنن احمقن ڳوٺ وارن کي ڀنيلائي چوڻ لڳو ته مونکي خدا جو حڪم ٿيو آهي، ته هيءَ همٿر جو همٿر مون سان پرڻائي وڃي هاڻ يڪدم خدائي حڪم جي تعميل ڪريو. تيستائين مون کي اوهان جو ان پاڻي حرام آهي.!

ڳوٺ وارن گهڻيئي منٿون ايلاز ڪيا، منگ هجڻ جا واسطا وڌا، پر مرشد جنهن تي عاشق ٿي ۽ خدا جي حڪم جو نالو ولي، ان کي ته مڙس پاڻ ئي طلاق ڏيو ڇڏين، هيءَ ته اڃا مڱ هئي سو سندس پيءُ ۽ خدا جي قهر کان ڊڄي يڪدم

نڪاح ڪري ڏنائون ۽ هوءَ ماني ڪاڻ بنا ترسڻ جي ڪمس ڪٽي آيو.

آءٌ هفتي جي ڇنڇر تي آيس ته اها ظالمانه خبر ٻڌي ڀڄندو ڀڄندو هتي آيس اتفاق سان سانوري به دريءَ مان مونکي ڏسي مون سان ڳالهايو. مرشد اچي پڪڙيس، پوءِ ته حضور مون سندس اهڙيون دردناڪ ڪهڪون ٻڌيون آهن، جو بيان نٿو ڪري سگهان. اوهان کي الله سائينءَ ماڪ جون واڳون سونپيون آهن، انهي جي اسم جي صدقي ڪمس هلي ظلم کان آزاد ڪرايو."

نوجوان هاڻ خوش هو، پر جمعدار ۽ پيا سپاهي مشڪي رهيا هئا.

صوبيدار جي دروازي تي پهچڻ کان اڳ ئي مرشد کي اطلاع مليو هو، سو ٻاهر ويٺو هو ۽ سندس استقبال ڪري گرانڊي پائي اندر وٺي ويو، پوءِ اندر جهڪي ٿيو، سو ته هڪ پيجل ئي ٻڌو، پر خبر هئي گنگهار کي، پر نوجوان کي پتو نڌهن پيو، جڏهن واپس اچڻ تي ستو لاڪپ ۾ پوريو ويو ۽ ٻئي ڏينهن تي ڏاڍي مار ڏنئي، ٻکون ماري، رات جو آزاد ڪيو ويو. پوءِ جڏهن واپس گهر پهتو، تڏهن ماڻس به سڃاڻي نه سگهيس، ۽ شايد.... شايد ٻڪ اڄ ۽ موچڙن هن جي مغز مان ائين واءُ ڪڍيو، جو سانوريءَ جي ڪيڪن جون لهرون به اثر ڪري نه سگهيون ۽ نه مهينن ڏاڍين ڪيس ڪوبه پتو ڪونه پيو ته آخر پنوهار سان کهڙي پر ٿي.

(٦)

سانوريءَ کي وٺي سورهن ڏينهن هو، اڄ مرشد وري طمطراق سان اچي ڳوٺ ۾ لٿو، "ابا اسان کي افسوس آهي، جو اڳين ڏينهن اسين تڪڙ ۾ هواسون ۽ خلق کي ڪوبه فيض ڏيئي ڪونه سگهياسون. هاڻ آرام سان ترسي، سڀني جون مرادون پوريون ڪري وينداسين."

پر اڄ مرشد اها ڳالهه ضرور ڪئي، جو سانوريءَ

جي ڀيڻ ۽ ماڻ لاءِ اهڙا قيمتي تحفا آندا هئائين، جو ڪن ابوجهه ڪنوارين يا سندن مائٽن ڪي سانوريءَ جي قسمت تي رشڪ اچڻ لڳو.

دستور موجب اڄ به مرشد وٽ سڀني عورتن اچي گڏجا ڳايا هوا، سندس رضامندي حاصل ڪرڻ لاءِ سڀ هڪ ٻئي کان اڳڀرائي ڪري رهيون هيون.

پر محفل پوري ٿيڻ کان پوءِ به ني گهاگهه قسم جون ٻنهه تجربه ڪار پوڙهيون اڃا زور ڏيئي رهيون هيون، هڪڙي سرڪي چيو ”جمڻ سدا ڪا پسند آئي ڪا نه؟“

”اها سائي چولي واري، جيڪا تنهنجي پر ۾ ويٺي هئي، ڳاتائين به ڪونه ني، سا ڪير هئي؟“

ٻيءَ ڏائڻ چيو ”واه سائين واه، دائو ته واهه جو چونڊي ڪڍيو ائيئي، انهيءَ ڪي ته فقط هيءَ بندي آڻي سگهندي، ٻيو هيءَ رن ته ڪيس پر اکر گيتن جا به چوائي نه سگهي.“

ٽيڻ گنيمر تي چيو، ”هائو ادي! اهو ڪم فقط تون ئي ڪري سگهنديئن، اسان پارين ڪرين گنجن جي جاءِ ڪانهي. تبلا! هاڻ اسان جي موڪلائي آهي. اوهين خوش ٿي دعوت کائو، اوهان جي هميشه فتح ٿي رهي آهي ۽ رهندي.“

پوءِ آديءَ رات جو اوطاق ۾ هاهاڪار مچي ويئي، الائي ڇا ٿيو، جو اول ته نبي چٽا دروازو ڀڃي اندر آيا هوا ۽ پوءِ وري پيا به هشام گڏ ٿي ويل هئا، هڪ چوڏهن ورهين جي نهايت خوبصورت ڇوڪري ڪنڊيريل وارن، رهندن پريل ۽ ليڙون ليڙون ٿيل ڪپڙن سان ڪنڊ ۾ ائين سڪڙي ويٺي هئي، جو شرم بچائڻ خاطر چڻ ته زمين ۾ گهڙي رهي آهي.........

۽......... هڙي ڏنئير مرشد جي ڇاتيءَ تي ڪمال جهڙو هيٺو نوجوان ائين چڙهيو ويٺو آهي، جو هو هٽ به هلائي نٿو سگهي...... شايد ڇاتيءَ تي زور جي ڏهن سندس ڪونگهرو لڳائي ڏنو هو ۽ هو.... هو صفا اکهاڙو هو.

چي ويو؟.... اي بي غيرت جاهلو، اچو، ۽ اچي پنهنجي ڳوٺ جي عزت جي بربادي‌ءَ جو تماشو ڏسو. ڏسو ھن يتيم اهل بيت نياڻي‌ءَ جا ھن ڏينھن ڪھڙا حال ڪيا آھن! اھي تہ الله پاڪ جا لک شڪر آھن، جو مون سانوري‌ءَ جي وير وٺي لاھ هتي پئي چڪر ڪاڙا ۽ آڌي رات جو ھي‌ءَ نيون ڪيڪون پڌيون، جاھ جي منگھ مان اندر ٽپي آيس ۽ پوءِ اھل بيت نماڻي‌ءَ جي عصمت بنھ آخري لمحن تي بچائي ويس، نہ تہ اوھان لعنتي جاھل تہ ھن واقعي کي بہ خدا جو حڪم سمجھي ماٺ ڪريو ھا.“

اھو پھريو دفعو ھو، جو مرشد جي ھھڙي درگت تي مريدن جا بہ ڪنڌ ھيٺ ھوا، نوجوان جوش مان وري ڪڇيو: ”اوھين ضرور حيران ھوندا، تہ ھھڙن رھزن سوئر کي مون ڪيئن ڪمرايو، پر جيئن قدرت ھاٿي‌ءَ جو ڪن اھڙو نازڪ بنايو آھي، جو ڪمزور ماڪوڙي‌ءَ جي ھڪ چڪ تي ئي ھاٿي ٿڪي ڪري پوندو آھي، تيئن انسان جي عضون ۾ بہ ھڪ عضوو اھڙو نازڪ آھي، جو بہ ڌڪ بہ جھلي نہ سگھندو آھي ۽ مونکي بس انھي عضوي تي وار ڪرڻ جو موقعو ھن پاڻ ڏنو. سندس خصم.... تي بہ ڌڪ لڳڻ سان ئي ھو ڳالاٽي کائي وجي ڪريو ۽ ھي‌ءَ ابھم نياڻي صرف اڌ منٽ جي فرق سان ھن کان آزاد ٿي ويئي. ڇا اھا بہ ھي‌ءُ رھزن ڪنھن وڏي‌ءَ سزا جي لائق نہ آھي؟“

نوجوان ھن جي ڇاتي‌ءَ تي اٿمن ويٺل ھو، جو سندس منھن مرشد جي ٽنگن کي ساھون ھو، حاضرين کي ھتري‌ءَ غيرت ۽ جوش ڏياريندي اوچتو ھن مرشد جي خصم.... تي بي اختيار اھڙا تہ ڌڪ وچايا، اھڙا تہ ڌڪ وچايا، جو ھو بہ ئي نھايت خوفناڪ رڙيون ڪرڻ بعد ئي بيھوش ٿي ويو، پر ھي‌ءَ ايستائين ڌڪ وچائيندو رھيو، جيستائين ھن جا خصم.... صفا چيچرجي نہ ويا. مگر بي انتھا جوش ۾ آيل نوجوان کي اھا بہ صبر نہ

آيو، هن اوچتو ڪيسي مان چاڪو ڪڍيو ۽ سندس پٺي خصم.... ڪپي حاضرين مان پوڙهن خليفن جي منهن تي اڇلائي، چاڪو لهرائيندو هليو ۽ پوءِ ...... ۽ پوءِ ...... ڏيڍ مهيني بعد سانوريءَ جي پيءُ جي در تي هڪ ٽانگو اچي بيٺو، جنهن تان ٻه خوفناڪ قسم جا جوان لٿا ۽ هڪ ڪپڙن ويڙهيل منهن ڍڪيل ڇوڪريءَ کي ٽانگي جي پوئين خاني مان ڪڍي، سندس گهر ۾ اڇلائي، اهو چوندا واپس هليا ويا، ته "وٺو هيءَ پنهنجي بد بخت ڇوري، جا پنهنجي ڪڌن ڪرتوتن سبب اڄ مرشد کان طلاق وٺي، اوهان وٽ واپس اچي پهتي آهي، پلا ڪتو ڇا ڄاڻي ڪٽڪ جي ماني مان!"

(٥)

"سانوري! منهنجي سانوري!! تون نيٺ اچي ويئين!"

ڪمال ائين چوندي بي اختيار اندر گهڙي اچي ڪمرس ڇنبڙيو ۽ چوڻ لڳو "منهنجي مارئي! تون نيٺ عمر جي قيد مان نڪتئين! هان مون کي پڪ هئي ته ائين ٿيندو. مون ۾ ڪيئت وانگر مارئيءَ کي ڇڏائڻ جي طاقت ڪٿي نه هئي، پر هن نئن عمر کي اهڙو ڪدڙو ضرور بڻائي سگهيس، جو هاڻ ته هو عورت جي نالي کان به وٺئون ويندو هوندو. خدا جا لک شڪر جون تون مولکي وري مليئين......"

۽ پوءِ هو بي تحاشا پنمرهن ويهه منٽ ائين چوندو ڪيس ڇنبڙيندو رهيو، پر نه فقط سانوريءَ جي زبان مان هڪ لفظ به نه نڪتو، بلڪ سندس مائٽن مان به ڪو هن هات تي ڪجهه نٿي ڪڇيو......!

"سانوري! منهنجي سانوري تون ڪجهين ڇو نٿي؟ آخر تون پاڻ به اڪر ڇو نٿي ڳالهائين؟ ڇا تون مون وٽ اچڻ تي ناخوش آهين؟ ڇا توکي بـه مرشد جا پوڙ پلاهه چنگاليون چاشينيون وٺي......"

سانوري هاڻ وڌيڪ پڏي نه سگهي ۽ بي اختيار منهن

تان ڪيڙو لاهي چوڻ لڳي ”پلا هاڻ انهي سانوريءَ کي حاصل ڪري ڇا ڪندين، جنهن جا پٽي اکونڌا توسان ڳالهائڻ جي ڏوهه ۾ آڱوٺن سان ڪڍي اڇلائي ڇڏيا ويا هئا؟ خدا ڄاڻي اهڙيءَ بيدرديءَ بعد هيءَ نياڻي ڇو ٻيهي جيئي؟“

”اوهه سانوري! توسان ايڏو ظلم ڪيو ويو! اف! هيءُ مرشد ڪيڏا نه ظالم آهن. ۽ وري اهو سڀ ڪجهه خدا جي شريعت جو نالو وٺي پيئي ڪيو! پر منهنجي سانوري! مون به تنهنجي پٺ اکين جو بدلو هن جا پٽي خصه ڪپڻ سان وٺي ڇڏيو آهي. هاڻ هو توکي نه ڇا، پر تو جهڙيءَ ڪنهن ٻيءَ کي به هٿ لائڻ جي لائق نه رهيو آهي. باقي تون .... تون سانوري ...... ڪلهه به منهنجي هئين ۽ اڄ به منهنجي آهين. مون کي توسان محبت آهي، ڪا تنهنجي اکين سان ڪانه آهي، هاڻ تنهنجون اکيون آءٌ آهيان ۽ توکي مون کان ڪوبه ظالم ڪسي ڪونه سگهندو!“

(نوٽ:- هيءُ سنڌ جو هڪ بلڪل سچو واقعو آهي، جو ناصر مورائيءَ جي والد صاحب ٻڌايو هو ۽ پوڪ خلق ۾ نه هرهنڌ .... هر زماني ۾ .... اهڙا واقعا پيا ٿيندا آهن، پر وڌيڪ حيرت انگيز احوال هي آهن، ته انهيءَ مرشد جي ڏيک ملم پٽي نه ٿيڻ سبب سنڌس وڏيل خصه .... جي جاءِ تي ڪيڙا پيا ۽ هو نهايت دردناڪ ڪيڪون ڪندي مري ويو هو، پر پوڪ مريدن ۽ چالاڪ خليفن گڏجي اهڙي ڪميڻ انسان تي به قبو ٺهرائي ڇڏيو آهي ۽ ڏن جي اڄ ڄرئي پٺ کي اچا به نذرانا پيا ڏين.

(انا لله و انا اليه راجعون!)



ڪل سنڌ ادبي ڪانفرنس ۾ ڏيپلائي مرحوم
جناب شمشيرالحيدري ۽ ٻين دوستن سان گڏ.



ڏيپلائي صاحب پنهنجي ننڍي فرزندن جناب محمد علي جناب
عبدالرحمان ۽ جناب ڊاڪٽر حبيب الرحمان سان گڏ هڪ نظر

پاڪستان فورم طرفان

ڏيپلائيءَ کان ورتل انٽرويو

* ماهه جون ۱۹۷۹ع جي ۱۳ تاريخ تي سنڌ جي مشهور بزرگ، ناول نگار، اديب، صحافي ۽ ناشر محمد عثمان ڏيپلائي مرحوم جي ايڪهترين سالگره ملهائي ويئي. "پاڪستان فورم" ڪراچي جي نمائنده انهيءَ موقعي تي ڪانئس انٽرويو ورتو هو جنهن جو متن قارئين شهباز جي دلچسپيءَ لاءِ ماهنامه "پاڪستان فورم" جي شڪريه سان پيش ڪجي ٿو. — (اداره *

سوال:- سڀ کان اول توهان اسان کي پنهنجي شروعاتي زندگي ۽ تعليم جي باري ۾ ڪجهه ٻڌايو.

جواب:- مان ٿرپارڪر ضلعي جي شهر ڏيپلو ۾ ۷۱ سال اڳ پيدا ٿيو هوس. پرائمري تعليم ڏيپلي ۾ ئي حاصل ڪيم. ان کانپوءِ اتي ڏڪار پيو ۽ اسان جي ڪٽنب ٽنڊو باگو (ضلع حيدرآباد) ۽ هاڻي بدين ضلعو) ۾ وڃي رهائش اختيار ڪئي. مون اديب فاضل جو امتحان پاس ڪيو ۽ ان کانپوءِ مئٽرڪ ڪيم- مون کي ادب جو تمام گهڻو شوق هو. مون سنڌي کان علاوه اردو ۽ فارسي ادب جو وسيع مطالعو ڪيو. ان کان علاوه مون کي علم نجوم، رمل سامورڪ ۽ جفر (عمليات) وغيره ۾ به دلچسپي هئي.

سوال:- توهان سڀ کان پهرين ڪهڙي ملازمت ڪئي؟

جواب:ـ مون هڪ وڏيري وٽ ڏهه روپيه مهيني جي پگهار تي منشي جي نوڪري ڪئي. پوءِ مان مختلف زميندارن وٽ منشي جي حيثيت سان ڪم ڪندو رهيس ۽ پگهار وڌندي وڌندي پنج سو تائين پهتي.

سوال:ـ اکڻ لکائڻ جو ڪم توهان ڪڏهن شروع ڪيو؟

جواب:ـ ١٩١٩ع ۾ جڏهن مان شاگرد هوس ته مان ۽ منهنجي هڪ دوست الڳ الڳ دستي اخبارون جاري ڪيون. منهنجي اخبار جو نالو "فرحت آثار" هو ۽ منهنجي دوست جي اخبار جو نالو "روح راحت" مان پنهنجي هٿ سان لکيل اخبار مختلف ماڻهن کي پڙهائيندو هوس.

سوال:ـ توهان جو پهريون مضمون ڪهڙي باقاعده رسالي يا اخبار ۾ شايع ٿيو؟

جواب:ـ سال ١٩٢٣ع ۾ پهريون اردو مضمون لکيم جيڪو خواجه حسن نظامي جي رسالي "منادي" ۾ شايع ٿيو ٻيو مضمون بہ اردو ۾ دهلي جي رسالي "دين و دنيا" ۾ شايع ٿيو.

سوال:ـ توهان جو سڀ کان پهريون ڪتاب ڪهڙو هو؟

جواب:ـ قرآني دعائون جيڪو ١٩٣٣ع ۾ ڇپيو هو. ناشر جي حيثيت ۾ سڀ کان پهريائين ١٩٣٩ع ۾ منهنجو ناول "سنگدل شهزادي" شايع ڪيو هوم پيو ڪتاب "گلستان حسن" هو. جيئن ته مان پيرن جي خلاف هوس، تنهن ڪري مون حسن بن صباح جي باري ۾ جيڪي ڪجهه غلط سلط پڙهيو هوم، ان جي بنياد تي، هيءُ ڪتاب لکيم جيڪو نهايت گندو ڪتاب هو. سال ١٩٤٢ع ۾ مون ٢٣٠٠ روپين ۾ پنهنجو گهر وڪڻي "ڏاهري رنگ محل" نالي ڪتاب شايع ڪيو جنهن تي ١٧٠٠ رپيا خرچ آيو. راجا ڏاهر جي متعلق هيءُ ڪتاب بہ حد کان وڌيڪ فحش هو. هڪ ٻيو گندو ڪتاب جيڪو مون انهيءَ زماني ۾ لکيو اهو هندو ويدن تي مبني "هندستان جي سچي

تاريخ حصو ٻهريون" هو. جنهن کي تعليم کاتي انعامي لئبرري جي لاءِ منظور ڪيو.

سوال:- توهان هن وقت تائين ڪيترا ڪتاب لکيا آهن؟

جواب:- ڪل ١٣٠ ڪتاب. ان کان علاوه ڏهہ تعليمي ڪتاب بہ لکيا آهن.

سوال:- توهان جي ڪيترن ڪتابن تي بندش وڌي ويئي يا انهن کي ضبط ڪيو ويو. اهي ڪهڙا ڪتاب آهن ۽ انهن جي خلاف ڇو قدم کنيو ويو هو؟

جواب:- سڀ کان پهريائين جنهن ڪتاب کي ضبط ڪيو ويو اهو "ڏاهري رنگ محل" هو. جنهن تي هندو ڏاڍا ناراض هئا. "گلستان حسن" جي پهرئين اشاعت تي ڪابہ پابندي نہ لڳي مون کي اسماعيلي عالم هاشم لالو سمجهايو تہ هيءَ ڪتاب حقيقتن تي ٻڌل ناهي ۽ اهو تہ اهڙيون حرڪتون ڪري سان انگريز سامراجين کي ئي فائدو پهچائي رهيو آهيان. مان کيس وعدو ڪيو تہ مان انهيءَ ڪتاب کي ٻيهر شايع نہ ڪندس. پر مون کي اها ڳالهہ ياد نہ رهي ۽ مون اهو ڪتاب ٻيهر شايع ڪيو. بيگم الانہ (پيار علي الانا جي والده) جيڪا ان وقت اسيمبليءَ جي ميمبر هئي، تنهن انهي تي سخت احتجاج ڪيو ۽ پابندي وجهرائي ايوب خان جي مارشل لا لڳڻ کان چند مهينا پوءِ منهنجا ٽي ڪتاب "١٨٥٧"، "انور پاشا" ۽ "جپاني گڏي" ضبط ڪيا ويا. ان کان پوءِ سال ١٩٦٣ع ۾ ميڪسم گورڪي ناول "امڙ" جو ڇهن ڪتابڙن جي شڪل ۾ شايع ڪيل منهنجو سنڌي ترجمو بہ ضبط ڪرايو ويو. آخر ۾ سال ١٩٧٦ع ۾ "شيخ المشائخ" تي پابندي عائد ڪئي ويئي جيڪو مون هڪ پير جي ڪتاب "سنڌ سونهاري" جي جواب ۾ لکيو هو.

سوال:- يعني ١٩٦٣ع ۽ ١٩٧٦ع جي درميان جي ڇوڏهن سالن جي عرصي ۾ توهان جو ڪوبہ ڪتاب ضبط نہ ٿيو؟

جواب:- اهو انهيءَ ڪري جو مون وٽ پئسا نہ هئا.

جو ڪتاب ڇپايان ۽ ضبط ڪرايان.

سوال:- توهان جي ضخيم ۽ دلچسپ ناول "سانگهڙ" جنهن کي رائٽرز گلڊ جي طرفان انعام به ڏنو ويو هو، انجا ڪردار ۽ واقعا ڪيتري قدر حقيقي آهن ۽ ڪيتري حد تائين افسانو.

جواب:- هيءُ ناول ٻي حر تحريڪ ۽ پير صبغت الله پاڳاري جي باري ۾ آهي. هيءُ گهڻو ڪري حقيقتن تي مبني آهي پر مون ان کي دلچسپ بنائڻ لاءِ افسانوي انداز ۾ لکيو آهي. حر عورتن جا ورتل انٽرويو مون کي وليداد نالي هڪ شخص کان حاصل ٿيا. پر حر مردن جا انٽرويو حاصل نه ٿي سگهيا. ليڪن ١٩٦١ع ۾ حيدرآباد جيل ۾ مون سان گڏ بعض حر قيدي به هئا. مان انهن سان تفصيلي گفتگو ڪري حقيقتون قلمبند ڪيون. حر ڪمشنر ليمبرڪ جنهن حر تحريڪ جي باري ۾ "دي ٽير رسٽ" جي عنوان سان ڪتاب لکيو آهي. ليڪن هو انهيءَ تحريڪ کي سمجهي ئي نه سگهيو. انگريز حرن کي صرف ڌاڙيل سمجهندا هئا. جڏهن ته هو انگريز سامراج جي بالا دستي جي خلاف ۽ سنڌ جي آزاديءَ جي لاءِ وڙهي رهيا هئا. مان پنهنجي ناول ۾ انهيءَ حريت پسنديءَ جي عنصر کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

سوال:- توهان تازو ڪهڙو ڪتاب شايع ڪيو آهي؟

جواب:- "انسان جي تاريخ" جي ٻي اشاعت.

سوال:- ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته ايران جي باري ۾ به توهان ڪو ناول لکيو آهي. ان جي لکڻ جو جذبو ڪيئن پيدا ٿيو؟

جواب:- ايران جي عوام جي جدوجهد سون کي ڏاڍو متاثر ڪيو. پوءِ مون ايران جي تازن واقعن تي هڪ ڪتاب پڙهيو ۽ "پاڪستان فورم" ۾ ڇپيل مواد ڏٺو ته دل چاهيو ته هڪ ناول لکان. هيءُ ناول هاڻي پريس ۾ آهي.

سوال:- توهان جي ڪا ٻي تصنيف به عنقريب شايع ٿيڻ واري.

جواب:- هڪ ٻئي ناشر گورڪيءَ جي ”ماءُ“ جي ترجمي کي ڳل ڪري ناول جو ٻيون حصو شايع ڪيو آهي. ٻئي حصي جو ترجمو گهڻو ڪري هو پاڻ ڪندو. اهڙيءَ طرح روسي مصنف استراوسڪي جي ناول دارو رسن کي آزمائش“ مان ورتل سنڌي ماحول ۾ مون هڪ ناول ترتيب ڏنو هو جيڪو ”سسي نيزي پالڊ“ جي عنوان سان هڪ اشاعت گهر شايع ڪيو آهي.

سوال:- توهان جو ڪهڙو ناول سڀ کان وڌيڪ مقبول ٿيو؟

جواب:- ”۱۸۵۷“ جنهن جون ۳ اشاعتون ٽن هزار ڪاپين جي صورت ۾ ڇپيون جيڪو سنڌي مطبوعات جي لاءِ هڪ رڪارڊ آهي.

سوال:- توهان سنڌي زبان جي ڪهن اديبن مان ڪنهن کان وڌيڪ متاثر آهيو؟

جواب:- مون کي محمد ابراهيم جويو، حيدر بخش جتوئي شيخ اياز ۽ سوڀو گيانچنداڻي جي تحريرن وڌيڪ متاثر ڪيو آهي. مون کي ابراهيم منشيءَ جي شاعري به نهايت پسند آهي.

سوال:- توهان جو پسنديده ڪتاب ڪهڙو آهي؟

جواب:- جي. ايم. سيد جو ”جيڪي ڏٺو سو مون“ ۽ ابراهيم جويي جا هڪ ٻه ڪتاب.

سوال:- صحافت جي ميدان ۾ به توهان جون گرانقدر خدمتون آهن. توهان سڀ کان اول ڪهڙي باقاعده اخبار يا رسالو شايع ڪيو؟ ۽ هن وقت تائين ڪهڙا ڪهڙا رسالا ۽ اخبارون شايع ڪيون آهن؟

جواب:- ۱۹۴۱ع ۾ مون ماهنامه ”عبرت“ جاري ڪيو ۱۹۴۳ع ۾ ان کي هفتيوار بنايم. ۱۹۵۶ع کان عبرت روزانه اخبار جي حيثيت سان شايع ٿيڻ لڳي. ۱۹۵۸ع ۾ مان اها اخبار قاضي عابد ۽ قاضي اڪبر کي وڪڻي ڏني. ”عبرت“ کي وڪرو ڪرڻ کان اڳ ئي مان هفتيوار ”انسان“ جاري ڪئي هئي. ۱۹۶۹ع کان ماهنامه ”سانيهه“ ڊائجسٽ ۽ روزانه ”سنڌ ٽائيمس“ شايع ڪري رهيو آهيان.

مرحوم ڏيپلائي ڪجهه لکي رهيو آهي

سوال:- توهان کي پنهنجين تحريرن جي ڪري قيد و بند جون تڪليفون به برداشت ڪرڻيون پيون. توهان کل ڪيترا دفعا جيل ويا ۽ ڇا جي ڪري؟

جواب:- ايوب خان جي مارشل لا لڳڻ سان ئي ملڪ جي ڪيترن ئي ترقي پسند اديبن کي گرفتار ڪيو ويو. مون کي ڪميونسٽ سڏي لاهور ڏ، موڪليو ويو. ۱۹۶۱ع ۾ مون کي پيهر گرفتار ڪري چاليهه ڏينهن تائين حيدرآباد جيل ۾ "سي" ڪلاس ۾ رکيو ويو ته جيئن مان پنهنجي رسالي جي اشاعت

جاري رکي نہ سگهيا. اهڙيءَ طرح ان "انسان" جو ڊڪليئريشن منسوخ ڪري ڇڏيو. آخري دفعو ١٩٧٦ع ۾ جڏهن حڪومت "شيخ المشائخ" کي ضبط ڪيو تہ ان سان گڏ مون کي پنهن ڏينهن لاءِ قيد ڪيو ويو.

سوال:- توهان جون شروعاتي تحريرون مذهبي هيون ۽ توهان جو جماعت اسلامي سان بہ تعلق رهيو آهي. ڇا توهان ٻڌائي سگهو ٿا تہ توهان جماعت اسلامي جا ڪهڙيءَ طرح هم خيال ٿيا ۽ انهي لاءِ ڪهڙيون خدمتون ڇا آنديون؟

جواب:- مان هڪ انتهائي مذهبي شخص هوس. سوڊان ۾ مهدي جي اسلامي انقلابي تحريڪ مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو منهنجي هيءَ تمنا هئي تہ هندستان ۾ بہ اسلامي انقلاب برپا ٿئي. هتي برصغير ۾ مولانا مودودي ٿي اسلامي انقلاب ۽ اسلامي معاشره جي ڳالهہ ڪري رهيو هو. چنانچہ اسلامي جوش ۾ اچي مون ١٩٤٢ع ۾ جماعت اسلامي جي رڪنيت حاصل ڪئي مان سنڌ ۾ جماعت اسلامي جو پهريو ميمبر هوس. پهريون غلام محمد چوڌري هو جيڪو هڪ پنجابي هو ۽ ريلوي ۾ ملازم هو. انهيءَ شخص جي ڪردار مون کي متاثر ڪيو. ١٩٤٣ع ۾ مون مهدي سوڊاني جي تحريڪ کان متاثر ٿي "سوڊان جي سونهن" نالي هڪ ڪتاب لکيو. جيئن تہ هيءَ تحريڪ انگريزن جي خلاف هئي ۽ منهنجا پنهنجا جذبات بہ انگريزن دشمن هئا، مون کي ڊپ لڳو تہ انهيءَ ڪتاب جي اشاعت جي ڪري حڪومت جو عتاب نہ نازل ٿئي. پر مولانا دين محمد وفائي (سنڌي صحافت جو باني) مونکي سمجهايو تہ ڪجهہ بہ نہ ٿيندو ڇاڪاڻ تہ تون انگريزن جوئي ڪم ڪري رهيو آهين. هندو مسلمان جي درميان نفاق پيدا ڪري تون انگريزن جي خلاف محاذ کي ڪمزور ڪري رهيو آهين. ۽ انهيءَ ڪتاب جي خلاف ڪوبہ قدم نہ کنيو ويو. مان ١٩٢٠ع کان ئي انگريزن جي خلاف هوس- چنانچہ هيءَ ڳالهہ مون کي نهايت عجيب لڳي تہ "اسلامي انقلاب" جو پرچار ڪري مان انگريزن کي

فائدو پهچائي رهيو آهيان.

مون سنڌ ۾ مودودي جي خيالات جي پرچار جي لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪئي. ان جي "خطبات" جو سنڌي ۾ ترجمو ڪري انهون هڪ لک ڪاپيون هڪ آني في ڪاپي جي حساب سان وڪرو ڪيون. انڪان علاوه مون "دينيات"، اسلامي حڪومت ڪيئن ٿهندي"، اسلامي انقلاب" ۽ مودودي جي ٻين تحريرن جو سنڌي ۾ ترجمو ڪري انهن جي اشاعت ۽ تقسيم جو انتظام ڪيو.

سوال:- مودودي جماعت کان توهان ڪيئن ۽ ڪڏهن متنفر ٿيا؟ ترقي پسند خيالن ڏانهن توهان جو لاڙو ڪيئن پيدا ٿيو؟

جواب:- جماعت اسلامي سان بنيادي اختلافن جو سبب هيءُ هو ته اها پاڪستان جي قيام جي مخالف هئي ۽ مان پاڪستان جو حامي هوس، چنانچه ۱۹۴۸ع ۾ مان انهيءَ جماعت کان علحدگي اختيار ڪئي. ۱۹۴۹ع ۾ مون قرآني اشاعت جي لاءِ قرآن پريس قائم ڪئي. پر هيءُ سال فڪري لحاظ کان منهنجي لاءِ هڪ سنگ ميل ثابت ٿيو. مون ميهر آفتاب جو شايع ڪيل ڪتاب "جديد معلومات سائنس" پڙهيو جنهن منهنجي دماغ کي چڪرائي ڇڏيو. مونکي ڪائنات ۽ فطرت جي باري ۾ پهريون دفعو حقيقتن جو علم ٿيو ۽ پنهنجي تعصبات جو احساس ٿيو. انهيءَ سال مون گورڪيءَ جو "ماءُ" پڙهيو. انهيءَ ناول به منهنجي مٿان گهڻو اثر ڪيو. ۽ مونکي احساس ٿيو ته انسان کي پنهنجي سماجي غلامي کان نجات حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪيتري ڪٺن جدوجهد ڪرڻي پوي ٿي. انهن ڪتابن جي مدد سان مان صحيح معنيٰ ۾ پهريون دفعو انسانيت ۾ قدم رکيو.

۱۹۵۸-۵۹ع ۾ لاهور جيل ۾ منهنجي ملاقات فيض احمد فيض، مرزا ابراهيم، دادا فيروزالدين منصور، دادا امير حيدر، فضل الاهي قربان، خوشحال خٽڪ ۽ ٻين ترقي پسند رهنمائن سان ٿي. مون کي انهن جي خيالات ۽ جدوجهد متاثر ڪيو.

سوال:- جماعت اسلامي کان الڳ ٿيڻ کانپوءِ ، توهان جي ڪنهن سياسي پارٽيءَ سان وابستگي رهي؟

جواب:- باقاعده ميمبر نه رهيس پر منهنجي همدردي پهريائين مسلم ليگ سان ۽ بعد ۾ پيپلس پارٽيءَ سان رهي.

سوال:- توهان سنڌ جي سياسي ۽ علمي حلقن ۾ هڪ متنازعه شخصيت آهيو. توهان ايوب خان جي دور ۾ ان جي تعريف ڪئي. انکي صلاح الدين ايوبي جو خطاب ڏنو. توهان وٽ انجو ڪهڙو جواز آهي؟

جواب:- هڪ ته هيءَ هڪ مجبوري هئي. ٻي ڳالهه هيءَ جوس ته اها هڪ جماعت هئي. انهيءَ وقت منهنجو ذهن صاف نه هو. منهنجو سياسي شعور پختو نه هو.

سوال:- توهان هڪ اهل قلم ۽ ناشر جي حيثيت سان جيڪا طويل جدوجهد ڪئي آهي ۽ جيڪي قربانيون ڏنيون آهن انهن جو مقصد توهان ڪهڙيءَ طرح بيان ڪندا؟

جواب:- هيءَ جدوجهد انسانيت جي لاءِ آهي. انسان جي بنيادي حقن جي لاءِ آهي.

**

رنز هوٽل حيدرآباد طلوع رسالي جي سالگره جي موقع تي
مرحوم ڏيپلائي نظر اچي ٿو

٧-١١-١٩٧٧ حيدرآباد ۾ رنز هوٽل ۾ روسي رسالي طلوع
جي سالگره تي ورتل تصوير جنهن ۾ قاضي اڪبر ۽ مرحوم
ڏيپلائي نظر اچي ٿو.

م-ع ڏيپلائي

آڪين جي عيوض

(۱)

”بس يار! هاڻي وري به اسان جو خرچ توتي پيو!“

”اڙي ڇو؟ خير ته آهي!“

”خير وري ڪهڙو! بس اها ئي ساڳي ڳالهه!! نوڪري ختم!!“

”نوڪري ختم ٿي ويئي! ڇا، تنهنجي نوڪري ختم ٿي؟ اڙي تون ته ڏاڍي محنت ۽ وقت جي پابندي سان هي؟ نوڪري ڪندو آهين، پوءِ ڪيئن تنهنجي نوڪري ختم ٿي ويئي؟“

”بس! گهبرائجي وئين پڇو! ها ها! گهبرائبين ڇونه، آخر ور ور ڏهئي مونکي ڪيترو پيو ڪارائيندين!“

اصغر ڏپ ڏيئي پاڪر وجهي چيس ”اشرف پائو! اهو ڇا چيئه؟ ڇا تون مونکي ۽ پاڻکي به ماڻهو تو سمجهين؟ ڇا، تون سمجهين ٿو ته تو لاءِ آءٌ ڪو خرچ ٿو ڪريان، ته اهو يار سمجهي؟ ڇا، تون به جيڪر مون لاءِ ائين سمجهين؟“

اشرف به کيس ڳرانڙي پائي چيو ”اڙي نه يار ڏ! اول ته منهنجو اهڙو بخت ڪٿان آيو، جو پئي ڪنهن کي مدد ڪري سگهان، پر جيڪڏهن اهڙو ٿي پوان ته به مالي مدد ته بجاءِ خود، پر تو لاءِ ته جان به حاضر آهي!“

”پوءِ ڀلا مون لاءِ اها بدگماني ڇو ٿو ڪرين؟“

”اڙي يار! ڇاجي بدگماني؟ مون ٿي ڪٿي چرچو ڪيو!“

”پر بيوقوف! چرچو به اهڙو ته نه ڪجي، جو ڪنهن جي دل کي ڏکوئي!“

”اڙي دل وري ڇا جي ڏکندي؟ دل تنهنجي آهي منهنجي

قبضي ۾، سا وري ڏکي ڪم تي سگھندي!"

"نيڪ نيڪ، هاڻي آئين پوري پير تي، پر ڀلا ٻڌاءِ، تہ نوڪري ڇو ويئي؟"

"اشرف ٺهڪ ڏيئي چيو "اڙي يار! ويئي وري ڪٿي آهي، هو تہ نوڪري ختم ڪونہ ڪندا، پر يارن جو خيال آهي تہ سياڻي استعفيٰ ڏيون!"

"استعفيٰ؟ ڇو ڀلا؟ توکي هن نوڪريءَ ڇڏڻ لاءِ ڪهڙو سبب آهي؟"

"ڀائي! تون بہ ڳالهہ کي سمجھہ نہ، مونکي تہ سبب ڪوبہ ڪونهي، پر توکي خبر آهي تہ اڄ آچر هو؟"

"هو ڇلہ پر اڄا بہ هلي پيو!"

"خير، سو هلي ڀا ٻيهي، پر بدقسمتيءَ سان صبح جو ٻاهر نڪتس تہ سالو مجبورو ڪڏجي ويسم ۽ زور ڪري وٺي ويو گھر! .... پوءِ .... پوءِ وڏيڪ ڳالهہ تہ تون پاڻ ٿو ڄاڻين!"

(٢)

اشرف بي اختيار ٺهڪ ڏنو، "اوهہ! اوهہ!! مون سمجھيو، اڙي بيوقوف! ماڻهو تہ پنهنجي مڱ جي ديدار تي خوش ٿيندا آهن ۽ تون الٽو پيو پاڻ کي بدبخت سمجھين!"

"اڙي خوش تہ آءٌ بہ ٿيو آهيان، ڀلا چنڊ جهڙي ڇهري جي جهلڪ ڪنهن کي خوش تہ ڪندي؟ پر ڪجي سو ڪجي ڇا، جو انهي چنڊ ۾ آهي داغ، سو منهنجي نصيب کي گرهڻ ڏيو ڇڏي، ڀلا، تون ئي ڪٿي ٻڌاءِ تہ اهو ڪوڙ آهي؟ جڏهن بہ مڱ جو منهن ٿو ڏسان، تڏهين هفتہ اندر ٺهيل نڪيل نوڪري ختم، يا تہ آءٌ مالڪن مئنيجرن سان وڙهان، يا هون مون سان وڙهيو پون، جي نہ تہ لٽي پٽي ڪين اهڙو ڪو نقصان پئجيو وڃي، جو نوڪرن جو ڍيو گل! اها ڳالهہ هڪ دفعہ نہ پر پنج دفعہ آزمائي اٿم، ۽ هاڻي مون لاءِ بہ اوهہ تي ليڪو

ٿي ويٺي آهي، سو خيال ڪريان ته هو جو مونکي ڪڍن، سو چو نه عزت آبروءَ سان پاڻ استعفيٰ ڏيان!“

اشرف ۽ اصغر پاڻ ۾ گهرا دوست هوا، اهڙا گهرا، جو هڪ ٻئي کان سواءِ پل به آرام نه ايندو هون. سڪول کان وٺي گڏ پڙهيا هوا ۽ پوءِ اشرف کي سرڪاري نوڪري ملي، ته اصغر به اتي ئي رهڻ بنا رهي نه سگهيو ۽ سرڪاري نوڪري نه ملڻ ڪري خانگي فرم ۾ ڪم ڪرڻ قبول ڪيائين، پر اشرف جي جدائي هن کي به ناگوار هئي.

پر هيءَ سچ پچ عجب اتفاق هو، جڏهين به اصغر ساهري گهر ويندو هو ۽ مگ تي نظر پوندي هيس، ته هفتي اندر ضرور سندس نوڪريءَ ۾ ڦيرو ايندو هو، يا مالڪ کيس ڪڍندا هوا، يا مالڪ کٽي پوندا هوا ۽ نوڪر گهٽائڻ سبب ساڻس گڏ ٻيا به چار گهلجي ويندا هوا. ان ڪري هو ڪوشش ڪري ساهرن وٽ ڪان نٽائيندو هو. پر جي ويندو هو ته اها ڪوشش ڪندو هو ته سندس مگ تي نظر نه پوي، مگر سندس مگ هئي نهايت خوبصورت، سو جيڪڏهين به دفع ڏسڻ کان نٽائيندو هو، ته ٽيون دفع ضرور دل بيقرار ٿي ويندي هيس ۽ پوءِ.... پوءِ نتيجو ساڳيو!

۽ جڏهين هي بيروزگار هوندو هو تڏهين لازمي طرح سندس خرچ اشرف مٿي هوندو هو.

اڄ صبح جو هي مگ جو منهن ڏسي آيو هو ۽ پڪ هيس ته هاڻي نوڪريءَ کان جواب ملندو، تنهن کان بهتر آهي ته پاڻ ئي استعفيٰ ڏيان.

اشرف گهڻو ئي روڪيس، پر هو چوي ته ”آزمائي کي آزمائي سو ڏوڙ منهن ۾ پائي“ بيعزتيءَ جي موقوفيءَ کان شرافت جي استعفيٰ چڱي آهي“. اشرف چوي ”ميان! هي سڀ وهم آهي، ڀلا ويچاريءَ تنهنجي مگ جو نوڪريءَ سان ڪهڙو واسطو!“ پر هي چوي ”آءٌ تنهنجي هدايتن کي ڏسان، يا پنهنجي تجربن کي؟“

اڄ صبح جو آفيس ۾ اچي ٽيبل تي ويهي ڏ-ن ڀريون ڪم اهوئي ڪيو، جو استعفي لکي مئنيجر ڏي موڪليائين ۽ منتظر رهيو ته اجهو ٿو مئنيجر گهرائي چوي ته "ميان ڇگو ڪيئه! اسين پاڻ توکي ڇڏڻ جي فڪر ۾ هواسون!"

ته سچ پچ پٽيوالو يڪدم سڏڻ آيو ۽ هي ٽوپي ڪوٽ پائي انهن اکرن ٻڌڻ لاءِ تيار ٿي مئنيجر وٽ ويو، مئنيجر کي سلام ڪيائين ته هن چيس "اڄ، مسٽر اصغر علي! ويهه ڪرسيءَ تي ويهه!"

اصغر ويٺو، ته هن چيس "پٽ اصغر! مون کي افسوس آهي، جو مون نيٺ تنهنجي زبان کولائي، بيشڪ تون ڪم نهايت محنت ۽ شرافت سان ڪرين ٿو، تنهنجو پگهار هن کان اڳ ئي وڌائڻ گهرجندو هو، مگر اسان جي سستيءَ، يا بيقدريءَ نيٺ توکان به صبر جو دامن ڇڏايو، هاڻي هن مهني کان ئي توکي ڏيڍ سو مان وڌائي به سو ڪري ڏيون ٿا، اميد ته تنهنجي شرافت ۽ محنت توکي اڃان به وڌائيندي!"

پگهار هڪدم پنجاهه روپيه وڌائڻ اصغر کي خوشي ڏياري ها، مگر هن کي جو اهو ڀوت سر تي سوار هو ته مونکي جلدئي رخصت ملندي سو چوڻ لڳو "نه جناب! اها ڳالهه ڪانه آهي ...." مئنيجر ڳالهه کي ڪپي چيس "جي ها! مان سمجهان ٿو، مان سمجهان ٿو، نه تون انهي اضافي ۾ راضي ڪونه آهين، ڇگو ڀرا تون به ڇا ياد ڪندين ته ڪنهن قدردان سان ڪم پيو هئم، پلا هاڻي وڌيڪ نه ڪڇ، توکي اڍائي سو ڏينداسون .... هاڻي اٿ وڃي پنهنجي ڪم تي قائم ٿيءُ، متان ٽپال نيڪال ڪرڻ ۾ دير پوي!"

اصغر وائڙو ٿي ويو، هن کي سمجهه ئي نه پيو اچي ته هي ڇا ٿو ٿئي ۽ مئنيجر ڇا ٿو چوي، ڏيڍ سو مان به سو، وري ٻن سون مان اڍائي سو .... ۽ هوڏانهن مغز ۾ "موقوفي" "موقوفي" پئي وڄي، هو اٿيو ته سهي، پر ميز وٽ ويهي چوڻ

لڳو، ”جناب! اصل ڳالهه ته اها آهي ته ....“

مئنيجر چڙي پيو ۽ ڳالهه ڪپي چوڻ لڳو ”هاها! اصل ڳالهه اها آهي ته اسان جي فرم جي ترقيءَ تي حسد ڪري توکي ڪنهن ٻئي هرامي ۽ وڏي پگهار جي آڇ ڪئي آهي ۽ تون هرو ڀرو به استعفي ڏيندين نه؟ چڱو ڀلا! هاڻي آءٌ به آخرين ڳالهه تو ٻڌايانءِ! اسمن ٽن سون ڪان وڌيڪ پگهار سهي ڪونه سگهنداسون، توکي ٽي سو پگهار ڏيون، پر ڪجهه ڪم وڌيڪ ڪرڻو پوندءِ. وڌيڪ مان ڪجهه چئي نٿو سگهان اڃان بـ جي ضد هجيئي ته ڀل وڃي نون مالڪن کي چڪاس، پر ياد رکجانءِ، احسان علي خان جهڙو دلي قدردان ڪو ٿورو هٿ ايندءِ!“

(٤)

اصغر ڪلي پيو، هن تان هراس ۽ حيراني دور ٿي ويئي، هو مئنيجر کي سلام ڪري ڪلندو ٻوٽي موٽيو ۽ مئنيجر چوڻ لڳو ”ڪسين ٿا! هي حرامي حاسد ڀلئمن ٿا ته هو اسان ڪان ڪم جهڙو ماڻهو کسي ويندا؟ اڙي پر ڪين اها خبر ڪانهي ته اڳيان به احسان علي خان آهي!“

هوڏانهن وري اصغر سرورو وقت مرڪندو رهيو، ۽ آفيس ٽائيم پورو ڪري سڌو وڃي اشرف کي ڀاڪر پاتائين ۽ چوڻ لڳو ”يار منهنجي مڱ ڪا ڏاڍي سياڳي آهي!“

اصغر ڪلندي ڪلندي چيو ”استعفي ڏنم تـه مئنيجر “پگهار ڏيڍ سو مان ٽيرائي به سو ڪيو، ٻن سون مان اڍائي سو ۽ اڍائي سون مان يڪدم ٽي سو ....“

”اوهه ٽي سو! يار تون ته هاڻي چوٽ چڙهي وئين! پر ڀلائي ڪري هاڻي ڀاڀيءَ سان تڪڙي شادي ڪر، تـه اڃا به ڪو ڀاڳ ورئي!“

اصغر به کِس ڀاڪر پائي کٽي مٺي ڪنيو!

وھمن جي ٿيڻري انسان ذات کي ڪيڏو نہ منجھائي ٿي! بس، جيڪڏھين ہہ چار دفعہ ڪنھن ماڻھوءَ کي اتفاق سان ڪو ھڪ جھڙو تجربو ٿيو، تہ وھم ھنجو خانو خراب ڪري ڇڏيندو، سڄي دنيا ھڪ طرف، پر ھو پنھنجيءَ ڌي ات ھٺي بيھندو، ”چي ميان! مون کي تجربو آھي تہ ڪم ڌي وڃڻ مھل پنيان سڏ ٿيڻ معنيٰ ڪم خراب!.... ميان اڄ ڏائو ٻوليو تہ مونکي پڪ ٿي تہ بس قصو ڪوچ .... اڄ تتر جي تنوار ٻڌي اٿم، اڄ پنو پارھن آھن!

فلاڻي وليءَ کان دعا گھري پوءِ سودو ڪيم، تہ ويھہ ھزار بچيم! پاڻ تہ سائين ہہ ھزار سندس قبي لاءِ ڪڍي رکيا آھن.

بس سائين مرشد کي ناراض ڪيم، ڇگو ڀلو ڇوڪرو پل ۾ پورو ٿي ويو.

ناڻگ تي پير پاتم، جو ڇوڪري جي شادي ھن چنڊيءَ سان ڪيم، گھر ۾ پير پائيندي شرط سھرو بہ ڇٽ تہ ڏير بہ خلاص!.......

اھڙا ھزارين وھم آھن جي اسان جي دماغ جي سچيءَ دولت ”عقل“ تي دائما ڌاڙو ھڻي رھيا آھن؛ اسين ھن دشمن کي دفع ڪرڻ بدران اُلٽو سندس آدر ڀاءُ ڪندا رھون ٿا ۽ نتيجي ۾ نقصان پرائيندا رھون ٿا.

انسان ذات لاءِ اھي شخص بيحد مفيد آھن، جي پاڻ بہ وھمن کي ويڙين ٿا ٻين کي بہ انھي بدترين بلاءَ کي ماري مات ڪرڻ جا مشورا ڏين ٿا!

تحرير : سيّد سردار نديم

جنهن تي غمن جي چانوڻ

چانڊوڪي لڳندي هئي

سنڌي زبان جو ممتاز صحافي ۽ اديب

ڏيپلائي مرحوم

جابع برنارڊ شا جو چوڻ آهي ته ”جيڪڏهن اسان خوابن جي دنيا ۾ رهون ته اسان کي ان جي حسن جو ۽ جيڪڏهن اسان حقيقت جي دنيا ۾ رهون ته، ان جي تلخيءَ جو حصو ضرور ملندو رهندو آهي.“

ڪاش! ڪا اهڙي دنيا هجي ها، جتي صرف خواب نه هجن ها ۽ حقيقت ايتري تلخ هجي ها جو جڏهن زندگيءَ جي وڏي حقيقت کي تلاش ڪيو وڃي ها ته اسان کي موت جي صورت ۾ ملي وڃي ها. هيءَ حقيقت جڏهن چاهي ته، انسان کي سمورن خوني، ذهني ۽ قلبي ڳانڍاپن جي بندڻن کان آزاد ڪري ڇڏيندي آهي. ۽ اهو جيڪو معلوم ۽ نامعلوم دنيائن جو مالڪ آهي، اهوئي زندگي ڏيندو آهي ۽ موت جو وقت مقرر ڪندو آهي. اسان سڀئي پنهنجي پنهنجي وجود جي قيدخاني ۾ هڪ شمع وانگر روشن آهيون جو خبر ناهي ته ڪهڙيءَ گهڙي موت جو تيز طوفان ڪنهن شمع کي وسائي ڇڏي ۽ اسان پنهنجي رب جي طرفان ڏنل جذبن ۽ خواهشن جو اظهار ڪندا آهيون ۽ اهو سندس قدرت جو ڪمال آهي جو هو ڪنهن کي گمناميءَ جو موت ڏئي ٿو ۽ ڪنهن کي انسانن جو محبوب بنائي ڇڏيندو آهي. هو ڪن

انسانن کي اهڙين خوبين ۽ صلاحيتن سان نوازيندو آهي جو اهو انسان صلاحيتن جي اظهار تي قادر بنجي ويندو آهي ۽ لکين انسانن ۾ ممتاز درجو حاصل ڪندو آهي. هو زمين تي پنهنجي سڃاڻپ جا اهڙا نشان ڇڏي ويندو آهي جي ڪي اڻمٽ هوندا آهن.

محمد عثمان ڏيپلائي مرحوم به انهيءَ رب پاڪ جو پالهون هو. الله تعاليٰ کيس بي انداز صلاحيتن سان نوازيو هو. انهن صلاحيتن جي بنياد تي هن بي شمار انسانن جي ڏکن کي محسوس ڪيو ۽ غمن جي شدت کي گهٽائي ڇڏيو. هو هڪ اهڙو سچو اديب هو جنهن جو نالو هميشه زنده رهندو. هن جي قلم جي عظمت سان ڪيترائي ماڻهو محبت ڪندا هئا. ڪيترن ئي ماڻهن سندس وفات تي ڳوڙها ڳاڙيا. بيشڪ مستقبل ۾ بيشمار ماڻهو سندس تکين تحريرن جي سچائي جو اعتراف ڪندا.

مرحوم ڏيپلائي ۱۹۰۸ع ۾ پيدا ٿيو ۽ ۷ فيبروري ۱۹۸۱ع تي ۷۳ سالن جي ڄمار ۾ دنيا مان لاڏاڻو ڪيو. مرزا قليچ بيگ کانپوءِ هو ٻيو ممتاز سنڌي اديب هو. مختلف موضوعن تي لکيل سندس ڪتابن جو تعداد اٽڪل ٻه سئو کن آهي. ۽ اهي ڪتاب هر لحاظ کان سنڌي ادب ۽ صحافت ۾ ممتاز مقام رکن ٿا. سنڌي ادب ۾ هو تيز رفتار اديب هو. مگر سندس هر تخلاق ۾ قاري کي نئين تازگي جو احساس ملي ٿو مگر ڪنهن به هنڌ سندس تحرير ۾ ان جو قلم تي ٽڪ جو شيهو به نٿو ڏسڻ ۾ اچي.

پنهنجي قرآن پريس ۾ هن مولانا مودودي مرحوم جي ڪيترن ئي ڪتابن جا سنڌي ترجما شايع ڪيا، هو جهڙن ته هڪ حقيقت پسند اديب هو، تنهن ڪري هڪ کان وڌيڪ دفعا جيل يا تراڪئي. موجوده وقت ۾ صوبه سنڌ جي هڪ روزنامه ”عبرت“ جي اشاعت ڏيپلائي جي اڻٿڪ ڪوشش جي مرهون منت هئي. تازو حيدرآباد ۾ سنڌي ڊرامه نگاري جو سئو ساله جشن ملهايو ويو ته انهيءَ موقعي تي مرحوم ڏيپلائي

جو لکيل ڊرامو "شاهدي" به پيش ڪيو ويو. مذڪوره ڊرامي جي حوالي سان هن سنڌ ۾ موجوده جاگيرداري نظام تي ڀرپور طنز ڪئي هئي. عثمان ڏيپلائي ڊرامه "شاهدي" جي ذريعي ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ته سنڌ جي ڳوٺن ۾ جهنگل جو دور آهي. اتي ڀورهيت انسان جو گذارو مشڪل سان ٿي رهيو آهي. اتي انسان کي سندس ذات جي قلعي ۾ قيد ڪيو ويو آهي. ۽ ظالم جاگيردار نفرتن، ڪدورتن ۽ بي انصافين کي جنم ڏئي ٿو. ضرورتن ۽ مجبورين کي خريد ڪندو آهي. عثمان ڏيپلائي مرحوم بيشڪ سنڌي زبان ۾ ادب جو بي پناهه ذخيرو ڇڏيو آهي. اينڊڙ وقت شايد انهيءَ ڪميءَ کي پورو ڪري نه سگهي ۽ ان جي عدم موجودگي جو خال ڪافي عرصي تائين پرجي نه سگهي. ڏيپلائي هڪ سال کان بيمار هو ۽ جنوريءَ جي آخري ڏينهن ۾ سندس حالت زياده خراب ٿي وئي هئي.

هڪ موقعي تي جڏهن مٿس فالج جو حملو ٿيو ته کيس لياقت ميڊيڪل ڪاليج اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو. ٣ فيبروريءَ تي سندس طبيعت اوچتي وڌيڪ بگڙي وئي ۽ آخرڪار انهيءَ ڏينهن روشني بخشيندڙ هيءُ اديب موت جي آغوش ۾ هليو ويو. ٣ فيبروري جي شام عشاء جي نماز کان پوءِ جڏهن سندس قيام گاهه تان کنيو ويو ته دوستن، رفيقن، عزيزن ۽ واقفن جو هڪ سيلاب گڏ ٿي ويو. اکين مان وهندڙ ڳوڙها دلين ۾ ڳالهه جو پتو ڏيئي رهيا هئا. درحقيقت سندس موت جو ڳالهه هميشه ياد رهندو. ياد ڪڏهن به دل تان نه ميساربي آهي ۽ اها هميشه رڏاريندي ۽ تڙپائيندي رهندي آهي. محمد عثمان ڏيپلائي جهڙو عظيم اديب ۽ انسان جڏهن دنيا مان موڪلائيندو آهي ته سوڳ ۽ ماتم جا لفظ سطحي نظر ايندا آهن. انهن لفظن ۾ ايتري سگهه ۽ طاقت نه هوندي آهي جو هو موت مان پيدا ٿيندڙ اثر جو ڀرپور اظهار بنجي سگهن. مگر احساس جي اظهار جي انهيءَ صدين

ڪان پرالي ۾ رسم ڪي زنده نه رکڻو ئي پوندو آهي.

ڊويزنل ڪمشنر جناب عبدالله-جي-ميمڻ پنهنجي بيان ۾ محمد عثمان ڏيپلائي جي موت کي سنڌي صحافت ۽ ادب جو عظيم نقصان قرار ڏيندي چيو ته مرحوم ڏيپلائي پنهنجي فن جي ذريعي قوم ۽ ادب جي جيڪا خدمت ڪئي آهي ان کي وساري نٿو سگهجي. ڪمس قدرت جيڪو وقت ڏنو، اهو ان کان به گهڻو تعميري ڪم ڪيو، ادب جي دنيا ۾ سندس ڪارناما صدين تائين زنده رهندا. سندس سموري زندگي جدوجهد ۽ تجربن سان ڀريل آهي. هو هڪ ساده دل انسان هو ۽ هن عزم ۽ همت جا ڏيئا روشن ڪيا. مون کي افسوس آهي ته جهالت جو طوفان اڃا تائين هلي رهيو آهي مگر هاڻي روشني ڪير ڦهلائيندو؟

نامور اديب، شاعر ۽ سنڌي روزنامه "سنڌ نيوز" جي ايڊيٽر مدد علي سنڌي چيو آهي ته ڏيپلائي پنهنجي وقت جو فردوسي هو ۽ هر فردوسي کي هڪ نه هڪ ڏينهن مرڻو آهي. ظاهري طرح هو هميشه لاءِ دنيا کان هليو ويو آهي مگر عثمان ڏيپلائي جهڙو مجلسي ۽ رونقي ماڻهو قبر جي اندر ڪيئن ٿو رهي سگهي. مرڻ کان پوءِ به خوابن ۽ يادن ۾ واپس اچي ويو آهي. ڏيپلائي انهن چند انسانن مان هڪ آهي جن جا جسم زمين ۾ دفن ٿي ويندا آهن، مگر انهن جي زندگي هميشه جي لاءِ زمين تي رهجي ويندي آهي.

مقامي ريڊيو جي مشهور صداڪار ۽ اسٽيج ڊرامن جي ممتاز هدايتڪار اشرف بلوچ چيو ته مرحوم ڏيپلائي فن ۽ ادب جي دنيا ۾ ذهانت جو ڪرڻو ٻنجي اپريو ۽ سج ٻنجي لهي ويو. بلاشبه ان جي اندر هڪ بهادر انسان موجود هو. هڪ هڙو انسان جيڪو ساري زندگي حالتن ۽ روايتن، ماحول ۽ نفرت سان جنگ ڪندو رهيو. سندس ڪهاڻين جا ڪردار زندگيءَ جي حقيقتن سان ويجهو هوندا هئا هو هڪ اهڙو حقيقي

تخليق ڪار هو ، جنهن جون نظرون جتي انهيءَ ڪهاڻيءَ جو الميو سچائنديون هيون جهڙڪي صدين کان ظالم جاگيردار جو پيٽ ڀرڻ لاءِ پاڻ کي بڪ ماربنديون هيون. اتي سندس نظرون اگهاڙي بدن، اونداهي گهر ۾ محروم دلين جي حسرت کي پڙهڻ جو هنر به ڄاڻنديون هيون.

ڏيپلائي ساري ڄمار مرد قلندر ٿي رهيو.

بقول اقبال:

”اسي کي حوصلي ملتي تهي مجاهد سي.“

ڏهين لاٽي

باب پنجون انقلابي چڻنگ

هبستائين ته مصطفيٰ ڪمال گويا ٻهراڙيءَ ۾ رهيو هو پر هاڻي جو دارالسلطنت قسطنطنيه ۾ آيو ته سندس اکيون کلي پيون. هن ڏٺو ته هر طرف يورپ ئي يورپ وسي رهيو آهي. بازارن ۾ ڏسو ته يورپي مال، ڪارخانن ۾ ڏسو ته يورپي مشينري، اميرن جي گهرن ۾ ڏسو ته يورپي سامان، وڏا واپاري يورپي، هلندي وارا عهديدار يورپي، تمام گهڻن اميرن جا قرضخواه يورپي، حڪومت جي وڏن آفيسرن مان به گهڻا يورپي جي چنبن ۾ ڦاٿل!

مصطفيٰ ڪمال کي هن يورپي قبضي ڏاڍو اندوه رسايو. سوچ ۾ رهندو هو ته آخر هن ابتدا جي انتها ڪٿي ٿيندي؟ هن کي ننڍپڻ جي ڳالهه وري ياد آئي ته ڪيئن هڪ فرنگي (يورپي) نهايت بيپرواهي سان هڪ غريب پوڙهي کي ڇيهو ڏنو، اڄ ڪيس اهو راز پوري طرح سمجهه ۾ اچي ويو، ته ڇو نه يورپي، غريب ديسين کي ڪچلين، جو هو ملڪ کي پوريءَ طرح ڇمائي ويٺا آهن!

هڪ ڏينهن هو انهيءَ ئي سوچ ۾ گهمندو گهمندو هڪ پارڪ وٽان اچي لنگهيو، ته ڪنهن ڪاهي تي هٿ رکي چيس "مصطفيٰ پاڻ"

مصطفيٰ ڇرڪ پري هن ڏي ڏٺو ۽ "اوهه پاڻ فتحي!" چئي هن کي چنبڙي ويو.

فتحي به هن جو سالونيڪا جو دوست هو. هو هن کان عمر ۾ وڏو ۽ نهايت قابل ۽ تجربه ڪار آفيسر هو.

هو پارڪ ۾ وڃي ويٺا ۽ خوش خير عافيت بعد ڇپائينس

”ڀاڏو، ڪر خبر، ڪيئن وطن ڇڏيئي؟“
فتحي بي ٿڏو شوڪارو ڀري چيو، ڀاڏو! وطن لاءِ ئي ته وطن ڇڏيو اٿم،

اڇو ڀاڻي لڙ ٿيو، ڪالوڙيو ڪنگن،
ايندا لڄ مرن، تنهن سر مٿي هنجڙا!

مصطفيٰ انهيءَ جو مطلب!
فتحي بي - ”مطلب اهو، ته اسان جو پيارو وطن ڏينهون ڏينهن وڃي ٿو يورپين جي چنبي ۾ ڦاسندو ۽ هاڻي ته آثارن مان ظاهر آهي ته يورپين جو پڪو ارادو آهي ته هو سلطنت ترڪيءَ کي ختم ڪري، ترڪن کي يورپين جو غلام بنائين!“
جيڪي شخص، سدائين ڪنهن نه ڪنهن حڪومت جا غلام رهندا آهن تن کي غلاميءَ جو اکر ڪو برو نه لڳندو آهي، بلڪ اها مبارڪ ڏبي آهي ته توکي فلاڻي نوڪري ملي آهي، ته هو ”نوڪر“ ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ ڏاڍيون مٺايون وراهيندو آهي، پر جيڪي ماڻڪ سدائين آزاد آهن، سندن باشندا ڪنهن جا غلام نه آهن، تن لاءِ غلاميءَ جو لفظ ٻڌڻ بندوق جي گوليءَ کان گهٽ ڪم نٿو ڏئي.
فتحي بي جا هي لفظ ٻڌي مصطفيٰ تي ڇڻ ته ڪا وڄ ڪري پيئي ۽ چوڻ لڳو! ”ڀاڏو! توڻ هي چيئن چيا ٿو؟“
فتحي بي ”نيڪ چوان ٿو ۽ بلڪل سچ! تنهنجي معلومات شايد رڳي يونيورسٽيءَ تائين محدود آهي ۽ اڄڪلهه اسان جو تعليمي نظام ته چاهي ئي ائين ٿو ته اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين مان جيڪي به پڙهي نڪرن، سي نوڪر شاهي جي اشارن تي ناچ ڪندا رهن، سندن ساري توجه انهيءَ طرف ئي هجي. ته اسين ”نوڪر“ ڪيئن بڻجون، باقي بي وطن ۽ دنيا جي ڪين ڪا به خبر ڪانه هوندي آهي.“
مصطفيٰ: ”دوست توڻ سچو آهين. هن يونيورسٽيءَ ۾ به ڪن ڳاڻ ڳڻيان چرين ڪانن سواءِ ٻيا جيڪي به عقلمند آهن تن کي بي نڪا دين جي خبر نڪا دنيا جي. بس رڳو اهائي

هڻ تڏهن اُنَ تہ ڪَڏهين ”نوڪر“ ٿيندا سون!“

فتحي بي : ” تہ بس، سلطان جي جن نوڪرن جو بنابل تعليمي نظام اسان جي ٻچن کي رڳو نوڪر ٿيڻ لاءِ تيار ٿو ڪري، انهن ئي سلطاني نوڪرن جي ئي نيڪ ڪوششن جي وسيلي اسان جو وطن غلام بنجڻ لاءِ تيار ٿيو ٿئي“.

مصطفيٰ : ڇا خود سلطاني آفيسرن هئان؟“

فتحي بي : جي هـا، تا پڪ سڄاڻون پنهنجا تيـا کي ڌارين سان گڏ ڌاڙي ۾ !

اها ڪا حيرت جهـڙي تہ ڳالهہ تي ڪانهـي، هميشه جيڪو ملڪ غلام ٿيو آهي، سو ڪامورن جي ئي هٿان. انهن ڪامورن سان دل سدائين هوندي آهي دولت جي ڏڳن ميڙڻ ۾، بس ڪا بہ ڌاري قوم، جا ڪنهنجي وطن کي غلام بنائڻ جا ارادا ڪندي آهي، سا رڳو ڪامورن کي چڪر ڪيدائيندي آهي سندن کيسا گرم ڪندا آهن، تہ بس پوءِ اهي ازلي وفادار قوم جي خير خواهي انهي ۾ ئي ڏسندا آهن، ۽ آهستي آهستي قوم جي اڳواڻي سندن مربين جي حوالي ڪري ڇڏيندا آهن ۽ پوءِ بہ پنهنجن انهن ڪارنامن تي فخر پيا ڪندا آهن، تہ اسان هيءَ تجويز ڪري قوم کي ڪنهن وڏي نقصان کان بچائي ڇڏيو. حالانڪ ڪنهن بہ قوم لاءِ ٻـيءَ ڌاري قوم جو غلام بنجڻ کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو نقصان آهي!“

مصطفيٰ لاءِ هي ڳالهيون نيون هيون. هن پڇيـو ” ڀلا هن وقت انهن ڪامـورن صاحبن ۽ سندن يورپي آقائن جـو ڪهڙو پروگرام آهي؟“

فتحي: هينئر هيءُ تہ، ويچارن يورپين کي هن ملڪ ۾ جيڪي رعايتون مليل آهن، مثلا سندن مال جي اچڻ تي محصول ٿورو آهي، سندن نون ڪارخانن کلڻ تي بندش تمام گهٽ آهي سندن عزت ۽ هلندي تمام گهڻي آهي وغيره. اهـي رعايتون سندن انهن نوازشن جي مقابلي ۾ تمام گهٽ درجو رکن ٿيون جي نوازشون هو اسان جي آفيسر صاحبن تي ڪن ٿا يا ٻين

سڌريل لفظن ۾ هو ترڪ قوم تي ڪن ٿا.“

مصطفيٰ: ”ترڪ قوم تي سندن ڪهڙيون نوازشون بيان ڪيون وڃن ٿيون؟“

فتحي: ”تمام گهڻيون، مثلاً ترڪ جتن جو ڪچو ۽ ڪنو مال ڪپهه، اَن، ھڏا، چمڙو وغيره هو وڏي اگهه تي خريد ڪن ٿا ۽ پوءِ ويچارا ان تي وڏيون محنتون ڪري، نور نچوئي خاص ترڪ قوم جي آرام ۽ راحت جي لاءِ، ان مان عمدو نفيس ڪپڙو، سينگار جون شيون، بوٽ، ترڪي ٽوپيون ۽ ٻيو قسمين قسمين عمدو سامان تيار ڪري موڪلين ٿا.

ترڪ قوم جي گهٽ سمجهه وارن ڪامورن کي بروقت صلاحون ۽ مشورا ڏين ٿا ته پوڪ جوئي نظام ئي لاءِ ويچاري ترڪ قوم کي سکيو ستابو رکڻ لاءِ ڪين ڪارخانن ۾ مبتلا ڪري سندن شهرن جي هوا انهن ڪارخانن جي دونهين سان خراب نه ڪريو، هو پنهنجو قديم ڏنڊو مال چارڻ ۽ پوڪ ڪرڻ ڪندا رهن، ڪين ڪنهن ٻئي بيوقوف يورپي انقلابيءَ جي ڪتابن پڙهڻ کان بجائي، رڳو اهڙا ڪتاب پڙهايا وڃن، جو هو سلطان المعظم (يا درحقيقت نوڪرشاهيءَ) جا پورا وفادار نوڪر ٿي اسڪول مان نڪرن“.

مصطفيٰ: ”دوست! تون مونکي هرهڪ لفظ سان حيرت ۾ وجهي رهيو آهين، ڀلا يورپي انقلابين جا لکيل اهي ڪهڙا ڪتاب آهن، جن جي پڙهڻ کان اسانکي بچايو وڃي ٿو؟“

فتحيءَ پنهنجي ٻئگ کولي ان مان ڪپڙن ۾ لڪل ٻه ڪتاب ”والٽيئر“ ۽ ”روسو“ جا لکيل ڪيس ڪڍي ڏنا ۽ چيائينس ”هيءَ ڪتاب اسان جي سرڪار نامدار حضور خلفت المسلمين سلطان معظم جي حڪم سان مسلمانن جي خير خواهي لاءِ ضبط ڪيل آهن، ان ڪري احتياط سان رکج متان ڪتاب ٻه قرجي وڃن ۽ پاڻ ٻه جيل جون هوائون کائين“.

باب ڇهون

جمهوريت

مصطفيٰ اهي ٻئي ڪتاب نهايت احتياط سان ڪڍي اچي پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ لڪائي ڇڏيا ۽ رات جي ماني کائڻ بعد ڪوٺي بند ڪري کين پڙهڻ ويٺو.

هنن ڪتابن جي مطالع کيس اهڙي حيرت جي دنيا ۾ وجهي ڇڏيو، جو هو ساري رات اهي ڪتاب پڙهندو رهيو. هڪ منٽ به آرام نه ڪيائين. هن لاءِ اها تعليم ۽ اهي خيال بلڪل نوان هئا، ڄڻ ته هن جي زندگي ڇمڻ کان وئي، انهي وقت تائين انهي تصور ۾ گذري ته حضور خليفت المسلمين (ترڪي بادشاه) رسول اڪرم صلعم جي گاديءَ تي ويٺل آهي ظل الله (خدا جو پاڇو) آهي. هر مسلمان کي هر وقت سندس دلي خيرخواه رهڻ گهرجي، چاهي هو ڪهڙا به ڪم ڪري، چاهي جنهنجو خليفو آهي، (يعني رسول الله صلعم جو) ان جي پيرويءَ جي خلاف هلي، چاهي جنهنجو ظل (پاڇو) آهي (يعني خدا جو) ان جي حڪمن جي سراسر انحرافي ڪري تڏهن به اسان کي ادب سان هڪ لفظ به ان جي خلاف نه چوڻو آهي. چاهي هن جي حڪومت ۾ رعيت تي ڪهڙا به ظلم هلن، اسان کي دل ۾ ٿورو وهم آڻڻ به بغاوت ڪري پنهنجو ٺڪاڻو جهنم ۾ ناهڻو آهي. سو ڪڏهن عيش و عشرت ۾ ڦاسي انهن تي ڪروڙين روپيه برباد ڪري، پوءِ خرچن جي پورائي لاءِ رعيت تي طرح طرح جا ٽيڪس لڳائي ملڪ جو ڪچومر ڪڍي ڇڏي، جنهن شخص، خاندان يا طبقي مان ناخوش ٿئي، تنهن کي ڦاسيءَ مان ڪڍي ۽ جنهن بدمعاش، لوفر ۽ رهزن کي وڻيس، ان کي انعامن سان مالا مال ڪري ڇڏي، ته به هن جي برخلاف تيڻ خدا جي غضب کي سڏ ڪرڻو آهي. پر هنن ڪتابن پڙهڻ سان هو ڄڻ ته ٻيءَ دنيا ۾ وڃي پهتو، هنن ۾ اها تعليم ڏنل هئي ته آزادي، امن سان

رهڻ، سڌريل نموني ۾ سک سان زندگي بسر ڪرڻ هر انسان جو پيدائشي حق آهي. حڪومت جو نظام انهيءَ لاءِ نه آهي، حاڪم ۽ ڪامورا آفيسر موجون ماڻين، ۽ فرحتون وٺن، پر انهي لاءِ آهي ته هو قوم جا خادم بڻجي قوم جي سک ۽ آرام لاءِ هر ممڪن ڪوشش وٺن ۽ بلڪل ائين ٿي رهن، جيئن سمجهو ته شهر وارا شهر جي سنڀال لاءِ ڪو چوڪيدار رکن. بادشاه به انهن ئي ملڪ جي خادمن جو پنيل آهي ۽ سڀ ڪان وڏو خادم آهي. هو جيڪڏهن قوم ۽ ملڪ جي بهبودي ۽ آرام جي خدمت سڀ ڪان وڌيڪ بجا نٿو آڻي، ته قوم کي حق آهي ته ڪيس انهي ڊيوٽيءَ تان لاهي ٻيو ڪو لائق شخص پاڻ مان چونڊي ان جاءِ تي رکن اهڙيءَ طرح بادشاه ڪان هيٺيان سڀ آفيسر به قوم کي پوري پوري طاقت هئڻ گهرجي جو انهن کي لاهي ٻيا ڪار آمد ماڻهو سندن جاءِ تي رکن.

هي خيال هوا جن ڪمال جي دل ۽ دماغ ۾ هلچل مچائي ڏني. انقلاب جي چڻگ سندس اصلاح پسند روح ۾ اهڙا آگ لڳائي ڇڏي جو هن جي طبيعت ائين ٿي سمجهڻ لڳي ته آئون خود ۽ مولا پاڪ جو هر بندو سندس زمين تي انهي لاءِ موڪليو ويو آهي ته زمين کي نيڪيءَ سان پرپور ڪري برائين کي نابود ڪري. اها ٻي ڳالهه آهي ته هو انهي ڊيوٽي ڪان غافل ٿي غفلت جي ننڊ ۾ مدهوش هجي يا بيدار ٿي انهيءَ ڊيوٽيءَ ۾ بي آرام هجي. پر هرهڪ سمجهدار روح، **بيدار ٿيڻ بعد پنهنجي پاڻ کي سواءِ هڪ خدا جي ٻئي جو بندو مطلق تسليم نه ڪندو ۽ چاهي هرهڪ مفلس ذليل جو پٽ هجي پر پاڻ کي "خليفته الله في الارض" کان گهٽ تصور نه ڪندو!**

"هندن وري آيو- اهي ول نه وجهي وات!"
عقابي روح جب بيدار هوتي هے جوانون مين
نظر آتي هے ان کو اپني منزل آسمانون مين

باب ستون

مشهوري

مصطفيٰ جي دل ۾ هيءَ ٻريل آگ سندس بدن کي جلائيندي ٻين دلين کي ٻه جلائڻ لڳي. هن ٻي ڏٺي بهادر، بي غرض انسان جي گفتگو ٻين نوجوانن تي ٻه اثر ڪرڻ لڳي ۽ هو سڀ سمجهڻ لڳا تہ ”هڪ خود مطلب، عياش، تن آسان بادشاه ۽ سندس ساڳين طبيعتن وارا وزير ۽ آفيسر قوم جي پيشانيءَ لاءِ هڪ بدنما داغ آهن.“

نوجوان شاگردن ۾ هي زهر پکڙجڻ لڳو تہ عيسائي حڪومتن جي طرفان هڪ ڦڏاڪو ڇٽو تہ ”آرمينا جي عيساين تي ترڪ ظلم ڪري رهيا آهن، انهن جي جاچ ٿيڻ ضروري آهي.“

ڪمال پنهنجي سنگتين کي چيو ”ڏٺو خود غرض، قوم فروش ۽ عياش ترڪي آفيسرن جي ڪارنامن جو نتيجو. هاڻي هيءَ شروعات آهي ترڪي حڪومت جي ڦٽڻ جي. اڄ آرمينيا ۾ ترڪي ظلمن جو فسانو شروع ٿيو آهي، سڀاڻي آهستہ آهستہ هن کي ترڪي حڪومت کان ڇڏايو ويندو ۽ پوءِ ٻين ملڪن جو ٻہ وارو ايندو!“

هڪ آزاد خيال شاگرد چيو: ”پر سائون، ڏسو نہ، آرمينيا ۾ عيسائي گهڻا آهن. هو جيڪڏهن مسلمانن جي حڪومت کان آزاد ٿي پنهنجي حڪومت بنائين تہ انهي ۾ ڪهڙو هرج آهي، آخر هنن کي ٻہ آزاد زنده رهڻ جو حق آهي يا نہ؟“

مصطفيٰ گنڀير چيو: ”ٺيڪ آهي، تنهنجا خيال بلڪل صحيح آهن. هنن کي اهو حق آهي ۽ جيڪڏهين يورپي حڪومتون انهي حق جي تائيد ڪن تہ اسين وڏيءَ خوشيءَ سان آرمينيا کي پنهنجي حڪومت ڏيڻ لاءِ تيار آهيون.“

هي گفتگو ٻڌي سڀ شاگرد هڪا ٻڪا ٿي سندس منهن ڏانهن نهاري چوڻ لڳا: ”ڇا تون انهيءَ ۾ راضي آهين تہ آرمينيا ڀلي ترڪي حڪومت مان نڪري وڃي؟“

مصطفيٰ: "او، بلڪل، وڏيءَ خوشيءَ سان، پر سڀ يوروپي حڪومتون به اهو اصول پڪي طرح تسليم ڪن ٿيون!"

شاگرد: "ان جي معنيٰ؟"

مصطفيٰ: "انهي جي معنيٰ هيءَ ته پوءِ سندس هٿ هيٺ جيڪي به ملڪ آهن انهن ۾ جيڪڏهن عيسائين کان گهٽا مسلمان رهندا هجن ته حڪومت مسلمانن جي هلي!"

شاگرد هي پڌي گهڻي ويو ۽ نه فقط هو پر ٻيا به چپ ٿي ويا.

مصطفيٰ چيو: "دوستو! چپ ڇو ٿيا آهيو؟ آزاديءَ سان ڪڇو نه! اڄ يوروپي حڪومتون ترڪيءَ کي ته ارشاد فرمائين ٿيون ته جنهن ملڪ ۾ عيسائي گهٽا آهن، اتي مسلمانن کي حڪومت ڪرڻ مناسب نه آهي. پاڻ جو ڪروڙن مسلمانن وارن ملڪن تي مٺ جيترا عيسائي ٿا حڪومت فرمائين تن کي ڪهڙو حق آهي اتي حڪومت ڪرڻ جو؟ اهو مٺو مٺو هڙپ ڪڙو ڪڙو ٿو؟" آرمينيا سان اهو اصول ۽ پنهنجن شهنشاهتن لاءِ اصول بلڪل نه؟

"آءٌ يقين سان چوان ٿو ته آرمينيا جي عيسائين کي ترڪي حڪومت سان اهو آرام ۽ امن حاصل آهي جنهن جو ڪو حصو به انهن مسلم ملڪن کي نصيب ناهي جن تي عيسائين جي حڪومت آهي: پر دليا ۾ آهي ڏاڍو سو ڳابو، اوهين ويٺا ڏسجو ته ٿوري ئي وقت ۾ عيسائي حڪومتن جي ڪميشن آرمينيا ۾ جاچ ڪري رپورٽ ڪيڻ فرمائيندي ته بس ويچارن آرمينين سان ترڪن وڏا ظلم ڪيا آهن، هنن غريبن جو ساهه سوريءَ ۾ آهي. هنن کي هڪدم آزاد ڪريو نه ته گهڻي مري ويندا.

"۽ پوءِ؟ ..... پوءِ سندن رشوت کائيندڙ، سندن اشارن تي ناچ ڪندڙ ترڪي آفيسر به سلطان معظم کي خير خواهه مشوره عرض ڪندا ته "حضورا عيسائي حڪومتن جي ڳالهه مڃڻ مناسب آهي. مصلحت وقت جي کي به ڏيڻ گهرجي ۽ عيسائي حڪومتن کي ڪاوڙائڻ نه گهرجي وغيره وغيره."

مصطفيٰ جي ڳالهه سچي نڪتي ۽ ٿيو به بلڪل ائين. پر اها ترڪي حڪومت اهڙي رپورٽ ۽ مطالبي تي غور ئي ڪري رهي هئي ته قسطنطنيه جي عيسائين ولي ڪٿي آرمينيا جي حمايت ۾ فساد، خونريزي ۽ بغاوت شروع ڪئي. سلطان مجبور ٿي نرمي اختيار ڪئي ۽ باغين کي سمجهائڻ جي ڪوشش شروع ڪئي ته خود آرمينيا مان پيا سندن مددگار اچي ويا ۽ سڌو "قصريلديز" (شاهي محلاتن) ڏي ڪٿي رخ رکيائون، جنکي پوليس کي هيءَ خبر ملڻ تي سندن هڪ دستو "ثروت بي" جي هٿ هيٺ کين سامهون ٿيو. ثروت بي به مٿن سختي ڪرڻ کان اڳ کين نرميءَ سان سمجهايو پر نتيجو اهو نڪتو جو آرمينن جي گوليءَ سان ثروت بي جي کوپري ٽڪر ٽڪر ٿي ويئي!

هي ڏسي ترڪي پوليس کي به جوش اچي ويو ۽ مٿن وري ويا. ڪي آرمني ماٿا ڪي ترڪ آرمني ته ڇرو ڇر ٿي ويا پر هٿي ڏينهن وري حملو شروع ڪيائون. پوي جا جنکي يونيورسٽيءَ جي شاگردن کي اها خبر، ان ترڪي پوليس کان اڳ ئي اچي سندس مرمت ڪئي. هيءَ خبر سلطان وٽ وزيراعظم صاحب جي هٿان هنن لفظن ۾ پهتي ته "ارمني مڇي وڃن ها پر ترڪي شاگردن ڪم ڦٽائي وڌو هاڻي ڊپ آهي ته ڪٿي يورپي حڪومتون بگڙي نه پون!"

سلطاني ارشاد بلڪل اهڙن لفظن ۾ "کيس مناسب اڳڪي تئن ڪرڻ" جو ٿيو جئن هتي ڪمدارن کان مرعوب ٿيل زميندار هارين جي شورش کي دٻائڻ لاءِ عملدارن کي آرڊر ڏيندا آهن ته "جئن مناسب سمجهين تئن وڃي ڪر، پر منهنجي پيدائش جو خير ڪج!"

خير وزيراعظم سعيد پاشا هڪ وڏي فوج موڪلي آرمنين کي ته پڇائي ڪڍيو پر ڪجهه شاگردن کي به قيد ڪيو.

مصطفيٰ ڪمال جان پوئتي هو. هو هيءَ خبر ٻڌي پاڻ ئي سڌو وزيراعظم وٽ ويو ۽ چيائين "حضور ياد رکجو، جي شاگردن کي نه ڇڏيو ويو ته ساري ترڪيءَ ۾ اها باه دکندي

جا سائينءَ به ياد پيا رکندا."

وزير صاحب مرعوب ٿي شاگردن کي ته ڇڏي ڏنو پر هن واقعه مصطفيٰ ڪمال کي گهڻي قدر مشهور ڪري ڇڏيو.

باب اڏون

چار قلاڪا

هاڻي مصطفيٰ وڏي سوچ ۽ ويچار سان هڪ ڪتابڙو لکيو جنهن جو نالو هو "ترڪي فقط ترڪن لاءِ"

هن رساله ۾ پر زور دليلن ۽ پرجوش عبارتن سان ثابت ڪري ڏيکاريو ويو هو ته غير ملڪي عيسائي ترڪي سلطنت جا ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ چاهين ٿا ان ڪري سندن سڀ رعايتون رد ڪري ڪين ترڪي سلطنت مان ڪڍيو وڃي.

هن رساله پڙهڻ سان گويا ترڪن جي دلين کي تيلي لڳي ويئي. منجهن حب الوطنيءَ جو جوش اهڙو ڀڙڪجي ويو جو ڪنهن به ترڪ ڪنهن غير ملڪي عيسائي کي ترڪي سرزمين تي ڏسڻ پسند نٿي ڪيو.

هي ڪتابڙو سعيد پاشا وزيراعظم تائين پهتو ته هن هڪدم ڪتي ضبط ڪيو. بس ڪتاب جو ضبط ٿيڻ ۽ مصنف خواه ڪتاب جي مشهوري ٿيڻ.

سو جڏن ٿي مصطفيٰ جو ڪتاب ضبط ٿيو پبلڪ انهي ڪتاب پڙهڻ تي ٽٽي پيئي ۽ هڪ هڪ ڪاپي سون سائين پڙهيءَ هوڏانهن مصطفيٰ ٻه جوش ۾ اچي ٻيو ڪتاب "آزادي" لکيو.

هن ڪتاب جو هر حرف صداقت، حق گوئي ۽ بيباڪيءَ سان پريل هو منجهس پوري زورشور سان ثابت ڪري ڏيکاريل هو ته آزادي هرانسان جو پيدائشي حق آهي حڪومت جا آفيسر يورپين جا پگهاردار ۽ رشوت خور آهن، وزيراعظم نااهل ۽ ملڪ ۽ قوم جو غدار آهي، هو سڀ پنهنجي مطلب لاءِ ملڪ کي يورپين جي هٿن ۾ رانديڪي وانگر ڪيڏائي رهيا

آهن، ملڪ ۾ بدامني، رشوت خوري، بي انصافي ۽ غريب آزاري عروج تي آهي جنهنجا اصل بانيڪار نه اهي يورپي آهن پر هو وري ترڪي جي بدانتظامي کي ٿي دنيا ۾ مشهور ڪري رهيا آهن. جيسيڪ هن ملڪ سندن ڇاڙتن وزيرن جي هٿن مان آزاد نه ٿيندو ته ٿوري وقت ۾ ٽڪرا ٿي غلام بڻجي ويندو!

هن رساله عام تي ٿيو پر خاص طبقه تي به اثر ڪيو. ساري ملڪ مان وزيراعظم (جو حڪومت جي ساري پاليسي جو ذمدار هو) جي برخلاف آواز اٿي ويو ۽ آخر سلطان اهڙو مجبور ٿيو جو سعيد پاشا کي وزيراعظميءَ تان لاهي ڪامل پاشا کي سندس جاء تي رکيائين.

ڪي ماڻهو چوندا آهن ته اخبارن ۽ ڪتابڙن ۾ آهي ڇا، انهن مان ٿيندو ڇا، پر اهو ڪمال جو ڪتابڙو ٿي هو جنهن ايوان وزارت ۾ زلزلو وجهي نيٺ وزارت جي وڏي ٿنڀي کي ڪيرائي وڌو!

اڄ به اخبارون، ڪتاب ۽ شعر اهو ڪم ڪري سگهن ٿا، پر جي هو حق وصداقت سان ڀريل هجن، جذبہ للهيت مان لکيل هجن، پر غور دماغ مان نڪتل هجن.

پر ڪامل پاشا به ڪجهه چڱو وزير ثابت نه ٿيو. يا نه هو به غير ملڪي سيڻين جي اثر ۾ اچي ويو يا يورپي حڪومتن کان ڊڄي ويو پر هن به آرمينين کي سڌارا ڏيڻ جو وعدو ڪيو ۽ سڌارا ڇا هئا، آرمينيا جي ترڪي کان آزادي!

مصطفيٰ کي اها ڳالهه ناگوار لڳي. هن هڪدم ٽيون رسالو لکيو "عيسائي سيڻيون ۽ ترڪ" جنهن ۾ هن بيان ڪيو هو ته ڪئين غير ملڪي عيسائي سيڻيون ترڪن جو رت چوسي رهيا آهن ۽ ڪئين يورپي حڪومتون انهن سيڻين جي ذريعه ترڪي سلطنت جي آفيسرن کي رشوتون ڏيئي سندس ٽڪرا ڪري رهيا آهن.

پر هن رساله ۾ سڀ کان وڏو ۾ گولو اهڙو هو جنهن جي ڦاٽڻ شرط نه فقط عام ماڻهن کي حيراني جي درياهه ۾

ڀوڙي ڇڏيو پر خود باب عالي (سلطاني محلات) کي به لرزائي ڇڏيائين. اهو هي هو ته سلطان المعظم جا ڪروڙين پائونڊ غير ملڪي بئنڪن ۾ جمع آهن جن مان ترڪيءَ جا دشمن فائدا وٺي رهيا آهن ۽ ترڪي بئنڪون موڙيءَ نه هئڻ سبب يا ته بند ٿي وڃن ٿيون يا خراب ۽ پريشان حال ۾ آهن- جيڪڏهن سلطان جي اها موڙي قومي بئنڪن ۾ جمع هجي ها ته جيڪر ترڪي قوم کي منجهانئس فائدو رسي ها.

هن رساله کان اڳ ڪنهن کي خبر ڪانه هئي ته ڪو سلطان جي سموري دولت غير ملڪي بئنڪن ۾ جمع آهي پر رساله مان اها حقيقت ملڻ تي ترڪن کي ڏاڍو افسوس ٿيو. هو سلطان کان به بدگمان ٿي ويا ۽ هي عام خيال پکڙجي ويو ته سلطان پاڻ کي به پنهنجي قوم ۽ قومي بئنڪن تي ڀروسو ڪونهي ۽ ان ڪري هو غير ملڪي بئنڪن ۾ روپيه پيو جمع ڪرائي ته جيڪڏهن ڪنهن وقت سلطنت هٿ کان وڃي ته به يورپ جي ڪنهن شهر ۾ وڃي آرام ۽ عيش سان ته گذاري سگهي انهي جي معني اها ٿي ته سلطان خود به قوم کان سوڪلائي رهيو آهي.

اهو خيال اهڻ تي عام طرح اهو مطالبو ٿيڻ لڳو ته ڇو نه اهڙو سلطان ڊسمس ڪيو وڃي. سلطان به ڏاڍو پريشان ٿي پيو ۽ رساله هڪدم ضبط ڪرايو ويو. پر ان کان اڳ هزارين ڪاپيون ساري ملڪ ۾ پکڙجي ويون هر هنڌ مصطفي جي مشهوري ٿيڻ لڳي. هر ڪنهن مجلس هر هڪ شهر، هر بازار ۽ هر گهر ۾ سندس ذڪر ٿيڻ لڳو. حڪومت جي ايوان ۾ به زلزلو پئجي ويو. هر ڪو آفيسر سندس وسيع واقفيت کان ڪنبڻ لڳو ته متان اسان جو به ڪو ڀانڊو نه ڀوڙي وجهن! باب عالي (سلطان) به پريشان ٿيندي اهو بيان شايع ڪيو ته اهو سچ آهي ته غير ملڪي بئنڪن ۾ اسان جا پئسا جمع آهن پر صرف هن لاءِ ته ترڪي سلطنت جي ساک قائم هجي ۽ ضرورت پوي ته غير ملڪي سيٺيون کيس آساني سان قرض ڏيئي سگهن.

عوام تي هن بيان جو اهڙو اثر ٿيو جو
ڀلاري ڀي ڪجهه قدر نه، تهي بيمار عشق ا ی
هر شب ڪی منتون نيرے ڏيو دي رهی ٿهي
هر مصطفيٰ پيڙڪي اٿيو ۽ سندس جواب ۾ "حقيقت"
نالي رسالو ڪڍيائين جنهن ۾ لکيائين ته "واه جو الهي طرح ترڪيءَ جي ساک ٿئي ٿي. جنهن ملڪ جي بادشاهه کي پنهنجي بئنڪن تي ڀروسو ڪونهي، جنهن ملڪ جون بئنڪون ڪٽيون ڇٽ ٿيون پيون آهن تنهن ملڪ جي ساک ڪيئن قائم رهندي. ساک ته انهن قائم ٿئي جو ڪروڙين پائونڊ ملڪي بئنڪن ۾ هجن ها جن جي وسيلي ملڪ ۾ ڪارخانا کلن ها، زميندار تقاويون کڻي گهڻي آبادي ڪن ها، ملڪ مان مفلسي دور ٿئي ها انهي خوشحاليءَ کان مرعوب ٿي غير ملڪي سيٺيون ازخود هن سڪئي ملڪ کي قرض کڻڻ لاءِ منٿون ڪن ها، پلا ڪنگال ملڪ کي ڪير وڏي نفعي بنا قرض ڏيندو؟"
رسالو ته اهو به خير مان ضبط ٿيو پر ماڻهن جي دلين تي سندس حرف حرف لوح ٿي ويو ۽ سلطان کي تخت تان لاهڻ جو خيال اتو وڌيڪ ٿيڻ لڳو.
ڪامل پاشا پيو چارو نه ڏسي يونيورسٽي وارن کي سخت تاڪيد ڪيو ته هن کي روڪيو نه ته يونيورسٽيءَ کي نقصان رسائبو. هنن گهڻيئي ڪوشش ڪئي پر پلا اهڙا چريا ڪٿان ٿا مڃين. پروفيسرن لاچار ٿي ڪيس يونيورسٽي مان ڪڍي ڇڏڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پر هن جواب ۾ چيو ته آءٌ پاڻ به اها ڳالهه چاهيان ٿو ته اهسا زنجير منهنجي پيرن مان نڪري ته آزاديءَ سان پنهنجا خيال پکيڙيان.
هيءَ خبر پڌي حڪومت سسي وسي ٿي پروفيسرن کي ڪجهي هدايت ڪئي ته هن کي ڪڍو ته نه پر ڇڏيو بس نه من ڪجهه نه ڪجهه زنجير هجيس!
هي خبرون زبيده ۽ خالد کي پهتيون ته هو نهايت وائڙيون ۽ پريشان ٿيون. ڪيس خط لکيائون ته "پٽ! تون هي

ڇا ٿو ڪرين؟ ڇا تون پنهنجي اولوالامر جي نافرماني ڪري پنهنجي رب کي رنجائيندين؟"

مصطفيٰ جواب لکيو ته "امان! آءٌ رب کي رنجائي نه، پر بيحد راضي ڪري رهيو آهيان. بيشڪ هن فرمايو آهي تہ اطيعوا الله و اطيعوا الرسول ولولي الامر منڪم (حڪم مڃيو خدا جو ۽ حڪم مڃيو رسول جو اوهان ۾ جيڪو حاڪم هجي ان جو) پر ان سان گڏ اڳيا اڏ آيت جو اڳتي به آهي ته وان تنا زعتم في شيءٍ فرده الي الله و الرسول (۽ جيڪڏهين ۽ اوهين اهو حاڪم ڪنهن ڳالهه ۾ تڪرار ڪريو ته اها خدا ۽ رسول جي حڪمن اڳيان پيش ڪريو)

اسين به سلطان جا ڪم خدا ۽ رسول جي اڳيان ٿا پيش ڪريون ته:-

اذا حڪمتم بين الناس فا حڪم بالعدل (جڏهين تون ماڻهن ۾ فيصلو ڪرين تڏ ن انصاف سان ڪر)

ڪنتم خيرامت اخر جت اللناس تامرون بالمعروف و تنهون عن المنڪر (اوهين اها ڀلي جماعت آهيو جي ماڻهن ۾ هن لاءِ پيدا ڪيا ويا آهيو ته ماڻهن کي ڀلائي جو امر ڪريو ۽ برائي کان منع ڪريو)

يا يها الذين آمنوا لا تتخذ وا بطانتہ من دونڪم لا يالو نڪم خبالا (اي مومنو! اوهين ڌارين کي گهرو دوست نہ بنايو هو اوهان جي بربادي ڀنا پيون رڌون نہ ڪندا)

يا يها الذين آمنوا لا تتخذ وا اليهود والنصاريٰ اولياء (اي مومنو! اوهين يهودين ۽ انصارن کي دوست نہ بنايو.)

آءٌ خالص خدا ڪارڻ سلطان سان حجت ڪريا ٿو ۽ ان سان وڙهان به خالص خدا ڪارڻ ٿو. مون کي ذاتي مطلب هجن ها ته اڄ جيڪر چاهيان دولت ۽ عزت منهنجي قدمن ۾ پيئي رلي ها. اها دولت ۽ عزت ڪهڙي ڪم جي جا خدا پاڪ جي مخلوق جي ڪم اچڻ بدران تن پروري ۽ عيش تي خرچ ٿئي!

بلڪ اها زندگي ئي ڪهڙي جا ڪتن وانگر صرف پنهنجي پيٽ ڀرڻ ۾ پوري ٿئي!

باب نائون

ملاقات

٦ آڪٽوبر ١٨٩٦ع اج قصريلديز ۾ هلچل لڳل آهي. خادم ۽ ڪارڪن خوب سر ڀر ڪري رهيا آهن. معلوم ٿو ٿئي ته ڪنهن جي آمد جا منتظر آهن ڪنهن جي ديدار لاءِ اکيون فرش راه بنائي رهيا آهن.

پر اهو ڪهڙو مهمان اچڻو آهي جنهن لاءِ هيڏا اشتياق! اهـا ڪهڙي عظيم هستي آهي جنهن لاءِ هيڏو انتظار! اجهو، هو اچي ويو، هوءَ ڇئن شاهي گهوڙن واري شاندار بـگي ڪيس ڪٺي آئي. سندس تعظيم لاءِ ٻنهي طرف پنج پنج سوار ٻه آهن.

اجهو هو بگيءَ مان لٿو. اجهو سڀ محلات وارا ڪيس ڏسڻ لـڳا.

"اڙي هـي آهي!" "اڙي هي آهي سلطنت ۾ زلزلو وجهندڙ!" "اڙي، ها هي ئي مصطفى ڪمال آهي!" "نه نه! هيءَ ته سورهن ورهين جـو ڇوڪرو آهي!" "ها هـا! اهو ئي سر ڦريل ڇوڪرو آهي جنهن خود باب عاليءَ کي بـه ڪنبائي ڇڏيو آهي." "توبه! هن ٻوٽي اڀرندي ئي زهر ڦهليو آهي نه وڻ ٿيندي نه ڪي قهر ڪري ڇڏيندو!"

هي حيرانيءَ جا گفتا هئا جي بگيءَ مان سوار جي لهڻ مهل قصر وارن ڪم آندا. هي سچ پچ مصطفى ڪمال هو. هان هان! هڪ مفلس، جنهن پيهندڙ رنڙيءَ جـو پٽ، انهيءَ ئي رن پٽ کي سندس بلند عزم هن درجه تي پهچايو جو سلطان مجبور ٿي ڪيس ملڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه چارو نه ڏٺو!

برهنه سر هے تو عزم بلند پيدا کر
يهان فقط سر شاهين کے لئے هے کلاه!

عبرت وٺڻ اهي انسان جي حاڪمن ۽ اميرن جي حضور ۾ بارياٻيءَ لاءِ ٻيا سڪندا آهن. هو ڇو ٿا بادشاهن سان ملڻ

لاء ماندا ٿين؟ صرف هڪ عمل.... هو پنهنجي مولا پاڪ جا بندي وڃن ته مولا جي مخلوق هنن جي ٿي آهي.

يه جهان کيا هي ارض و سما تيري ٻين!

محلات جي دروازه تي ڪامل پاشا وزير اعظم سندس استقبال لاءِ بيٺل هو. هن به کيس ڏسي واڻڙو ٿي چيو "تون ئي آهين!— ڇا تون ئي مصطفيٰ ڪمال آهين؟"

"جي ها! مون کي ئي مصطفيٰ چون ٿا."

"هلو! باب علي اوهان جو انتظار ڪري رهيو آهي!"

وڏا وڏا ڪمرا ۽ ورانڊا طئي ڪندو هو هڪ نهايت عاليشان ۽ قيمتي سامان سان سينگاريل ڪمري ۾ پهتو جنهن ۾ جلالت ماب خليفت المسلمين سلطان عبدالحميد خان رونق افروز هو.

هي رعب شاهي ڏسي هن ننڍڙي جوان جي دل به ڌڙڪڻ لڳي، جهن تي ڌشڪي اهي وس، پر جلال ايزدي کيس بشارت ڏني ته لاتحف انڪ انت الا علي (ڊڄ نه، تون ئي غالب آهين)

سلطان معظم ڪجهه وقت هن ڇوڪري ڏي ڏسندو رهيو. ڇا هي ئي اهو آهي جنهن مونکي ساري دنيا ۾ دوست دشمن خوار ڪئي ڪيو آهي!" مگر غرض مهل ته گڏهه کي به باپ چئبو آهي. هن اهي تاثرات لڪائي مرڪي چيو:-

"پٽ! تنهنجو ئي نالو مصطفيٰ ڪمال آهي؟"

"جي؛ جلالت ماب!"

باب ڏهون

آخر ڇا ٿو گهرين؟

"اسين تنهنجي ننڍڙي دماغ مان نڪتل ڳالهين سبب بلڪل خوش ٿيا آهيون ته قدرت اسان جي قوم کي تو جهڙو بيدار دل و دماغ نوجوان بخيشو آهي.... مگر مصطفيٰ! آخر تون ڇا ٿو گهرين؟"

مصطفيٰ نهايت سنجيدگي، وقار ۽ دلي جوش سان چيو
”پنهنجي ملڪ مان يورپين جو تڙجڻ.“
سلطان“ چو پلا؟
مصطفيٰ: ”انهي ڪري جو هنن جا منحوس قدم جنهن
به ملڪ ۾ واپار يا ڪنهن بہ ٻئي بهاني سان ڪتا،
سو ملڪ سندن غلام بنيو ۽ پوء سندن غلام بنيل ملڪن مان
هو اسڪولن، ڪاليجن ۽ نرڪرين جي وسيلي سندس نوجوانن
کي اهڙو بزدل ۽ بي حس بنائي ڇڏيندا آهن جو هو پنهنجي
وڏن جون روايتون وساري بتديل بلبل وانگر بلڪل ائين ٿي
سمجهندا آهن تہ هي اسانجا آقا نہ هجن تہ نہ جيڪر اسان کي
سڻو رزق ملي نہ اسن. هنن جو سايو شل اسان تي دائم
قائم هجي.“
سلطان ” ويهه منهنجا لائق پٽ!“
مصطفيٰ ويٺو. سلطان چيس ”پٽ! اهو تہ خيال ڪر
تہ جيڪڏهين اسين يڪدم هنن کي بند ڪنداسون تہ اهي
بادشاهتون اسان تي چڙهائي ڪري نہ ايندبون؟
مصطفيٰ: چڙهائي تہ هونئن بہ ٿيندي، جلالت ماب!
جنهن ملڪ جي واپار، پوک ۽ پيسن ۽ آفيسرن تي هنن جو قبضو
آهي تنهن کي فتح ڪرڻ ۾ هنن کي باقي ڪهڙي دير آهي؟
پر صرف هو اهڙا حصن ۾ نٿا ڏهن. جنهن مهل هنن حصن جي
وراهپ تي ٺاهه ڪيو ان مهل هو کيس ختم ڪرڻ ۾ اهڙي
دير ڪندا جهڙي هندستان ۾ ڪيائون.
”سلطان المعظم! ڪهه اکيون! هن طرح شينهن جي
وچ ۾ ڊنل ٻڪريءَ واري زندگي ڪيترو وقت برداشت ڪبي؟
هر وقت ٻپ .... هر وقت خطره .... هر وقت اهو ويچار تہ هيئن نہ
ڪيوسون تہ يورپي حڪومتون چڙهائي ڪنديون .... هيءَ ڳالهه
برداشت نہ ڪئي سون تہ يورپي حڪومتون ڪاوڙجي پونديون.
”آخر اهڙي پين جي رحم وڪرم تي هلندڙ زندگي ڪيترو
وقت هلي سگهندي؟ ڏسو نٿا تہ اهي يورواي زنجيرون آهستہ آهستہ

وڏيڪ ڪٽجي رهيون؟.... نٿا سوچيو تـه جڏهن اهـي بلڪل
ڪٽجي وينديون تڏهن شينهن جو ڪهڙو حال ٿيندو!

"پوءِ ڇا شينهن ۽ سندس ٻچن تي اهو حق نه آهي ته
هو سڄاڳ ٿين، اهـا وقت آهي، اها اسين زنجيرن مـان نڪري
سگهون ٿا ۽ ڪين ٽوڙي به سگهون ٿا پر جيڪڏهين رڳو نماڻا
نيڻ ڪٽي شڪارين جي رحم و ڪرم کان بکيا پيا گهرندا رهنداسين
ته ڇا هو قياس ڪندا؟

" پوءِ ڇا اوهين هن ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن نتيجي جا به،
اميدوار آهيو ته اسين پنهنجي ٻچن لاءِ غلاميءَ، انهيءَ مرض سداميءَ
ڪانسواءِ ٻيو به ڪو ورثو ڇڏي وينداسون؟

"ڇـا اوهين انهي ڌوڪي ۾ آيـو تـه اوهين ڪروڙين
مسلمانن جا روحاني حاڪم آهيو، خليفه رسول الله ﷺ آهيو
وقت پوڻ تي هر مسلمان اوهان تان سر "فدا ڪندو؟

مگر آءٌ چوان ٿو غلط.... بلڪل غلط! اهي ڌوڪي جا
پردا اکين تان لاهي ڇڏيو. هر جمع تي، هر مسجد ۾ خطبي ۾
۾ ڪٿي اوهان جـو نالو پيو پڙهجي. پر يقين رکو تـه دلين ۾
اوهان لاءِ احترام بلڪل ڪونهي وقت پوڻ تي اوهين ڏسندا ته
هي اسلامي ملڪ پنهنجي هٿن سان ترڪي لشڪر کـي ٽڪرا
ٽڪرا ڪندو!"

سلطان: پوءِ "پلا ڇا ڪجي؟ ڇا هڪدم ڪٿي يوروپين جي
خلاف اعلان جنگ ڪجي هنن کي دشمن بنائي قوم کي هڪ
عظيم جنگ ۾ مبتلا ڪجي؟"

ڪمال: "مناسب ته اهو ٿي آهي....هڪ ڏينهن جي شينهن
جي زندگي سو سالن جي گدڙ جي زندگيءَ کان صد بار بهتر آهي.

يا جان رسد بجانان، يا جان زتن برآيد

پر موجوده آفيسرن ۽ موجوده فضا کي ڏسي آءٌ في الحال
ڪٿي اها صلاح ته ڏيان پر گهٽ ۾ گهٽ اهو ته ضروري آهي
ته اول ته واپار ۽ هنر تان هنن جو قبضو هٽايو وڃي. يوروپي
بئنڪن مان پئسا ڪڍي قومي بئنڪن ۾ وجهجن ۽ قومي بئنڪن

۽ جيڪي يورپين جا روپين آهن سي واپس ڪجن. هنري ڪارخانن تي جيڪو به يورپين جو قرض آهي سو اهي واپس ڪن ۽ ڪين ديسي ٻنڪون قرض ڏين. ”ڪجهه سال ٻاهر نه موڪلجي بلڪ پنهنجي ملڪ ۾ اهو ڪم ڪو بنائجي. ملڪ ۾ ”ديسي واپرايو“ جي تحريڪ کي عروج تي پهچائجي. تعليمي ڪورس ۾ تبديل آڻي وطن ۽ اسلام سان محبت رکندڙ بنائجي!“

سلطان: ”پر اهو سڀ به يڪدم نه ٿي نه سگهندو!“

مصطفيٰ: ”يڪدم ڪٿي نه ٿئي، پر اسان جو نصب العين (مقرر ڪيل مقصود) نه اهو بنائجي. اسان جي گاڏيءَ کي وڃڻو ته انهيءَ منزل تي هجي، پوءِ رستو ۽ اسٽيشنون ڀلي ۾ ڀلي ڪيترا سال لڳن!

سلطان: ”پر مابدولت پڇو آهي ته تون جمهوريت جو چاهيندڙ آهين؟“

مصطفيٰ: ”آءٌ نه، بلڪ ساري قوم!

سلطان: ”اهو ڇو؟“

مصطفيٰ: ”اهو هن ڪري جو اعليٰ حضرت وٽ فقط وزيرن ۽ آفيسرن جي ئي رسائي آهي ۽ اهي ترڪن جي دشمنن کان رشوتون وٺي اعليٰ حضرت کي دوکا ڏيندا ۽ وطن فروشي ڪندا رهن ٿا. اسين ڪو اعليٰ حضرت جا معاذ الله دشمن نه آهيون اسين چاهيون ٿا ته سلطان معظم هڪ پارليامينٽ جي منظوري ڏئي ۽ انهي جا ميمبر ٿاقيل نه هجن بلڪ قوم جا چونڊيل هجن ۽ وزير سڀ ان پارليامينٽ اڳيان جوابدار هجن پوءِ پارليامينٽ جي سموري ڪارروائي ڀلي سلطان معظم جي منظوري تي ڇڏل هجي پر ڪم از ڪم سلطان معظم کي اها خبر ته پوي ته قوم ڇا ٿي طلبي ۽ سلطان معظم قوم جي خيالن ۽ وزيرن جي خيالن جي ڀيٽ نه ڪري سگهي!

باب يارهون

وزير ۽ ڪمال

سلطان ۽ وزير ٻئي هي گفتگو ٻڌي دنگ رهجي ويا. هن نئين دماغ اها اسڪيم ڪڍي، جنهن کان انڪار ڪرڻ جو دليل هنن وٽ موجود ئي نه هو.

سلطان ڪجهه منٽ متفڪر رهي چيو: "پر اسان انهي وزير کي ته موقوف ڪري ڇڏيو جنهن تي قوم کي ڀروسو نه هوا"

مصطفيٰ بيڌڙڪ چيو: "پر هن موجوده وزير تي وري ڪنهن کي ڀروسو آهي؟"

ڪامل پاشا هي ٻڌي ڀاه ٿي ويو، هو اهڙيءَ نظر سان نهاريو جنهن سان اَلا نڪري رهيا هئا پر مصطفيٰ کي انهيءَ برابر به خيال نه ٿيو.

مصطفيٰ ڪمال جي هنن لفظن جڏهن ڪامل پاشا کي ڀاه ڪيو تڏهن سلطان تي وري هي اثر ٿيو جو هن هڪ سرد آه ڀري چيو: "افسوس! مونکي اهڙا وزير نصيب ٿيا آهن جن کي قوم جا ڇوڪرا به منهن تي ڏک هٿيو ڪڍن ٿا. پٽ مصطفيٰ! تنهنجون ڳالهيون نامناسب نه آهن پر بهتر آهي تون ته اجها پنهنجي تعليم ڏي رخ رک. سياسي ڳالهين ۾ نه پئه. اسين قوم جي ڳالهين تي غور ڪري رهيا آهيون."

انهي بعد قهوو گهرايو ويو ۽ سلطان پنهنجي هٿ سان مصطفيٰ کي، هان هان انهي رنڍيءَ پٽ کي پيش ڪيو جا جنهي پيهي گذران ڪندي هئي. هي قدر ۽ عزت مصطفيٰ جي نه هئي پر سندس بهادريءَ ۽ جرئت جي هئي. بيشڪ بزدلن ۽ خوشامندڙين کي هرڪو ڪامورو ٿوري ڳهٽي عزت ڏيندو آهي، پر درحقيقت دل ۾ ۽ پر پٺ ڪيس ٻجا ڳهي پيو ڏيندو آهي ۽ بهادر ۽ جرئت واري شخص کي في الحال ڪٿي کي تڪليفون

در پيش اچن پر هر دوست دشمن جي دل ۾ ساندس لاء سچي عزت هوندي آهي.

ٿوري وقت بعد مصطفيٰ سوڪلائي ٻاهر نڪتو. ڪامل پاشا کيس چيو: ”مصطفيٰ تون باغي آهين!“

هن ٺهه پهه چيس ”ها بيشڪ باغي آهيان پر قوم جو ملڪ جو ۽ حڪومت جو نہ بلڪ وطن فروش رشوتي ڪامورن جو ضرور آهيان.“

ڪامل پاشا سڙي چيس: ”پنهنجي روش درست ڪر نہ تہ ....“

مصطفيٰ سرڪي چيس: ”نہ نہ تون تڙائي ڇڏيندين ائين نہ جناب، سائينءَ پنهنجو ڪو فڪر ڪن، قوم اوهان جي تڪ ۾ آهي!“

ائين چئي گاڏي ۾ چڙهي هليو ويو ۽ ڪامل پاشا ڏند ڪرٽيندو رهيو!

رب یہ التجا ہے کرم تو اگر کرے
وہ بات دے قلم کو جو دل پر اثر کرے

نور توحید

ڏبيلايءِ

عرض حال

ڪنهن به قوم جي عروج ۽ ترقي لاءِ هي ضروري آهي ته قوم جو ٻچو ٻچو پنهنجي بهادرن جي ڪارنامن ۽ پنهنجي گذريل تاريخي حالات کان واقف هجي.

هيءَ حقيقت آهي ته مسلمانن جهڙيون بهادريون اڄ تائين ڪنهن به قوم دنيا اڳيان پيش نه ڪيون آهن هو هڪ الله جي پيروي تي قليل تعداد ۾، غريبي حالت سان طوفان وانگر اٿيا ۽ ٿوري ئي وقت ۾ قيصر و ڪسريٰ جا تخت لرزائي ڇڏيائون هنن جي فتوحات جو دائرو هڪ طرف وڃي آسام تائين پهتو ته ٻئي طرف اسپين وٽ. ڪنهن کي طاقت نه ٿي ٿي جو سندن سيلاب کي روڪي سگهي پر جي ڪنهن بدبخت کي ڪتيءَ ٿي ڪنيو ۽ سندن سامهون ٿي آيو ته هن سيلاب ۾ ڪکن ۽ ڪانن وانگر لڙهي ويو ٿي!

مگر افسوس جو اڄ اسين هندي مسلمان بزدليءَ ۽ ڪاهليءَ جي ڪن ۾ اهڙا غرق ٿي ويا آهيون جو پيون فتحون ته ڇٽيون پر جيڪڏهين پنهنجي گهوٽ تي ڪي ڌاڙيل پيا شودا ٿا ڪاهه ڪري اچن ته ساهه ٿي سگهيو ٿو وڃي حالانڪ اسان جو اهو اسلامي اصول آهي ته.

ڈرتے نہیں دنیا میں مسلمان کسی سے!

انهي ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي تہ اسان تي اهو ذليل اثر ڪانگريس جي اهنسا جي اپديشن ئي وڌو آهي. بدقسمتيءَ سان مسلمان ڪو وقت ڪانگريس جي فريبي ڄار ۾ ڦاٿل هوا ۽ جيئن علامہ اقبال جي مثنوي اسرار خوديءَ ۾ آهي تہ ڪن رڍن جڏهن ڏٺو تہ اسين پاڻ تہ شينهن بنجي نٿيون سگهون تہ شينهن کي ڦيرائي رڍ بڻايون، سو اهڙا ليڪچر ڏنائون جو هو گوشت ڇڏي گاهہ کائڻ لڳو ۽ انهي تاثير کان ڇڙ تہ پاڻ بہ رڍ بنجي ويو.

تيئن مسلمان بہ قطع تعلقات واري زماني ۾ اهنسا جي برن اثرن کان اهڙا تہ بزدل بنجي ويا جو پوليس وارن جي بولن جون ٺوڪرون کائيندا هوا تہ بہ وندي ماترم چوندا پيا سهندا هوا ۽ اهي بسرا اثرن ڇمائيندا ويا آهن جنگ جي نالي کان بہ ڇرڪندا وتن ٿا ۽ اهنسائن جي عنايت سان ڪتابن بہ اهڙن جي پڙهڻ ۾ محو ٿي ويا آهن جن ۾ رڳو برہم جا پور ۽ سندرين جا سور هجن!

هنن ڪانگريسي تباهہ ڪن اثرات کي ڏسي مون اسلامي تاريخي افسانن جو سلسلہ شروع ڪيو جو خدا جي فضل سان نهايت ڪامياب ٿيو ۽ مسلمان آهستي آهستي افسانن مان ڦري پنهنجي شاندار اسلامي تاريخ ڏي بہ چاهہ رکڻ لڳا هي افسانہ بہ انهي سلسلہ جي هڪ ڪڙي آهي سڀني مسلمانن کي گهرجي تہ هنن ڪتابن جو مطالعو ڪري پنهنجي شاندار تاريخ مان واقف ٿين.

يا رب يه التجا هي كرم تو اگر ڪري
وه بت ڏي قلم کو جو دل پر اثر ڪري

فتح فلسطين

باب پهريون

ٻگهڙ ۽ ڇيلو

سنه ۵۸۲ ھ جي هڪ ٿڌي آچر جي ڳالهه آهي شهر ڪرڪ جي اپرندئين حصي ۾ صبح جي پهر عيسائي ڇوڪرا راند ڪري رهيا هوا، اوچتو پريان هڪ مسلمان ڇوڪرو ويندو نظر آيو، هڪ عيسائي ڇوڪري چيس اڙي هيڏانهن اچ ته راند ڪريون."

مسلمان ڇوڪري جواب ڏنو "نه يار، آءٌ اوهان سان راند ڪونه ڪندس."

"ڇو بلا؟"

"اوهين مسلمانن کي هرو ڀرو ماريندا آهيو."

"نه نه، توکي ڪونه ماريندا سون" ائين چئي ۵-۶ ڇوڪرا وڏيا ۽ کيس زوريءَ وٺي ويا.

ڪجهه وقت راند هلي ته مسلمان با بار هنن کان کٽڻ لڳو، هي ڏسي عيسائي ڇوڪرا چڙيا ۽ کيس مارڻ لڳا، مسلمان ڇوڪر جي رڳن ۾ به عربي خون هو، هو حملو نه ٿو ڏهين پنهنجي بچاءُ ضرور ڪرڻ لڳو، بس هن جو ائين ڪرڻ ۽ ٻين ڇوڪرن جو مٿس وڻ، کيس ڏندا، ٿڦ ۽ چماٽون ائين هڻڻ لڳا جو هو غريب بيتاب ٿي رڙيون ڪرڻ لڳو، ڪيترن ئي هنڌان کيس رت وهڻ لڳو، پر بيدرد عيسائي ڇوڪرا تنهن تي به ڪيس مارڻ ٿي لڳا.

اتي اوچتو ڇوڪري جو ٻڍو پيءُ هاشم اتان اچي لنگهيو، ڇوڪري رڙ ڪئي ته بابا، مون کي بچاءِ! ٻڍو پيءُ، سندس جگر جو ٽڪر، هن طرح رت ۾ ٻڏو رڙيون پيو ڪري، هن جي دل چوندي، جو ان کي ڊوڙي پاڪر نه پائي؟

ٻڍي جو هن کي ڇهڻ، ته ڇوڪرن جا مٿس ڏنڊا وسائڻ، ويچاري ٻڍڙي پاڻ ته اهي ڏنڊا سٺا، پر انهي هوندي به هڪ ڇوڪري کيس هٽائي وري به قتيل ڇوڪري کي ڏنڊو هڻڻ چاهيو، هي ڏسي دل قتيل پيءُ هن ڏنڊي کي روڪڻ لاءِ منجهس هٿ وڌو ته هڪدم عيسائي ڇوڪرن رڙيون مچايون ”گهوڙا اڙيءِ، هي مسلمان اسان کي ڏنڊن سان ٿو ماري!“

بس، هنن جون اهي رڙيون ڪرڻ ۾ عيسائين جو گهرن مان لٺيون ۽ ترارڙيون کڻي نڪرڻ، اچي وار دات تي پهتا، هي آواز ٻڌي ڪي ڏهه ٻارهن مسلمان به گهرن مان نڪري آيا.

عيسائي موقعي تي پهتا ته هڪڙي عيسائيءَ ڪڙڪو ڪري هاشم کي چيو ”بدمعاش پيدا! توکي اهڙو جگر ٿيو آهي جو تون اسان جي شهزادن کي ٿو مارين؟“

هاشم ڏنڊن کان بيحال ٿيل هو، هن جواب ڏنو ”جناب! منهنجي مجال آهي جو آءٌ اوهان جي ڇوڪرن کي ماريان؟ اوهان جي ڇوڪرن منهنجي هن ڇوڪري سان بيگناهه هيءَ حالت ڪئي هن رڙيون ڪيون، مون کيس اچي پاڪر وڌو، ڇوڪرن کي مون کي ڪافي ڏنڊا هنيا، مون پئي سٺا، پر جڏهين مون کي ڇڏي وري به هن مرڻهار کي هڻڻ جو ارادو ڪيائون تڏهن مون لاچار ڏنڊي ۾ هٿ وڌو، اوهين به اولادي آهيو، اوهان جي به جگرن جا ٽڪر آهن، ڇا اوهان کي هن تي ڪو قياس به نٿو اچي؟“

هي ٻڌي هڪڙي عيسائي چيو ”بس، بس، ڪيو ته هي بيشڪ ڏوهاري آهي جنهن اسان جي ڇوڪرن . هٿ مروڙي ڪاٺن ڏنڊو کسيو آهي، بس، هن جو هڪدم

اهو هٿ وڍيو وڃي جو ڏوهي آهي، هاشم ۽ ٻيا مسلمان هيءَ سزا ڏسي ڏڪي ويا، هڪڙو عيسائي ترار کڻي هاشم جي هٿ تي وار ڪرڻ لاءِ وڌيو ته، هاشم جي مرٽينگ پڻ آواز ڪيو "بابا! پاڻي!"

ڇپن تي پساهه آيل پٽ جو هي درد ناڪ آواز ٻڌي پيڙو پيءُ ڦٿڪي هليو، ۽ تپ ڏيئي هن لاءِ پاڻي آڻڻ لاءِ اٿيو ته وليم نالي هڪ عيسائيءَ ڪڙڪو ڪري چيس "ڪاڏي ٿو وڃين بدبخت ٻڍا؟"

هاشم جواب ڏنو "بيدرد! ڪجهه ترس ڪريو، ڇا آءٌ مرڻ واري جي وات ۾ ٻه قطرا پاڻي جا به نه آڻي وجهان؟"

ٻئي عيسائيءَ چيو "اڙي! هي بهانو ڪري ٿو ڀڄي، نه ڇڏيوس، وساريوس ڏنڊا!" هي ٻڌي عيسائين مٿس چئن طرفن کان ڏنڊن جي وارو وار ڪئي ڪئي مرٽينگ چوڪر وري به رڙ ڪئي "آه! پاڻي!"

هي ڏسي هڪ مسلمان کان رهيو نه ٿيو هو ڊوڙي سندس گهران پاڻي کڻي آيو ۽ تمام تڪڙو اچي جهڙو مرٽينگ جي چپن تي لڳايائين تهڙو هڪ عيسائيءَ ڌڪو ڏيئي چيس ڪمبخت، تون اسان جي اجازت بنا خونين جي مدد ٿو ڪرين؟"

هن کي ڌڪي ڏيڻ سان مرٽينگ جي چپن کان پاڻيءَ جو وٽو هٿي وڃي پري ڪريو ۽ اهو مسلمان به وڃي مرٽينگ مٿان ڪريو، مرٽينگ جو ساهه اڪيئي چپن تي هو، هي صدمو سهي سگهيو ۽ دلخراش رڙ ڪري ختم ٿي ويو، هي ڏسي بدبخت پيءُ به رڙ ڪري مٿانس ڪري پيو عيسائين تنهي مٿان کئي يڪلخت ڏنڊا بلڪ ترارين وسايون.

هي ڏسي ويچارا باقي پنج ڇهه مسلمان کسڪڻ لڳا، هنن سمجهيو ته اڄ سيني جو خير ڪونهي، هو گهرن ۾ گهڙي دروازا بند ڪرڻ لڳا ۽ ٻين مسلمانن کي به اهي هدايتون ڪيائون، پر عيسائين تن مسلمانن کي مارڻ بعد وري

وچي بادشاهه ريجنالڊ کي ڏاهن ڏني ته ”اڄ پنڌرهن ويهن سالن کان اسان جي ڇوڪرن تي بيگناهه حملو ڪيو ۽ کين مارڪٽ ڪئي اٿين وڃان نه پئون ها ته هو اسان جي پنجاهه سٺ ٻچڙن کي ماري ڇڏين ها!“

بس ظالم بادشاهه ٻي فرياد ٻڌي اڳ جاهي نڪي پئي، هڪدم ڪئي حڪم ڏنائين ته ”هنن مسلمانن جو من وڏي ويو آهي هڪدم سندن ملڪيت ڦريو لٽيو ۽ کين خوب ماريو جيستائين سندن هوش جاءِ اچي!“

مسلمانن کي اڪيئي آفت اچڻ جو ٻيپ هو هو در بند ڪري گهرن ۾ ويٺا هوا ۽ دوڪانن وارا به دڪان بند ڪري گهرن ۾ ويٺا هوا پر عيسائن گهرن خواهه دوڪانن جا در ڀڃي ڦرمار شروع ڪري ڏني، مسلمانن جون ملڪيتون ۽ اسباب ڦرڻ بعد کين ۽ سندن معصوم ٻچن ۽ عورتن کي به خوب ستائڻ لڳا، ڪن پڇي وڃي مسجدن ۾ پناهه ورتي تـه سندن مسجدن جون به خوب بيعزتيون ڪيون ۽ کين ۽ گهرن کي جلائڻ لڳا.

آڌيءَ رات تائين مسلمانن تي هي مصيبتون وجهڻ بعد هو به ڪڪ تي مس مس گهرن ڏي ويا، ساري ڪرڪ شهر ۾ مسلمانن جو هڪ به اهڙو گهر نه بچيو جنهن ۾ ماتم ۽ رودن مچيل نه هجي؟

باب پيرون

پيالو ڇلڪڻ

ظالمن جي گهر وڃڻ کان اڌ ڪلاڪ ڪـن بعد سڀ مسلمان اٿيا، ظلم نه هنن تي هونئن به ٿيندا هوا پـر اڄوڪي

ظلم هنن سان حد ڪري ڇڏي ۽ هنن سان اها تميز مطلق ڪڏهن ڇڏي ته هي شي منهنجي آهي هي عزيز منهنجو آهي، هنن ڏٺو ته ظلم تيئن وقت سڀ مسلمان هڪ آهن ته پوءِ ظلم جو تدارڪ تيئن ۾ به.

ڇو نه سڀ مسلمان هڪ هجن، ۽ جڏهين ته عيسائي ظلم ڪرڻ وقت ڪنهن به مسلمان جي ڪابه شي ڪانه ڇڏين تڏهين مسلمان به ڪنهن شي کي پنهنجي سمجهڻ ڇو؟

بس، جيئن چوندا آهن، ته ”درد ڪا حد سي گذر ناهي دوا هو جانا“ تيئن مسلمانن تي ٿيندڙ ظلم به حد کان لنگهڻ بعد مسلمانن لاءِ دوا بنجي ويا، هو اڌ ڪلاڪ تائين ته رڙيا پر پڪار هنن جو روئڻ بند ٿي ويو ۽ اتفاق و اتحاد جي لهر هڪ ئي وقت سڀني ۾ هڪ جهڙي ڊوڙي ويئي.

هو اٿيا ۽ سڀني مُردن کي ٺڪائي ڪرڻ لڳا، ڪنهن کي به اهو خيال نه رهيو ته هي منهنجو ٻچو آهي يا منهنجو عزيز آهي، پر هنن سڀني کي مظلوم ۽ سڀني کي هڪ سمجهي سڀني گڏجي سڀني سان هڪ جهڙو ورتاءُ ڪرڻ شروع ڪيو. ۽ ڪنهن به شخص کي اهو خيال مطلق نه ٿيو ته پهرپائين هي مردو پورجي يا پهرپائين هو، بس، سڀ زالون مرد هڪ جيڙي ڪان سي بيٺا ۽ بلڪل خاموشيءَ ۽ صبر سان مردن کي ٺڪائي لڳائڻ لڳا.

هي ته قاعدو آهي ته گهڻا ماڻهو پوري همت سان ڪنهن ڪم کي لڳندا ته اهو ٿي به جلد رهندو آهي. انڪري پنهنجن تائين هو سڀ واندا ٿي گهرن ڏي آيا نه سڀني عورتن گڏجي هڪ هنڌ ڪاڌو تيار ڪري ڇڏيو هو جو سڀني گڏجي کاڌو.

کاڌي کائڻ بعد محمود نالي هڪ نوجوان اٿي چيو.

”مسلمان ڀائرو! اڄ جيڪو اسان تي بيگناه ظلم ٿيو آهي انهي جو مثال هن کان اڳ نه ٿيو آهي، هن ٻارهين صديءَ عيسويءَ ۾ عيسائين مسلمانن تي ڪافي ظلم ڪيا آهن پر اڄ

جو ظلم سڀ کان زور تي ويو آهي، دنيا ۾ ڪئين قومون ظلم ڪنديون آهن پر هن طرح معصوم ٻارن کي بيدرديءَ سان مارڻ، اپاهج پوڙهن کي عذاب ڏيئي پورو ڪرڻ مسجدن کي بنا سبب جي باهيون ڏيڻ ۽ سندن بيحرمتي ڪرڻ اڳ نه ٿيا هوا ۽ ظلم جي آخري حد لاءِ اسين ئي منتخب ٿياسون.

پائنرو! اوهين روئو ۽ افسوس ڪريو ٿا پر درحقيقت اسان کي نڪ روئڻ گهرجي نڪي افسوس ڪرڻ گهرجي بلڪ سچيءَ دل سان ربجناليڊ جو شڪريو ادا ڪرڻ گهرجي جنهنجي ظلمن اسان کي ننڊ مان جاڳايو.

هيءَ پاڪ سر زمين، جنهن تي حڪومت الاهي قائم ڪرڻ لاءِ اسان جي جانبازن پنهنجي رت جا درياءَ وهايا، ان تي وحشي عيسائي يورپ کان هلي اچي قابض ٿيا ۽ اسين چپ چاپ سندس حڪومت سهندا رهياسون اها اسان جي قومي بي همتيءَ جي ثابتي آهي، جيڪڏهين عيسائي عدل انصاف سان هلن ها ته اسان جي بي حميت جو اڃا به موت اچي ها ۽ اسين سندن حڪومت جا اهڙا عادي ٿي وڃون ها جئن بلبل پڃري ۾ رهي رهي ان جي اهڙي هيراڪ ٿي ويندي آهي جو آڏائبو اٿس ته به واپس اچي پڃري ۾ ويندي آهي.

اسان تي ٿورا ٿورا ظلم ٿيندا اسين سهندا وياسون.

اسان جي اکين اڳيان ربجناليڊ ۾ پيا عيسائي پين مسلمانن تي ظلم ڪندا ويا، حتيٰ ڪ هنن حاجين جي قافلن کي وسهه بيماني تي ڦرڻ لٽڻ شروع ڪيو مگر اسين پاڻ ۾ بچهل ڏسي بيفڪر ٿي پيا چوندا هئاسون ته:-

گر از نيتي ديگري شد هلاڪ
ترا هست بط راز طوفان چه باڪ

جيڪڏهين بيو ڪو مصيبت کان ت ۾ آهي ته به ته ڪي ته پرواه ڪانهي ۽ تون ته ائين بيو چوندين ته بدڪ کي ٻوڏ جي ڪهڙي پرواه!

پر خدا جو شڪر آهي جو هن خاص اسان تي پنهنجي رحمت ڪرڻ خاطر ريجنالڊ جي هٿان ا ، ڪي سجاڳ ڪرڻ اسان جي غيرت ۽ حمت کي زنده ڪرڻ لاءِ اسان تي اهي ظلم ڪرايا جن ڪان ڏرني به ڏڪي وئي، پر اهي ظلم انهي لاءِ ٿي ٿيا هن نہ عيسائن جي تباهي ٿئي ۽ اسلام هن سرزمين تي وري نئين سر زنده ٿئي!

انڪري ڀائرو! نڪي روئو نڪي رڙو، لڙڪن جي چشمہ کي بند ڪري ڇڏيو، آهن جي خزانن کي تالو لڳائي، انتقام جي دروازو جو بند ڀڃي ڇڏيو ۽ دل ۾ هڪو ارادو ڪريو تہ ظالمن کي صفحہ هستيءَ تان متائي پوءِ دم پئينداسين.

منهنجي صلاح آهي تہ اسين فقط هلڪو قيمتي سامان ۽ ٿورو سيڏو ڀاڻ سان گڏ ڪٽي سدا سلطان صلاح الدين" وٽ هلون ۽ ان کي هي فرياد ڪريون. مونکي يقين آهي تہ هو اسان جو داد ڪندو، پر جي اتفاق سان هو داد ڪري نہ سگهيو تڏهين بہ اها تہ خاطري آهي تہ هو اسان کي رهڻ جي جاءِ ضرور ڏيندو."

هيءَ راءِ سڀني پسند ڪئي ۽ ان سان گڏ اها بہ صلاح ڏيائون تہ تياري اهڙيءَ خاموشيءَ سان ڪجي جو عيسائن کي ڪو بہ شڪ پوي نہ تہ هو ظالم اسان کي وڃڻ بہ ڪين ڏيندا.

اها صلاح ڪري سڀ ٻکڙي ويا، دوڪانن وارا دوڪانن تي ۽ ٻين ڌندن وارا پنهنجن ڌندن تي اڻين ٻکري ويا جو عيسائن سمجهيو تہ بس، جو ڪجهہ ٿيو سو هنن کي صفا وسري ويو!

مگر رات جو آڌيءَ تائين هر ڪنهن شخص فقط قيمتي هلڪيون شيون ۽ هفتہ ڏيڍ جو سيڏو ٿيڻ ڪيو پوءِ سڀ سامان ڇڏي هڪ هڪ ٿي شهر کان ٻاهر نڪري آيا ۽ سڌو دمشق جو رخ ڪئي رکيائون جو سلطان صلاح الدين جي گاديءَ جو هنڌ هو

باب ڏيون

سلطان صلاح الدين

صبح جو ڪرڪ جا عيسائي ننڊ مان اٿيا ته مسلم ٻارڙن ۾ بلڪل خاموشي ڏٺائون هنن حيران ٿي جاچ ڪرڻ شروع ڪئي ته معلوم ٿين ته مسلمان سڀ لڏي ويا.

عيسائن ۾ هلچل مچي وئي، ... و وڃي بادشاه ريجنالڊ کي دانهن ڏني، ريجنالڊ هڪدم .ار ڪن سپاهي تيار ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ لشڪر وٺي پنهنجي اڳواڻيءَ هيٺ انهن پٺيان ڪاهي ويو.

ويچارن مسلمانن کي اڳهين اهو گمان هو ... جيئن رات جو روانا ٿيا هوا تهئن اها رات، ٻيو ڏينهن ۽ ٻي رات يڪا پنڌ ڪندا ... ويا، اسر مهل ٻڪ ۾ ٿڪ ڪاڙ سڀ چور ٿي پيا انڪري اتي لهي پيا ۽ ڪاڌو وغيره تيار ڪري کائي ڪجهه وقت ننڊ ڪيائون.

وري ٻه صبح ٿين ... اٿي پنڌ پيا پر جيئن ته هنن کي ... گمان هو ته عيسائي ضرور اچي رسندا انڪري جيئن وٽ ٻهي ... رستو ... ڏي هڪڙو ورن و... ن وارو ٻيچرو ڪٽي و ... انون جنهن ۾ فيرو ٻه نهايت ڪهڙو هو ۽ اهـا وات ... قدري خوفائتي هئي پر هو انهيءَ مان هلندا ويا، وري ٻـ ... ڏينهن رات منزلون ڪندا هليا، تان جـو ... تدز مان ... ڪري اسلامي حد ۾ پهچي ويا، پنهنجي سلامتيءَ مان ... ڪري رجهي ٿي هنن کي ڏاڍي خوشي ٿي مگر اڃا ٻه عيسائي حدکي ويجهو سمجهي ... آرام سان نـ هليا مگر ساڳيءَ رفتار سان هلندا ويـ ... ڪن ڏين ... بعد دمسق وٽ ... پهتا رات گهڻي گذري وئي ... ... چانڊوڪي هجڻ سبب دمشق جي جامع مسجد جا ... ... ميلن تان ڏسجي رهيا هوا جن کي ڏسي

مسلمان زور سان "الحمدلله" ۽ "الله اڪبر" جا نعرا بلند ڪيا، ۽ اتي ڪٿي منزل ڪري، ڪمترن ئي ڏينهن جو ٿڪ پڃي آرام جي ننڊ ڪيائون.

صبح ٿيو ته ڪاڏو تيار ڪري ڪاٿي سلطان ڏي هليا. خوش قسمتيءَ سان هو ڏينهن خميس جو هو، سلطان جو قاعدو هو ته هر ڪنهن خميس ۽ ڇنڇر تي سندس محلات "قصرالعدل" ۾ عام دربار ڪندو هو جتي ڪنهن کي به اچڻ جي روڪ نه هئي ۽ هر ڪنهن کي ڳالهائڻ جي به ڪلي اجازت هئي. ماڻهو تمام گهڻا ايندا هوا پر انهي هوندي به سلطاني رعب اهڙو هوندو هو جو ڪو به شور غل نه ڪندو هو ۽ پڻ جيڪڏهن ڪو به شخص مجمع جي ڇيڙي تي بيهي "فرياد" جو لفظ چوندو ته هڪدم سارو مجمع ڪمس اهڙيءَ طرح جاءِ ڏيندو هو جو هو پنهنجي منٽن ۾ سلطان وٽ پهچي ويندو هو.

ڪرڪ جا مظلوم هن قصرالعدل وٽ پهتا ته محمود ۽ صفدر نالي هڪ نوجوان ۽ هڪ پير مرد وڏي مجمع وٽ آيا ۽ زور سان چيائون "فرياد آهي اي سلطان الاسلام" هڪدم مجمع هنن کي جاءِ ڏني ۽ سلطان سميت سڀ هنن ڏي متوجه ٿيا. سلطان وٽ پهتا ته سلطان کين اجنبي (ٻاهريون) ڏسي هڪدم تخت تان لهي ساڻن مصافحه ڪيو ۽ پڇيو "مسلمان ڀائرو! توهين ڪٿان تا اچو؟"

محمود جواب ڏنو "ظلم، انڌير ۽ سچ سان!"

سلطان گهڻو ۽ پريشان ٿي چيو "انهي جو مطلب؟"

صفدر بلند آواز سان جواب ڏنو "انهي جو مطلب هي، ته ڪرڪ جي عيسائين اسان تي بيگناه ظلم ڪيا آهن، اسان جا ڪئين ماڻهو مارِيائون ملڪيت ڪسيائون بيعزتيون ڪيائون، مسجدن جي بيحرمتي ڪيائون اسين ڪنهن طرح سر وٺي اتي پڳا آهيون خوشقمتيءَ سان هو اسان تائين پهچي نه سگهيا ۽ ....

اڃا هي انهن لفظن تي پهتو ته هربان بلند آواز آيو "۽ هنن اوهان جوڪسرون اسان مان ڪڍيون!"

باب چوٿون

مظلوم حاجي

سڀ چرڪي اوڏانهن ڏسڻ لڳا، هڪ نهايت پريشان حال ۽ زخمن سان چور ٿيل نوجوان اچي رهيو هو. مجمع هن کي جاءِ ڏني ۽ هو ڊوڙي سلطان وٽ وڃي ڪريو. سلطان هن کي ڏسي چرڪي چيو "اوهه، مظفر؟" اٿين ڇٽي يڪدم ڀاڪر پائي مٿي ڪري چيائين "پٽ مظفر! تنهنجي هيءَ حالت؟ ڇا اوهان جي قافلي تي ڪا مصيبت آئي؟"

مظفر تمام بيحال هو هن هيڻي آواز سان جواب ڏنو "هائو حضور! ريجنالڊ هزار کن سپاهي وٺي ڪرڪ جي مظلومن پٺيان پيو مگر هي ٻي واٽ وٺي نڪري ويا. سندس منهن ۾ اسان جو قافلو جو حج ڪرڻ تي ويو ۽ جنهن جي حضور جن کي پوري پوري خبر آهي، سو اچي ويو. هن انهن سان بيحد گهڻا ظلم ڪري ڪن کي ماري ڇڏيو ۽ ڪن کي قيد ڪيو آهي. انهن سندن مارجڻ منجهان هوس ۽ گهڻن زخمن سبب بيهوش ٿي ويو هئس. هوش ۾ اچڻ تي هن حال هوندي به تمام تڪڙو اچي اوهان کي فرياد ڏيڻ لاءِ پهتو آهيان، حضور! بيگناه حج ڏي ويندڙ ڪافرن جي قيد ۾ مصيبتون ڀوڳي رهيا آهن، اوهين هنن کي ڇڏايو!"

بس، مظفر ۾ هائي وڌيڪ ڳالهائڻ جي طاقت نه رهي ۽ هو بيحال ٿي ڪري پيو. سلطان تي سندس لفظن اهڙو ته اثر پيدا ڪيو جو هن جو چهرو لال ٿي ويو ۽ هن بلند آواز سان چيو "مسلمانو! دنيا ۾ ڪابه قوم معصومن ٻڍن حاجين ۽ زيارتن سان ظلم نه ڪندي پر عيسائي اها حد به اڪري ويا آهن، خدا جو قسم! مون لاءِ هاڻي تيستائين پنهنجي محلات ۾ پير پائڻ به حرام آهي جيستائين مظلومن کي آزاد ڪري "بيت المقدس" تي قبضو نه ڪرڻ اٿم، جيستائين ظالم عيسائين

جا پير بيت المقدس جهڙي پاڪ شهر مان نه نڪرندا تيسين ڪين چڏڻ باڪل غلطي آهي!"

سلطان انهي وقت ئي سپه سالار کي لشڪر تيار ڪرڻ جو حڪم ڏنو. لشڪر جي تياريءَ جو حڪم ڏيئي سلطان اٿيئي سجده ۾ ڪري پيو. هن لڙڪ وهائي دعا گهري تــہ "خدايا! منهنجون اکيون هائي اهو ڏسي نٿيون سگهن تہ منهنجي وقت ۾ مسلمان شهيد ڪيا وڃن، سندن عزتون لٽيون وڃن، مسجدون جلايون وڃن، قرآن شريف جي بيعزتي ڪئي وڃي ۽ حاجين سڳورن کي حج کان روڪيو وڃي. اي رب العالمين! تون مون کي توفيق ۽ قوت عطا ڪر تہ آءٌ مسلمانن کي هن ظلم کان نجات ڏيان ۽ تنهنجي پــاڪ شهر بيت المقدس تـان عيسائن جي ظالم حڪومت جو پاڇو دور ڪريان!"

هو ڪيترو ئي وقت سر سجدي ۾ رکــي روئندو رهيو هائي سندس پر ۾ ويٺل هڪ پير مرد اٿيو. هي سلطان جو وڏو ڀاءُ "ملڪ العادل" هو. هن سلطان جي مٿي کي ڪٽي چيو "اي الله پاڪ جا نيڪ بندا! مٿو مٿي ڪئو. مولا پاڪ پنهنجي فضل سان اوهان جي دعــا قبول ڪئي انشاء الله تعالي اوهان جو هي بهادر لشڪر بيت المقدس فتح ڪري پوءِ وطن ورندو" سموريءَ خلق "آمين" جا نعرا بلند ڪيا.

سلطان المعظم مٿو مٿي کنيو. ڏٺائين جا ڳوڙها اکين مان وهي سندس سفيد ۽ شاندار ڏاڙهيءَ مان ٽمي رهيا هوا سلطان کي هن حالت ۾ ڏسي سندس فــرزند ملڪ الافضل نورالدين ابوالحسن علي ۽ سندس ڀـائٽي ملڪ العزيــز عثمان اٿــي چيو "سلطان المعظم ڪوبہ فڪر نہ ڪريو اسين سڀئي جان نثار عهد ٿا ڪريون تہ بيت المقدس جي فتح کان اڳ وطن نہ ورنداسون!"

هي ٻڌي سڀني حاضرين "الله اڪبر" جا نعرا لڳايا.
هن اعلان جهاد کان سموري شهر ۾ خوشيءَ جي لهر پيدا ٿي

وڃي مسلمان عيسائين جي ظلمن جون خبرون ٻڌي نهايت تنگ آيل هوا سندن دلين تي آگ ٻري رهي هئي. هن خبر انهي آگ کي ڏيرو ڪيو. سلطان مظلوم لڏي آيلن کي عمدا مڪان ڏياريا ۽ کين هر طرح آرام جو سامان ميسر ڪري ڏنو.

پر هنن سان جيڪي نوجوان ۽ طاقتور هئا سي سڀ مجاهدن سان گڏ پنهنجي مظلوم شهيدن جو انتقام وٺڻ ۽ پاڪ سر زمين کي عيسائين جي منحوس قدمن کان پاڪ ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا.

باب پنجون

صفوريه جي فتح

سلطان صلاح الدين مسلمانن جي تڪليفن ۽ ظلمن جون خبرون ٻڌي بيتاب ٿي ويو ۽ هو فقط ست هزار لشڪر وٺي دمشق کان روانو ٿي ويو. هو مشطيره ۾ ترسيو ته مصر مان به ملڪ الافضل جو لشڪر ۽ ٻيا مجاهد ٻين طرفن کان اچي ويا هنن سان پنج هزار لشڪر هو. هاڻي ڪل لشڪر ٻارهن هزار ٿيو.

جمع جو ڏينهن لشڪر جي روانگيءَ لاءِ مقرر ٿيو سلطان نماز بعد دعا گهري ته "يا الله العالمين! مونکي فضل سان اهڙي قوت عطا فرماءِ جو آءٌ عيسائي جهنگلي جانورن جي هٿان مسلمانن کي بچائي سگهان ۽ عيسائين کي سندن ڪرتوتن جي سزا ڏيئي سگهان."

هاڻي پنج هزار لشڪر ملڪ الافضل جي هٿ هيٺ صفوريه ڏي روانو ٿيو ۽ ست هزار لشڪر وٺي سلطان طبريه طرف رخ رکيو. عيسائين کي به هي خبرون پهتيون، هنن هڪدم تياري ڪئي ۽ يروشلم (بيت المقدس) جي وڏي پادريءَ ساٿين جي جهاد جي تبليغ ڪئي هزارين عيسائي تيار ٿي ويا

جن جو ست هزار لشڪر ڄمررڍ جي مٿ هيٺ ملڪ الافضل ڏي روانو ٿيو هن لشڪر ۾ چاليھہ اهڙا بانڪا بهادر هئا جو هڪ هڪ هزارن تي ڳرو هو. انَ وقت ۾ يورپ ۾ رواج هو ته ڪن نهايت بهادر نوجوانن ڪي خاص توجہ سان جنگي تعليم ڏياري قابل ڪيو ويندو هو هنن کي نائٽ يا بانڪا سڏيندا هئا ۽ هو خاص طرح مسلمانن جي ئي مقابلہ ۾ روانا ٿيندا هئا. گويا نائٽ جو لقب خاص مسلمانن جي دشمن لاءِ ئي استعمال ٿيڻ شروع ٿيو هو مگر اڄ مسلمانن جي ڪمبختي ۽ بيحسي انهي درجي تي پهتي آهي جو اهو ساڳيو نائٽ يا سر جو لقب حاصل ڪرڻ لاءِ اسانَ جا وڏا وڏا ديندار اڳوان به سالها سال ڪوششون ڪندا آهن!

۳ صفر ۵۸۳ ھ برابر ۱ مئي ۱۱۸۷ع جي ڏينھن ھي ٻئي فوجون مقابلہ لاءِ ميدان تي آيون، عيسائين سندن مشڪل ڪشا حضرت عيسيٰ ع ۽ بيبي مريم رضہ کي پڪاري دعائون گهريون ۽ مسلمانن پنهنجي هڪڙي ئي پاڪ مولا جي حضور ۾ التجا ڪئي تہ ربنا افرغ صبرا و ثبت اقدامنا وانصرنا علي القوم الڪافرين اي اسان جا اڪيلا ڌڻي! تون اسان جي دل تي مضبوطيءَ جي پالوٽ ڪر ۽ اسان جا پير محڪم رک، ۽ تون ئي اسان کي ڪافرن جي مقابلہ ۾ مدد ڏي وما النصر الا من عند الله فتح تہ خاص الله پاڪ جي ئي هٿ ۾ آهي!

هاڻي مسلمان الله اڪبر جو نعره هڻي نهايت استقلال ۽ سنجيدگيءَ سان روانا ٿيا عيسائي اڳواڻ گهڻائيءَ جي خوشيءَ ۾ نچندا ٽپندا ٿي آيا سندن چاليھہ سرن يعني بانڪن جو سمورو بت فولاد ۾ غرق هو بدن تي زره ۽ مٿي تي فولادي ٽوپ هو تمام قيمتي هٿيارن سان سينگاريل هوا ٻئي لشڪر ٽڪريا تہ بانڪا مست هاٿين وانگر گجگوڙون ڪندا مسلمانن تي ٽٽي پيا، ڪين پڪ هئي تہ پهرئين حملي ۾ مسلمانن جي پهرين صف کي ڪٽي بيءَ سان بہ پار ٿي ويندا سون پر اڳيان هڪ خدا تي ڀروسو رکندڙن جي اها صف هئي جنهن لاءِ سندن

هڪ ڏي پاڪ مولا فرمائي ٿو:-

ان الله يحب الذين يقاتلون في سبيله صفا كانهم بنيان مرصوص (بيشڪ الله تعاليٰ کي اهي شخص ڏاڍا وڻن ٿا جي ڪنهن به ذاتي مطلب کان پري رهي خاص خدا ڪارڻ سندس راه ۾ اهڙي صف ٻڌي لڙن ٿا ڄڻ ته شيهي جي ديوار آهي.)

هاڻ اهي بانڪا، غريب سادن سودن مسلمانن سان ٽڪرها پر پئي لڪرندڙ ڏريون کهڙيون هيون؟ ان وقت جا بانڪا يا سر صاحب به اڄوڪن گهڻن سرن وانگر اول درجي جا زنا ڪار ۽ بدڪار هوندا هئا.

هن وقت جي جن بهادرن کي سر جو لقب ملي ٿو تن سان گهڻا انهن نائٽن (بانڪن) وانگر بهادر ڪٿي نه هوندا آهن پر انهي ۾ شڪ ڪونهي ته هو به انهن سان گهڻن وانگر عياشيءَ ۽ بدڪاريءَ جون ڊگريون هٿ ڪيل هوندا آهن ۽ بدقسمتيءَ سان اسان جا مسلمان به اهڙا پورڙا آهن جي اسلام جو نالو ٻڌڻ بعد انهن سرن کي بس امام ۽ اولياءَ سمجهندا آهن پوءِ ڪٿي سندن نوجوان ڌيئرون ۽ ننهون گورنرن اڳيان ناچ ڇونه ڪنديون هجن! پر ڇاڪاڻ ته ڪي اسلامي اخبارون هنن جي حمد و ثنا جا گيت ڳائينديون آهن ان ڪري هو اسان جا امام آهن ۽ بس!

انهن سرن يا بانڪن کي سامهون جيڪي مسلمان هئا سي خدا پاڪ کان ڊڄندڙ ۽ خالص انهي لاءِ سر ڏيندڙ هئا هو بدڪارين کان دور هوا ۽ نيڪين جا مجمع هئا هنن پهريائين ته انهن سرن تي پري کان ٿي تيرن جو وسڪارو ڪيو ۽ سندن تيرن جو نشان گهڻو ڪري سرن جون اکيون هيون پوءِ ويجهي اچڻ تي مٿن نيزن جو وارو ڪيو ڇاڪاڻ ته تلوارون زرهن تي ڪم ڏيئي نٿي سگهيون.

نيڪ مجاهدن جي نيزن عياش سرن (بانڪن) جا ڇڪا ڇني ڇڏيا ۽ هو ڏڙا ڏڙ زمين جو سلام ڪرڻ لڳا ٻئي طرف باقي شيطانن ۾ مسلمانن جي تلوارن به واڄٽ وڄائي ڇڏيا.

ملڪ الافضل خود نهايت بهادريءَ سان لڙي رهيو هو ۽ بار بار نعرا لڳائي رهيو هو تہ فاضربوا فوق الاعناق واضربوا منهم ڪل بنان (هنن جي گردنن وارا ڌڪ هڻو ۽ سندن سنڌ سنڌ ڪپيو.)

هاڻي ٻپهرن جو وقت اچي ٿيو. مسلمانن ۾ جنگ ڪري ڪري ڪجهہ ٿڪ ڏسڻ ۾ آيو ٿي. هي ڏسي ملڪ الافضل زور سان "الله اڪبر" جو نعره لڳايو، هن دل کي قوت ڏيندڙ نعري جو آواز ٻڌي ساري لشڪر بہ اهو نعره لڳايو. ملڪ الافضل هڪدم زور سان عيسائي ٻانڪن طرف ڪاهي يورش ڪئي، هي ڏسي سندس ساٿين تقي الدين ۽ ٻين سپاهي مجاهدن نعره لڳائڻ سان گڏ عيسائن تي بي پناهہ يورش ڪئي ڪئي. عيسائي هن اوچتيءَ يورش جو تاب سهي نہ سگهيا ۽ سندس پنجويهہ بانڪا مقتول ۽ زخمي ٿي ڪري پيا، هنن جي ڪرڻ تي عيسائن جا پير ٿڙيا ۽ هو پوئتي هٽڻ لڳا. هي ڏسي ملڪ الافضل بلند آواز سان للڪار ڪئي تہ "مسلمانو! هي وقت اٿو دشمن تي يورش ڪرڻ جو، دشمن جا قدم اکڙي چڪا آهن ۽ اهي هاڻي بلڪل بيهي نہ سگهندا. هڪدم هنن تي ٽٽي پئو!"

مسلمانن بہ ائين وجهہ ڏسي پنهنجي سموري ٿڪ کي پلجي مٿن اهڙي يورش ڪئي جو عيسائي لشڪر بريءَ طرح هارائڻ لڳو، جنهن تہ هيءَ پوئين جنگ هئي انڪري ڀڄڻ تہ هو بہ نہ لڳا پر سڀ جا سڀ قتل يا قيد ٿي ويا فقط انهن بهادر سرن جو سردار جيرارڊ پنهنجي لشڪر کي پوهي ۾ ڏيئي ڀڄي ويو ۽ ساڻس گڏ ٻہ باڊي گارڊ بہ ڀڄي ويا جي ٽيئي هن عظيم الشان هار جي مبارڪ ڪاڻي عيسائن ڏي ويا.

بهادر مسلمان مڪمل فتح حاصل ڪرڻ بعد عيسائي ڪئمپ کي لٽڻ نہ آيا بلڪ سڀ ڪان اڳ عصر نماز ادا ڪرڻ لڳا. اڄ اسين ڏالي جا مسلمان ڌن دولت کي ئي سڀ ڪجهہ سمجهون ٿا ۽ خدا پاڪ جي بندگيءَ کي ان ڪان پوءِ. انهي

جو نتيجو هي ٿيو آهي ته دولت اکي خدا پاڪ جي سچن بندن جي قدمن ۾ پيئي لتاڙبي هئي ۽ اسين جئن دولت پنهان تا قرون تئن اسان کان دور ٿيندي پيئي وڃي.

هن اليڪشن جي زبردست جنگ ۾ اسان جا ڪي ڄڄ العلماءَ ۽ بيا غدار ڪانگريسي پئسن تي فدا ٿي پنهنجي جماعت مسلم ليگ جي خلاف سندرو ٻڌي بيٺا ۽ دشمنان اسلام جي اشارن تي ناچ ڪرڻ لڳا پر دشمنان اسلام به ڪين ٺيڪ ٺيڪ پرکيو ۽ انجام ڪيل پئسن جي ڪا چوٿين اڌون پتي ڪين ڏنائون ۽ وڏيڪ پئسن کان صاف جواب ڏنائون. ڄڄ العلمائن ۽ ۽ غدارن گهڻيئي مٿو پٽيو ته وعده خلافي نه ڪريو اسان توهان جي پئسن خاطر دين به وڪيو ته دغا به ڪئي سون، پر هاڻي اوهين ته اسان سان دغا نه ڪريو ته ويچارا نيڪدل ڪانگريسي به نماڻا ٿي چوڻ لڳا ”يارو ڇا ڪريون، هاه ڪمانڊ وٽان اچا پئسا پهتا ئي ڪين آهن، توهين مڙس ٿي اسلام جي دشمنين جي ڪم ڪي هلائيندا رهو! پئسا به اچهو ٿا توهان کي ملن! ٽيستائين هي بنڊو آشرم جا سنبوسا ۽ پاڻي پرڏاپ جي آفيس جا پڪوڙا ۽ وڙيون کائي پاڻي پيئندا ٿيو، سؤٽي نه توهان کي ملي چڪي آهي! هاڻي اصل رقم به ڪاميابيءَ بعد ملي پوندي - مطلب ته:-

چـٽيءَ سٽ پسايو واڻـئي وڏيس ولـي
چـٽيءَ ليکي واڻيو ملو مٽي اِت به چٽي

وارو ڪم ٿيو.

مسلمان سڀ کان اول خدا پاڪ جو فرض ادا ڪري سندس شڪرانا بجا آڻـندا تـ مولا سائين تنهنجا لک شڪرانا آهن جو تو پنهنجي فضل سان اسان تورن ڪمزورن کي هنن گهڻن طاقتورن تي فتح عطا ڪئي آهي، اڳتي به تون ئي اسان تي پنهنجو لطف ڪندو رهج! آمين!

انهي فرض ۽ شڪرانه ادا ڪرڻ بعد سڀ ڪان اول پنهنجن شهيدن جي نماز ۽ دفن جو انتظام ڪيو، انهي ڪانپوءِ عيسائي ڪئمپ ڏي توجه ڪيائون ۽ لٽ جي بي‌انداز مال تي قبضو ڪيائون. سلطان المعظم ڏي هڪ اوٺي سوار هٿ فتح جي بشارت موڪليائون. سلطان المعظم هيءَ بشارت ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پنهنجي مولا پاڪ جا شڪرانا ادا ڪيائين ان بعد صفوريه اچي مال غنيمت سڀ اها فتح ڪندڙن مجاهدن کي ورهائي ڏنائون انهي بعد پاڻ طبريز طرف ڪوچ ڪيائين.

باب ڇهون

عاليشان فتح

سلطان لشڪر وٺي طبريه وٽ پهتو، اچا طبريه جو گهيرو ئي ڪونه ڪيائين ته وڏا وڏا عيسائي نواب جئن ته طرابلس جو والي ظالم ريمنڊ، ريجنالڊ، يروشلم جو بادشاهه گـ وڏي، سندس ڀاءُ جيررڊ اهي سڀ گڏجي ليهه هزار لشڪر وٺي طبريه تائين پهچي ويا. سلطان هننکي ايندو ڏٺو ۽ محسوس ڪيئين ته طبريه فتح ڪرڻ ۾ دير ڪٿي وٺي ته سخت تڪليف ٿيندي انڪري هڪدم سخت ۾ سخت يورش ڪري طبريه جي ڦاٽڪ تي پهچي ويا ۽ نهايت جانبازيءَ سان فولادي ڦاٽڪ کي ٽوڙي اندر داخل ٿي ويا، نهايت، عيسائين انهي هوندي به مقابلو ڪيو پر جو سلطاني لشڪر فولادي ڦاٽڪ ٽوڙي به اندر پهچي ويو سو ڀلا هنن هنن کان ڪٿان ٿو هارائي! هو هنن کي گجرن وانگر ڪٽيندو شهر ۾ وڌيو. عيسائي اچا به نه رهيا ۽ بازار ۾ به مقابلو ڪرڻ لڳا. هي ڏسي بازار وارا واپاري به لشڪر تي پٿر وغيره اڇلائڻ لڳا. هنن جـي هيءَ ڪمبختي ڏسي سلطان بـازار کي لٽڻ جو حڪم ڪيو ۽ پٿرن هڻڻ وارن کي سختيءَ سان قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنو. نتيجو اهو ٿيو ته عيسائين جي بازار به لٽجي وئي ڪيترائي شهري به سپاهين سان گڏ قتل ٿيا باقي

رهيلن هٿيار ڦٽا ڪيا. مسلمانن جو طبريه تي مڪمل قبضو ٿي ويو.

اڃا هي قبضو مڪمل ٿي مس ٿيو ته خبر ملي ته عيسائي لشڪر جبلن جا لڪ لنگهي اسلامي لشڪر تائين پهچي ويو، هي پڏي سلطان نورا بهادر ۽ مدبر قلعه ۾ چڱي پاڻ لشڪر وٺي ٻاهر آيو، انهي وچ ۾ مسلم ۽ عيسائي لشڪر جي ڪجهه جهڙپ ٿي هئي پر رات پوڻ تي ٻئي لشڪر جدا ٿي ويا هوا.

سلطان راتو رات ۾ اهڙيءَ طرح مورچا قائم ڪري ڇڏيا هوا جو عيسائي صبح جو اٿيا ته ٽن طرفن کان گهيريل هوا. هي ڏسي هنن کي گهٻراهٽ ٿيڻ لڳي پر هو گهٽا هوا انڪري سندن سردارن کين تسلي ڏيئي سندن ويجهو لوبيا جي ميدان ۾ صفون ٻڌي جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو.

جنگ هلندي هلندي ظهر جو وقت ٿيو ته سلطان حڪم ڏنو ته نماز ادا ڪئي وڃي. مسلمانن حڪم جنگي قاعدي موجب ٻه رڪعتون ظهر نماز هن طرح ادا ڪئي جو پهريائين اڌ لشڪر هڪ رڪعت پڙهي پوءِ اهي ويا ۽ اڌ فوج اچي هڪ رڪعت پڙهي وري اهي هٽيا ته پهرئين اڌ ٻي رڪعت پڙهي سلام ورايو ۽ انهن جي واپس وڃڻ تي ٻئي اڌ باقي هڪ رڪعت پڙهي سلام ورايو.

مسلمانو! غور ڪريو ۽ عبرت وٺو ٻارهن هزار مسلمان ٦٣ هزار ڪافرن وچ ۾ گهيريل، تڏهن به هو مولا پاڪ جي عبادت کان غافل نه هوا ۽ اڄ اسين نالي جا مسلمان ڪنهن معمولي بهاني تي به خدا پاڪ جي عبادت کان غافل رهجي ٿا وڃون! پوءِ نتيجو؟ نتيجو هي ...... ته اڳهان هزارين مسلمان ۽ ڪروڙن تي حڪومت ڪندا هئا ۽ اسين ڪروڙن هوندي به هزارن جا غلام ٿي ٺاڳذاريون ۽ نهايت ذلت جي زندگي بسر ڪري رهيا آهيون جيڪڏهن اڄ به اسين اڳوڻن مسلمانن وانگر پنهنجي مولا سان سچا رهون ته مولا پاڪ به جيڪر اسان تي پنهنجي فضل ۽ الطاف جي بارش ڪري نه ته ٻيءَ صورت ۾ مولاپاڪ کان به اسان کي جواب ملي ٿو ته:

هر نو مائل به ڪرم هين ڪوئي سائل هي نهين!
راه دکلائين ڪسي؟ ر هرو منزل هي نهين!

عيسائين کي مسلمانن کي هن طرح موت جي گهڙي اندر نماز پڙهندي ڏسي ڏاڍي حيراني ورتو هنن مان ڪي تمام ٿورڙا سياڻا روح ته الهي خدا پاڪ جي يادگيريءَ تي آفرين ڏيئي رهيا هوا، پر ٻين کين اڌ تعداد ۾ ڏسي مٿن سختيءَ سان حملو ڪري ڏنو پر آفرين آهي مسلمانن جي جگر کي نه ذرو به نه گهٻرايا ۽ پوريءَ جوانمرديءَ سان مقابلو ڪندا رهيا ۽ ٻئي طرف نماز پڙهندڙ به اهڙي موت جي طوفان وچ ۾ به نهايت اطمينان سان پنهنجي مولا ’ني ياد ڪري ڪيس مدد ۽ فتح عطا ڪرڻ لاءِ پاڪائي رهيا هوا، هنن جي نماز ۾ تلوارن جو شور به خلل وجهي نه سگهيو دنيا ۾ بندگيون ۽ نمازون ٻيون قومون ته ادا ڪن ٿيون پر تاريخون شاهد آهن ته اها نماز، جنهن کي اقبال مرحوم ”عشق جي نماز“ سڏي سندن صفت هنن لفظن ۾ بيان ڪري ٿو:

نه مسجد مين نه بيت الله ڪي ديوارون ڪي ساءِ مين
نماز عشق ادا هوتي هي تلوارون ڪي ساءِ مين

اها عشق جي نماز جهڙي مسلمانن ادا ڪري ڏيکاري اهڙي ڪنهن به قوم ادا نه ڪئي!

جڏهن اسين مسلمان اها عشق جي نماز ادا ڪري چالندا هوا سون تڏهن فقط ارڙهن هزارن جي لشڪر سان، ١٧ ورهين جي نوجوان سالار غازي محمد بن قاسم رح جي همت هيٺ اسان سنڌ ۾ اسلام جو جهنڊو کوڙيو ۽ اڳتي هلي ساري ڪفرستان هندکي ”لاالله الا لله“ جي پرچم اگهان جهڪايو سون پر آهم!

جڏهن مرحوم سر سيد احمد (غفر الله له) جي همت هيٺ عشق جي نماز جي ميدانن کي چڏي قتل گاهن (ڪاليجن) ۾ سجدي ڪرڻ لاءِ داخل ٿياسون تڏهن اسان جي هيءَ حالت

آهي جو ڏهن ڪروڙن هوندي به ڏکي رهيا آهيون بلڪ سنڌ ۾ ته چئيهن لکن مسلمانن هوندي، ٻارهن لکن هندن کان ڏکي ۽ ڪنبي رهيا آهيون، اسان کي ابن قاسم جو داستانو قطعي وسري ويو، اسان سچي پچي مڪتب محمدي (قرآنپاڪ) کي پڙهڻ ترڪ ڪري انهن اسڪولن ۾ فوجن جون فوجون ٿي داخل ٿيڻ لڳاسون جن لاءِ مرحوم اقبال فرمائي ٿو:

گلا تو گهونٽ ديا تيرا اهل مڪتب ني
ڪهان سي آئي صدا الا اله الا الله!

تڏهن اسان جي غيرت ائين مري وئي جو اسان مسلمان نماز پوري ڪري ”الله اڪبر“ جو پر جلال نعرو هڻي اٿيا.

عشق جي نماز سندن داهن ۾ اهو نئون روح ڦوڪي ڇڏيو هو جو ڪافرن تي غضب خدائي بنجي لٽي پيا، هنن جو هي نئون حملو جنگ نه هئي پر باهه ۽ طوفان هو. هو جيڏانهن ٿي ويا تيڏانهن صفن جون صفون ڳجرن مورين وانگر ڪٽيندا ٿي ويا!

طرابلس جي حاڪم رئمنڊ تي سندن هن عشق جي نماز ۽ ! کان پوءِ پيدا ٿيل روح جو اهڙو اثر پيو هو جو ادائي سو رفيقن سميت ائين کسڪي ويو جئن هڪ بهادر ڪوسو سردار مسلم ليگين جي ٺورڙي سزا تي ڪانگريس مان کسڪي گانڌي ٽوپيءَ کي اچلي بروچڪو ٻنڪو پڌڻ لڳو هو. باقي ٻين عيسائين تي انهي غضب الاهي اهڙو ڪم ڪيو جو الامان والحفيظ.

سلطان المعظم خود وچ لشڪر ۾ هو؛ هو پنهي هٿن سان تلوار کي هلائي بار بار انهن قرآن شريف جي آيتن نعره لڳائي رهيو هو. فقا تلوا اولياء الشيطن ان ڪيد الشيطان ڪان ضعيفا (پوءِ ماريو شيطان جي ولين کي، بيشڪ شيطاني تجويزون هيٺيون ۽ بيڪار آهن.

فاضربوا فوق الا اعناق واضربوا منهم ڪل بنان

(هنن جي گردنن وارا ڏڪ هڻو ۽ سندن سنڌ سنڌ وڍيو)

نتيجو اهو ٿيو ته:

ڪفر ڪي رخشنده بستي مين انڌيرا ڪرديا
تين سو تيره نسي اسڪو تين تيره ڪرديا

بالهان، جعفري، گوٺي وغيره سڀ لشڪر سميت اٿي ڀڳا، مسلمان هن جنگ ۾ فقط پنج سو شهيد ٿيا ۽ عيسائي سورهن هزار!

هن عظيم الشان فتح تي سلطان گهوڙي جي زين تي ئي شڪر جو سجدو ادا ڪيو عيسائي پنهنجي ڪيمپ ڇڏي حطين طرف ڀڄي ويا هئا انڪري مسلمانن سندس ڪيمپ هٿ ڪئي، جنهن مان ڪافي سامان نڪتو!

جئن ته سج اڃا بيٺل هو انڪري عيسائي ڪئمپ تي قبضو ڪرڻ بعد، سلطاني لشڪر وري به عيسائين پٺيان پيو ۽ حطين وٽ وڃي ڪين پهتو، حطين پهچي عيسائي بي فڪر ٿي هٿيار ڪولي ستا پيا هئا هنن کي پڪ هئي ته مسلمان ٻه ٽڪل آهن سي هينئر ڪونه ايندا پر مسلمانن جي اها آرام طلبي ڪان نفرت ئي هميشه ڪان سندن فتح جو باعث ٿيندي آهي، آرام طلب انسان هميشه مصيبتن ۽ بيعزتين ۾ وقت گذاريندا آهن، مشهور آهي ته جڏهن ميرن جي لشڪر هارايو ۽ فرنگي حيدرآباد جي قلعه ڏي وڌيا ان مهل ٻه قلعه ڪي سنڀاليندڙ مير صاحب پينگهي ۾ آرام فرمائي رهيو هو ٻانهيون ڪيس لوڏا ڏيئي رهيون هيون تان جو ڪو خاص خدمتگار پريشان حال ۾ ڊوڙندو آيو ۽ چوڻ لڳو سرڪار! فرنگي اچي ويا!"

ته ميرصاحب جواب ڏنو "اڙي اڃا پري هوندا پرواه ناهي، ڪمبخت! تو ڇو اچي ننڊ ۾ خلل وڌو آهي، دائي ساران! تون ڏي لوڏو!"

انهي دائي ساران جي لوڏي جو نتيجو اهو ٿيو جو اڄ

شاهي خاندان جا اڪثر ميمبر صاحب مئنيجر انڪمبرڊ اسٽيٽس
جي پناهه هيٺ آهن.

دنيا جي تاريخ ۾ اهڙا هزارين واقعا ملن ٿا، ته تن آسان ۽ آرام طلب قوم جي آبرو هميشه خطري ۾ هوندي آهي ۽ آبرو ۽ تن آساني ٻئي گڏ طلب وارا شخص وڏا بيوقوف هوندا آهن!

تن آسانيان چاهين اور آبرو ڀي،
وه قوم آج ڏوبيگي گر ڪل نه ڏوبي!

تازو پهرينءَ جنگ بعد جڏهن تباهه ٿيل ترڪيءَ کي حضرت غازي مصطفيٰ ڪمال پاشا رح جي ڪوشش دوباره عروج تي رسايو تڏهن به هنجون ڪاميابيون آرام ڦٽائي مهڻن جا پنڌ ڏينهن ۾ ڪري اچي دشمن تي ڪڙڪڻ سبب ٿيو ٿي. چنانچه عيسائي واڙا تي ويا جڏهن مسلمان مٿن اچي ڪڙڪيا مگر اهڙي هوندي به سندن دلين کي هن ڳالهه تسڪين ڏني ته مسلمان فقط ٦٠ هزار آهن ۽ اسين اسي هزار آهيون پاڻ سنڀالي پير جهلي بيهنداسون ته اجها به امان جي ڪنڌ جو امڪان آهي انڪري ورڻ به تڙ تڪڙ مان تيار ڪرڻ تي بيٺا.

هائي ڪلٺي ميدان تي هن مشرڪ جو مقابلو ٿيڻ لڳو ۽ پنهنجي ڏرڻ سمجهيو ته هي مقابلو معمولي ناهي پر موت حياتيءَ جو سوال آهي انڪري جان تان آسرو لاهي مقابلو ڪرڻ لڳا. ناظرين کي ڪرڪ جا "محمود ۽ صفدر" وسريا نه هوندا هي نوجوان ڪرڪ جي سيني وڙهندڙ سپاهين کي پنهنجي ڪمان هيٺ رکي لڙي رهيا هئا، اڄ هن ڪلٺي ميدان ۾ جو ريجنالڊ ۽ سندس ظالم عيسائين کي ڏٺائون سو صفن کي چيريندا سڌا اُنهن ڏي رخ رکڻ لڳا، هنن کي اڄ سندن ڪرڪ جا شهيد مسلمان ياد اچي رهيا هئا ۽ سندن غيظ و غضب اکيان پيا وڇان عيسائي هرگز بيهي نه سگهيا ۽ هٽي تي ويا، تان جو هو وڃي ڪرڪ وارن کي پهتا، ڪرڪ وارن عيسائين جو هنن کي بي اختيار پاڻ وٽ پهتو ڏٺو سو سندن

دليون لرزڻ لڳيون سندن ڪيل ظلم اکين اڳيان ڦرڻ لڳا ۽ سندن حالت اها وڃي ٿي جو چئو تہ تلوار فقط پنهنجي بچاءَ ۾ هلائي رهيا آهن. تاريخ شاهد آهي تہ دنيا جا ظالم هميشہ هيڻن تي پيا ظلم ڪندا آهن هيڻن جي ڇهن تي ڪڏهين ڪي انتقام جا اثار ڏسندا آهن تہ ڏهہ ڏهہ ڪري ڪلندا آهن مٿن هيڻن جي هن قسم جي بيتن جو ڪو اثر ڪونہ ٿيندو آهي تہ:-

سن اي نمرود ڪي ساٿي! نہ هنس ڪاهيده جانون ۾
خـــدا جب چاهتا زور آجــاتـــا هـــي مـڇـر مين!

۾ سچ لئي جو نتيجو اهو نڪتو جو گوئي، ريجنالڊ ۽ جعفري گرفتار ٿي ويا ريمنڊ جو مقابلو خود سلطان سان ٿيو تنهن کي سلطاني تلوار اهڙو ڪاري زخم لڳايو جو هو بي اختيار اتي پڪو ۽ انهي ئي زخم جي سبب کان حلور جي شهر ۾ مري ويو ڪل ڏهہ هزار عيسائي ماريا ۽ ٽيهہ هزار گرفتار ٿيا پيا پڇي ويا هن جنگ کي عيسائي مورخن خواه عربي مورخن عظيم معرڪہ شمار ڪيو آهي.

باب سترون

بد نيتيءَ جو نتيجو

آڌيءَ رات جو وقت هو. مسلمان سپاهي ڪيادي ۾ سي قيدين کي ڪارائي سمهي رهيا هوا مگر انهي وقت بہ ساري ڏينهن جي ٿڪل پڻي سلطان کي آرام نہ هو، هن قيدين جو هڪ ڇڪر هن خيال سان لڳائڻ ٿي چاهيو تہ متان ڪو بکابل رهجي ويو هجي در حقيقت هڪ مسلمان جو اهو ئي شان آهي تہ ميدان جنگ ۾ دشمن لاءِ پلي ڪئي خونخوار بگهڙ بنجي پر هارايل لاءِ وري رحم دل هجي.

سلطان ٽنبن وٽان آهستہ آهستہ هلندو رهيو، اوچتو هڪ تنبوءَ وٽ ڪو آواز پڌائين، جنهن تـي بيهي رهيو، عيسائي

هڪ ٻئي ۾ گفتگو ڪري رهيا هئا ته مسلمان رحم دل آهن، ڪهن به صورت سلطان وٽ آزيون نيزاريون ڪري پاڻ ڇڏائي وٺنداسون جو پوءِ وري وڃائڻ اهڙو بدلو وٺنداسون جو عمر ياد رکندا!.

هن رات تي سڀني عيسائين مان واهواه، واه، واه، جو آواز اچڻ لڳو انهي رات تي عمل ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ قسم کڻي رهيا هئا، هي ٻڌي سلطان کي سخت غصو ٿيو ۽ هن پوريءَ طرح محسوس ڪيو ته عيسائي انهي لائق بلڪل نه آهن جو مٿن ڪو رحم ڪيو وڃي هي جهڙا امن جي وقت ۾ ظالم آهن اهڙائي رحم ڪرڻ بعد به ظالم ۽ ڏوڪي باز رهندا.

صبح جو دربار عام تي، سلطان قيدي سردارن کي حاضر ڪرڻ جو حڪم ڏنو، ٿوري وقت ۾ ريجنالڊ جيفري، گوئي ۽ ٻيا سردار زنجيرن ۾ جڪڙيل حاضر ڪيا ويا، سلطان هن ڏي نظر ڪري چيو "ريجنالڊ ڪهڙو آهي؟"

هي آواز ٻڌي ريجنالڊ جو منهن سائو ٿي ويو، ٻٽ ڏڪڻ لڳس ۽ چپن تي خشڪي اچي ويس، گوئيءَ هن ڏي اشارو ڪري چيو هي آهي!

سلطان ڪرڙيءَ نگاهه سان هن ڏي ڏسي چيو "تون مسلمانن وٽ قيد رهيو هئين!"

ريجنالڊ ڏڪندي جواب ڏنو "ها رهيو هئس."

سلطان- توکي مسلمانن ڪا تڪليف ڏني هئي ريجنالڊ- بلڪل نه.

سلطان- پوءِ ڇو مسلمانن جو قتل عام ٿي ڪرايئه؟

ريجنالڊ هي ٻڌي ڪنڌ هيٺ ڪري ٻيهي رهيو ۽ پنجن منٽن بعد وڃي سلطان جي پيرن تي ڪري روئڻ لڳو "رحم دل سلطان! بيشڪ اسين وڏا ظالم ۽ گنهگار آهيون مگر تون اسان کي خدا جي واسطي معاف ڪر ۽ امان ڪري بخش ڪر!"

هي ٻڌي سردار به ائين ڪرڻ لڳا.

سلطان ڪاوڙيءَ نظر سان سينئي ڏي ڏسي چيو "اوهان کي آزاد ڪريان ته اوهين وري به پوري زور شور سان اسان تي حملو ڪريو نه؟ رات اوهان پاڻ ۾ قسم به انهي ڳالهه تي کنيا هوا نه!"

هي ٻڌي سڀ ڏڪڻ لڳا "سلطان وري به تيز ٿي چيو "اوهان عيساين اسان جي رحم دليءَ جو چڱو نتيجو ڪڍيو آهي، ظالمون! منهنجي رحم دليءَ ئي اوهان کي مسلمانن تي ظلم ڪرڻ تي همٿايو آهي، پر هاڻي اچ ٻڌي وٺو ته مسلمان جيتري قدر شريفن لاءِ رحم دل آهن اوتري قدر ئي ظالمن ۽ ڌوڪي بازن لاءِ قهار آهن، منهنجو حڪم آهي ته هنن سڀني سردارن خواه عام قيدين کي قتل ڪيو وڃي ۽ ڪنهن تي ڪو رحم نه ڪيو وڃي!"

سلطان جي هن حڪم ئي عيساين ۾ رڙ و رڙ پئجي وئي رات جڏهن دغابازي جون صلاحون ڪري رهيا هئا ۽ ان کان اڳ جڏهن نهايت معمولي ڳالهين تي مسلمانن کي ماري رهيا هئا تڏهن ڪين نتيجي جي ڪا پرواهه ڪئي هئي اڄ قدرت جڏهين مٿن قهر وسايو تڏهين رڙ ۽ رڙن وانگر اوچنگارون پي ڏنائون پر سلطان مٿن ڪوبه رحم نه ڪيو. عيسائي مورخ سلطان کي بيدرد ۽ ظالم ٿا چون پر سندن قوم جا ظالم ۽ چنگيز کان به زور هئي ۽ پوءِ به هر وقت دغابازيءَ جي ڌيءَ ويچارن ۾ هئي ان کي ڪجهه به نٿا چون.

سلطان قيدين کي قتل ڪرڻ وقت محمود، صفدر ۽ ٻين ڪرڪ جي مظلوم مسلمانن ۽ مظفر ۽ ٻين مقابل حاجين کي حڪم ڏنو ته ريجنالڊ ۽ ٻين سندس ساٿين ظالم عيساين کي اوهين خود هٿن سان قتل ڪريو!

هن حڪم ملڻ تي هنن کي ڪرڪ جا شهيد ياد پيا ۽ اهي ننڍڙا شهيد ٻار، جن کي هنن ظالمن بيگناهه بيدرديءَ سان ماريو هو، اڄ قدرت الاهي اهو انتقام ورتو ۽ اهي سڀ ظالم مظلومن هٿان ئي ته تيغ ٿيا! ڪلجڳ نهين ڪر جڳ هي

يہ پان دن کو دي اور رات لي کيا خوب سودا نقد هي اس هاث دي اس هاٿ لي.

کرڪ جي مسلمانن جو بدلو پورو ٿيو ۽ سلطان محمود صفدر مظفر وغيره کي گهرائي چيو ته، "الحمدالله! ريجنالڊ جي سنڌس ساٿين جي ظلمن جو بدلو پوري طرح ونجي چڪو هاڻي اوهين پلي پنهنجي وطن وڃي پنهنجا گهر وسايو.

تنهي يڪزبان ٿي جواب "حضور! اهو برابر آهي ته اسين اوهان وٽ فريادي ٿي آيا هواسون ۽ اوهان انهي جو پورو پورو داد ڪيو، پر هن وقت مقدس جهاد هلي رهيو آهي ۽ اسين انهي جهاد کي گهر وڏيڪ بلڪل نٿا سمجهون. هر سچو مسلمان جيستائين جهاد سان بيءَ هر چيز کان وڏيڪ محبت نٿو رکي تيستائين اهو پاڻ کي سچو مسلمان سڏائي نٿو سگهي انڪري توهين پين سردارن کي موڪليو ته ڪرڪ تي قبضو ڪري حاجين کي وڃي ڇڏائين باقي اسان جي منزل بيت المقدس تي آهي- جيستائين اوهين بيت المقدس فتح ڪري وطن واپس نه ٿيا آهيو تيستائين اسين به اوهان جي لشڪر ۾ ٿي هونداسون!"

سلطان هنن جي انهن جوابن کان خوش ٿيو ۽ ٻين سردارن کي موڪلي ڪرڪ تي قبضو ڪرايائين. مظلوم حاجي قيدي آزاد ٿيا.

باب اڏون

سلطان صلاح الدين

سلطان صلاح الدين پڪيءَ طرح محسوس ڪيو ته جيسين تائين بيت المقدس تي قبضو نه ڪيو ويو آهي تيسيائين عيسائين جا مسلمانن تي ظلم هرگز بند نه ٿيندا انڪري هن پنهنجي منزل مقصود بيت المقدس کان اوري هڪ وک به نه رکي ۽

هو حطين کان طبريہ ڏي وڌيو.

طبريہ جي قلعي ۾ راڻي ميريا موجود هئي سندس بزدل مڙس ريمنڊ لڙائيءَ جي ميدان مان حلور طرف ڀڄي ويو پر راڻيءَ ڏي نہ آيو. انهيءَ هوندي بہ هوءَ قلعہ کي مضبوط ڪري تيار ٿي ويهي رهي قلعو مضبوط هو. اندر ڏي جو سامان بہ ڪافي وقت جو موجود هو انڪري راڻي قلعہ کي بند ڪرائي چئني طرفن فصيل (ديوار) تي سپاهي بيهاري ڇڏيا جن وٽ نوڪدار پٿرن جا ڍڳ. ڪرائي ڇڏيائين ۽ ڪافي تير بہ. کيس پڪ هئي تہ ڪي مهنا تہ قلعو فتح ٿي نٿو سگهي انڪري نهايت بي فڪر هئي.

مسلمان آيا، قلعہ کي سامهون منزل انداز ٿيا، قلعہ کي جاچيائون تہ واقعي نهايت مضبوط هو. رات ترسي صبح جو قلعہ تي حملو ڪيائون راڻي ميريا بہ دروازه واري برج تي اچي ويٺي ۽ جنگ جو تماشو ڏسڻ لڳي، مسلمان قلعہ ڏي وڌيا تہ مٿن پٿرن ۽ تيرن جي برسات وسي ويئي مگر هو اهو نقصان سهندي بہ قلعہ ڏي وڌيا، محمود پنهنجو دستو وٺي سڌو دروازہ جو رخ رکيو ۽ پٿرن تيرن جي سهندي بہ هي بهادر مسلمان قلعہ جي دروازہ وٽ پهچي ويا ۽ دروازہ کي ڀڃڻ جي ڪوشش ڪيائون دروازہ تمام مضبوط هو، هو ۶۴ فوٽ ڊگهو ۽ ۲۱ فوٽ ويڪرو هو کيس فوٽ فوٽ ٿلهيون پٽيون لڳل هيون جن تي وري لوهہ جا پٽ لڳل هوا.

مسلمان پٿرن ۽ تيرن سهندي بہ دروازي ڀڃڻ جو ڪم ڪرڻ لڳا ٿان جو ٻن ٽن ڪلاڪن جي محنت بعد دروازہ ۾ ۾ هڪ هنڌان شڪات ٿي ويو ۽ مسلمان ٽوڪي اندر گهڙيا عيسائين گهٽيئي کين ماريو، پر هنيا تلوار جا وار ڪيا پر مسلمان هڪڙا ماريا ويا تہ ٻيا اندا ويا ۽ آيان وري در جو ڪلف ڀڃي ۽ کيس اکيڙڻ جو ڪم ڪرڻ لڳا، مسلمانن جي اندر گهڙڻ ۽ عيسائين جو انهن سان سامهون ٿيڻ سبب ٻاهرين مسلمانن کي ڪجهہ وڌيڪ فرصت ملي ويئي ۽ نتيجو هي ٿيو

جو مسلمانن دروازه به صفا اکيڙي وڌو ۽ سيلاب وانگر اندر گهڙي ويا!

اهڙيءَ طرح طبره، جو اهو قلعو، جنهن لاءِ به ٽي مهينا فتح ٿيڻ جي ڪابه اميد ڪانه هئي سو شهر دل مسلمانن هڪ ڏينهن ۾ فتح ڪري ورتو!

ان بعد اسلامي لشڪر شهر عڪه ڏي وڌيو عڪه، جو شهر طبره کان ٢٤ ميلن جي مفاصلي تي رومي سمنڊ جي ڪپ تي مشهور بندر هو ۽ اڄا به آهي، ربيع الاخر سنه ٨٣ ه جي پوئين هفته ۾ لشڪر اسلام اتي پهتو، عڪه وارا دانشمند هوا، هنن اڳواٽ ئي سلطان ڏي ماڻهو موڪلي هن شرط تي صلح ڪيو ته جيڪي عيسائي عڪه ۾ رهڻ پسند نه ڪندا سي ڪابه ملڪيت کڻي کان سواءِ وڃي سگهندا.

هي شرط ته سلطان بنا دير جي قبوليو، ڇاڪاڻ ته مسلمانن جو مقصد هميشه امن صلح ۾ رهندو هو ته اهو شرط قبول ڪرڻ لاءِ تيار ٿين ها ته لڏي ويندڙ عيسائي پنهنجي ملڪيت به گڏ کڻي وڃي سگهن ٿا پر عيسائين جو مال قدرت کي مسلمانن کي ڏيارڻ منظور هو انڪري هنن از خود شرط وڌو. هو هتان خالي پاهر نڪتا ۽ آجمادي الاول جي مسلمانن قلعه ۾ داخل ٿيا، لڏي ويل عيسائين جي ملڪيت تمام ڪافي هئي سلطان انهيءَ تي قبضو ڪرڻ بعد انهي جو وڏو حصو ڪرڪ وارن مسڪينن کي ڏنو ۽ باقي پنهن مجاهدن کي تقسيم ڪرائين ڪرڪ وارن کي دولت جي ڪا حسرت ڪانه هئي، پر ظاهر ۾ هو بي گهر مسڪين ڏسڻ ۾ ٿي آيا مولا پاڪ کي پنهنجا قرآن شريف ۾ ڪيل وعدا پورا ڪرائڻا هوا ته:

ومن يهاجر في سبيل الله يجد في الارض مراغما كثيرا وسعة.

من يتق الله يجعل له مخرجا ويرزقه من حيث لا يحتسب.

مولا پاڪ جي انهي وعدي مان اهي مفلس مجاهد بہ هڪدم تونگر ٿي ويا جيتوڻيڪ هو تونگري لاءِ ڪونہ آيا هئا پر قانون خدائي اهو ٿي ٻہ آهي.

انهي بعد سلطان مجدل، ۽ ٻيا ننڍا ننڍا قلعا فتح ڪندو بيروت وٽ پهتو. ۲۹ جمادي الاخر جي ان کي بہ فتح ڪري عسقلان ڏي هليو.

باب ناڱون

فتح عسقلان

عسقلان جو قلعو نهايت مضبوط هو. منجهس ٥٠-٦٠ هزار عيسائي بهادر هوا جي پيش پوڻ لاءِ تہ تيار نہ هوا پر دروازہ کولي ميدان تي بہ اچي ويا، چاڪاڻ تہ هنن پڌو هو تہ مسلمان فقط ۱۴-۱۵ هزار آهن انڪري ٻاهر نڪري جنگ شروع ڪيائون شام تائين جنگ هلي تہ اٺ سو کن مسلمان شهيد ٿيا ۽ ڇهہ هزار کن عيسائي مارجي ويا هي ڏسي عيسائين جا ڇهہ ٿي ڇڄي ويا سوبل ٿي پٺي وڃي قلعہ ۾ پناهہ گزين ٿيا ۽ آئينده لاءِ ٻاهر نڪري لڙڻ کان بڪي توبہ ڪري قلعي کي بلڪل مضبوط بند ڪري ويهي رهيا.

قلعو نہ فقط مظبوط هو پر درياءَ جي ڪناري تي هو ۽ منجهس ايتري اراضي آباديءَ لائق بہ هئي جا پوکڻ تي قلعي وارن لاءِ سموري سال جو ان پيدا ٿي سگهيو ٿي. سلطان اها صورت حال محسوس ڪري مصر مان منجنيقون گهرايون ۽ انهن اچڻ تائين پاڻ بہ گهيرو ڪري ويهي رهيا.

منجنيق ڪاٺ جي ٺهيل ننڍڙن قلعن جو نالو هو جن تي فولادي چادرون بہ ٺهيل هيون مٿن پٿرن ۽ تيرن جو اثر ڪونہ ٿيندو هو ۽ اندر ويٺل سپاهي قلعہ تي وڏا وڏا پٿر وسائي سگهندا هوا.

منجنيقن جي اچڻ تي سلطان انهن جي وسيلي قلعي تي حملو ڪيو ۽ ٻئي طرف سپاهي وڏي قلعي جي ديوار ڀڃڻ جي ڪوشش به ڪرڻ لڳا عيسائي به منجنيقن کي ڀڃڻ ۽ ساڙڻ جون ڪوششون ڪرڻ لڳا. پر منجنيقون ته انهن ڪوششن ۾ خراب به ٿي چڪيون مگر ٽين ڏينهن جي وسيلي مسلمان قلعي جي ديوار تي به چڙهي ويا ته ٻئي طرف هڪ جي ديوار به ٽوڙي وڌائون ۽ قلعي ۾ داخل ٿيڻ لڳا، عيسائين گهٽي ڪين روڪڻ جون ڪوششون ڪيون، پر هي خدائي سيلاب اهڙو روڪجي جهڙو بيڪاري بند جي لٽڻ جو سيلاب روڪجي سگهي. عيسائين تي هن حالت اهڙي پريشاني طاري ڪئي جو هو بي اختيار پيو دروازو پنهنجي هٿن سان کولي اتي ڀڄڻ لڳا مسلمان اها غيبي مدد سمجهي انهي دروازي سان داخل ٿيڻ لڳا ۽ ڀڄندڙ عيسائين ۾ به لاڳارو وجهڻ لڳا، شام تائين مسلمانن جو قلعي تي قبضو ٿي ويو ۽ عيسائي ته ايترا قتل ٿيا جو خدا پاڪ ڏاران ڪو سندن ڳاڻيٽو ئي ڪري ٿي سگهيو.

هن فتح سلطان جي دل ۾ بيحد مسرت آندي ڇاڪاڻ ته هاڻي بيت المقدس کي آڏي ڪا به رنڊڪ ڪانه رهي هئي ۽ قوي اميد ٿي بيٺي ته هن ڀيرئين قبلي واري شهر تي مسلمانن جو وري قبضو ٿيندو.

باب ڏهون

بيت المقدس جي حقيقت

بيت المقدس فلسطين جي گادي جو هنڌ آهي هي شهر مسلمانن، يهودين خواه عيسائين سڀني وٽ عزت ۽ حرمت وارو ليکيو ويندو آهي، هن بزرگ جاءِ تي هڪ ٻن نه پر سوين نبين ۽ پيغمبرن عمر گذاري آهي ۽ هر مذهب جي هزارن عالمن ۽ صالحن اتي عمر گذاري آهي.

هي پاڪ شهر برڪتن جو چشمو ۽ خوشين جي

پرورش گاه آهي، حضرت دائود ع جو محراب آهي. حضرت سليمان ع جو تخت آهي، حضرت عيسيٰ ع اتي پيدا ٿيو هو، حضرت ذڪريا ع جو محراب به اتي آهي يهودين جو هوقبلو آهي ۽ مسلمان جو به پهريائين اهو قبلو هو منجوس اها مسجد اقصيٰ آهي جن جو ذڪر ڪلام پاڪ ۾ به آهي حضور انور صلعم جن اتان معراج تي ويا ۽ الله پاڪ فرمائي ٿو ته بارڪنا حوله (اسان هن جي آسپاس کي برڪت بخشي آهي)

بيت المقدس کي يروشلم يا جيروشلم به سڏيندا آهن اڄ ڪلهه مسلمانن ۾ انگريزن ۽ امريڪن جي بي انصافيءَ سبب فلسطين جو لفظ ڪجهه پکڙيل آهي انڪري مناسب سمجهون ٿا ته ڪجهه مختصر ذڪر ڪريون.

مسلمانن بيت المقدس حضرت عمر رضي الله عنه جي زماني ۾ سنه ٦٣٦ع ۾ فتح ڪيو هو ۽ پوءِ برابر ساڍا چار سو ورهيه مٿس مسلمانن جي پرامن حڪومت قائم رهي مگر ١٠٩٥ع ۾ ڪن پادرين خواه مخواه ڪوڙيون روايتون ڪري يوروپي عيسائن کي ڀڙڪائي مسلمانن تي چڙهائي ڪرائي، ۽ ٽي لک يوروپي عيسائي ايشيا ڏي روانا ٿيا جن جو مقابلو ان وقت جي ترڪيءَ جي نامور سلطان "قزل ارسلان" سان ٿيو ۽ هو سڀ ختم ٿي ويا.

انهي بعد ٻه سال ترسي وري به عيسائن چڙهائي ڪئي مگر وري به سلطان جي هٿان خوب موچڙا کائي موٽيا.

ٽي سال ترسي عيسائن وري به چڙهائي ڪئي، بدقسمتيءَ سان انوقت مسلمانن ۾ به خانه جنگي برپا ٿي وئي هئي ۽ سلطان قزل ارسلان پنهنجي بکيڙن ۾ مشغول هو. بيت المقدس ان وقت فاطمي خليفن جي هٿ ۾ هو جن به انهي طرف جي ڪا مدد ڪانه ڪئي انهي هوندي به بيت المقدس جا بهادر ١٥ هزار مسلمان هڪ لک عيسائن کي منهن ڏيئي بيهي رهيا ۽ هزارين تڪليفون سهي به ڪين اپڙ نٿي ڏيائون پر افسوس جو شهري عيسائن دغا ڪري شهر کي باه ڏني جنهن ڪري مسلمان مجبور ٿي ويا پنهي پاڻ کي بچي نه سگهيا ۽ ٢٣

شعبان سنه ۴۹۲ هه ۾ عيسائين نيٺ هي شهر فتح ڪري ورتو.
مسلمانن جڏهين حضرت عمر جي وقت ۾ بيت المقدس فتح
ڪيو هو تڏهين جنهن امن ۽ رواداري جو برتاءُ هنن ڪيو هو
تنهن جا هي ٻه مثال ئي ڪافيءَ کان وڌيڪ آهن جو هڪ ته
پادرين جي دعوت تي حضرت عمر سندن ديول ۾ آيل هو ۽
اتي نماز جو وقت ٿي ويو ته حضرت عمر نماز پڙهڻ لاءِ ٻاهر
نڪرڻ لڳو پادرين گهڻئي منٿون ڪيون ته هتي ئي نماز پڙهو
مگر پاڻ فرمايائون ته منهنجي هتي نماز پڙهڻ ڪري متان ڪڏهن
به مسلمان هن ديول تي به ڪو قبضو ڄمائين تنهنڪري آءٌ
ٻاهر نماز پڙهندس ۽ ٻيو واقعو هي ته فتح بعد ڪي مسلمان
شهر گهمڻ ويا، گهمي واپس آيا ته عيسائي سردارن کانئن پڇيو
”عرب ڀائرو! اوهان کي اسان جي شهر جون محلاتون
پسند آيون؟“
مسلمانن جواب ڏنو ”افسوس! جو اسين اهي ڏسي ئي
نه سگهياسون!“
عيسائين حيران ٿي پڇيو ”سو وري ڪيئن؟ اوهين ته
شهر گهمي آيا آهيو نه؟“
مسلمانن افسوس سان چيو ”جي ها، پر ٻيني ماڙين
مٿي اوهان جون عورتون اسان کي ڏسڻ لاءِ ڪلئي منهن ويٺل
هيون، اسان کي نامحرم عورتن ڏي ڏسڻ جي منع آهي انڪري
نڪي اسين انهي طرف اک کڻي سگهياسون نڪي ماڙيون
ملاحظه ڪري سگهياسون!“
پاڪبازيءَ جو هي حيرت انگيز مثال ڏسي عيسائين تي
ايڏو اثر ٿيو جو ڪيترائي عيسائي پنهنجي دلي خوشيءَ سان
مسلمان ٿي ويا ۽ حقيقت اسلام جي پکڙڻ جو سڀ کان وڏو
سبب حضور انور صلعم جن جا اخلاق ۽ سندن پوئلڳن جا
اخلاق هوا!
مسلمانن ته بيت المقدس جي فتح وقت اهو اخلاق
ڏيکاريو ۽ ظالم عيسائين سادن چئن سون ورهين بعد انکي فتح
ڪرڻ وقت پنهنجو هي اخلاق ظاهر ڪيو جو برابر ست ڏينهن

لکو لک مسلمانن جو قتل عام ڪندا رهيا ايتري قدر جو تاريخ مجاھد جلد ٽيون صفحه ٣٦٢ ۾ آهي ته گرجا ۾ سندن گھوڙا گوڏن تائين مسلمانن جي رت ۾ ٻڏي رهيا هوا!

جيڪي مسلمان اتان ڀڳا سي ساريءَ اسلامي دنيا ۾ پکڙجي ويا ۽ هر جڳهه هي دلخراش داستان ٻڌائيندا ۽ مسلمانن ۾ ماتم مچائيندا ويا. بغداد جي وڏي قاضيءَ هي واقعو ٻڌو ته ايترو رنو جو سندس اکين ڏيئو جو امڪان ئي ويو هو، هن خليفه کي اهو داستان ٻڌائيندي غم ۽ جوش سبب پنهنجي ڏاڙهي پٽي ڇڏي سمورا درباري ۽ خليفه زار زار روئڻ لڳا.

پر اهو روئڻ روڪو روئڻو ئي رهجي ويو ڇاڪاڻ ته هڪ ته خليفه ۾ ايتري طاقت ڪانه هئي جو وڃي عيسائين کان بدلو وٺي سگهي پر جيڪڏهن طاقت ئي به هوي ها تڏهن وري ٻيون فساد مچي ها جو ته بيت المقدس سندس حد کان ٻاهر مصر جي فاطمي خليفه جي هٿ ۾ هو ۽ هو وري انهي کي پاڻ تي چڙهائي ڪري سمجهن ها انهي ڪري خليفه به رت جا ڍڪ ڀري ماٺ ڪري رهيو هو!

مصر جي فاطمي خليفه "الحافظ" به خبرون مليون تڏهن اگرچ هن وٽ گهڻو زور ڪونه هو پر تڏهن به هن ڪجهه فوج گڏ ڪري، عيسائين تي چڙهائي ڪئي عيسائين بيت المقدس کان ڪجهه اڳتي وڌي هن فوج کي روڪيو، ٻئي لشڪر ١٢ آگسٽ سنه ١٠٩٩ع جي صفون ٻڌي مقابلا لاءِ تيار ٿي بيٺا.

مگر تعجب هي هو ته لڙائي شروع ٿيڻ وقت سندس فوج ماٺ ڪري بيهي رهي، عيسائي حيران ٿي ڏسڻ لڳا ته آخر هي اڳتي وڌن ڇو نٿا، مگر هو اجان به وڌيڪ حيران ٿيا جڏهن ڏٺائون ته مصري فوج ۾ اٺن چرپر ٿي ۽ هو بجاءِ هنن ڏي وڌڻ جي تيزيءَ سان پوئتي ڀڄڻ لڳا، هي ڏسي اول ته عيسائين کي ڊپ لڳو ته متان هيءَ به ڪا جنگي چالبازي نه هجي.

پر پوءِ ڪجهه وقت بعد ڏٺائون تہ هو تہ سچ پچ
ٻوڙن ٿي پير رکي پيچي ويا آهن تڏهين هو بہ سندن پٺيان
پيا، اگرچ مصري نڪري ويا هئا، تڏهين بہ عيسائين جو پٺيان
حملو خالي نہ ويو ڪجهه ماري سپاهي ڪجهه لٽ هٿ ڪري
موٽيو ئي چير ڪري آيا پر هو نهايت حيرانيءَ سان انهي ڳالهه
جو سبب دريافت ڪندا رهيا تہ آخر هي پڪا ڇو؟ نيٺ هنن
کي پتو پيو تہ مصرين استخارا ڪرڻ (هڪ قسم جو فال جو
نمونو، تہ هي ڪم ڪريان يا نہ ڪريان) جو رواج تمام گهڻو
آهي اڄ هنن استخارا ڪئي ۽ ڪين جواب مليو نہ آيو انڪري
هو وڙهڻ بدران پيچي نڪتا.

استخارا ڪرڻ جو بنياد رسول اڪرم صلي الله عليہ وسلم
جي اها حديث آهي جنهن ۾ چيل آهي "اهو غمگين نہ ٿيندو
جنهن استخارا ڪئي ۽ اهو پشيمان نہ ٿيندو جنهن پين سان
صلاح مصلحت ڪئي."[٩]

استخارا جو اصل صحيح طريقو هي آهي تہ نفل پڙهي
يا بنا نفل پڙهڻ جي خدا پاڪ کان دعا گهرجي تہ "خدايا!
آءٌ تنهنجي علم کان چڱائي گهران ٿو ۽ قدرت کان طاقت
گهران ٿو، بيشڪ تون ئي سڀ ڪجهه ڪرين ٿو آءٌ ڪجهه
بہ ڪري نٿو سگهان، تون ڄاڻين ٿو ۽ آءٌ نٿو ڄاڻان، ۽ تون
ئي ڪجهه ڄاڻيندڙ آهين!

خدايا! جيڪڏهن هي ڪم ڪرڻ منهنجي لاءِ دنيا ۽
دين ۾ فائدو وارو هجي تہ اهو مون لاءِ ڪرڻ وارو بڻاءِ ۽
مون لاءِ آسان ڪر ۽ منهنجي دل ان ڏي ڦيراءِ پر جي اهو
منهنجي لاءِ دنيا ۽ دين ۾ نقصان وارو هجي تہ منهنجي دل ان
کان هٽاءِ ۽ مونکان اهو ٽار ۽ مون لاءِ ائين ڪر جيئن منهنجي
حق ۾ بهتر هجي، ۽ تون هر ڳالهہ تي وس وارو آهين!

انهي طرح سچيءَ دل سان دعا گهرڻ بعد جيڪي بہ
دل ۾ اچيس سو ڪري ڇڏي اهو ئي نيٺ سندس حق ۾
بهتر ٿيندو.

اها آهي اصل استخارا. پر ٻارن انهي ۾ ابڌي ڦير گهير ڪئي جو ڦيرائي وجي جاهليت جا خيال ٻڌائي ڇڏيائونس جتي ته هڪڙن ڪيس رات جو اٿين ڪرڻ بعد سمهي ننډ ۾ حقيقتون ڏسڻ جو ذريعو بڻايو ٻيا مصرين وانگر انهن هنڌن تي به ڪيس ڪرڻ لڳا جن هنڌن تي انهي جي گنجائش ڪانه هئي ڇاڪاڻ ته استخارا جي گنجائش ۽ اجازت فقط انهن ڪمن لاءِ آهي جن جن جي ڪرڻ يا نه ڪرڻ ۾ نڪو ديني تاڪيد آهي نڪا منع، يعني مثلا ڪو سودو ڪرڻ يا نه ڪرڻ، يا ڪنهن فلاڻي زال يا مڙس سان شادي ڪرڻ يا نه ڪرڻ، پر استخارا ڪا انهي لاءِ ڪانه آهي ته گهر کي باه لڳي ته به استخارا ڪجي ته وسايان يا نه وسايان، يا ڪو شخص دولت ۽ عزت تي ٻيو ڌاڙو هڻي ته به طاقت هوندي به استخارا ڪجي ته هنن کي روڪيان يا نه، يا جهاد ۽ ان جهڙو ٻيو ڪوبه اهڙو ڪم جنهن جي ڪرڻ جو شروع ۾ سخت تاڪيد هجي ۽ کي به برا ڪم جن جي شريعت ۾ سخت منع هجي تن لاءِ ٻيهي استخارا ڪجي ته ڪريان يا نه ڪريان ته اهو استخارا سان ظلم ڪرڻو آهي يعني هن کي پنهنجي حد کان هٽائڻو آهي.

اهڙي ساڳيءَ طرح مصرين جون فوجون جهاد لاءِ تيار تي آيون، دشمن جي صفن کي سامهون ٻيهي عين ميدان تي ڪئي استخارا ڪئي، ڇي حديث آهي ته جنهن استخارا ڪئي سو غمگين نه ٿيندو! مگر هنن اسلام جي روح کي فنا ڪندڙن کي اها حديث ته جنگ ڪرڻ وقت ياد آئي پر قرآن شريف جن اهي آيتون ياد بلڪل نه آيون ته فاذا عزمت فتوكل علي الله (پوءِ جڏهن اوهين ڪنهن ڪم جو عزم ڪري ڇڪو تڏهين الله تي ٿي ڀروسو رکو) يا يها الذين امنوا اذالقيتم الذين كفروا زحفا فلاتولوهم الادبار ومن يولهم يومئذ دبره الامتحرفا لقتال اومتحيزا فقد باء بغضب من الله و رسوله (اي مومنو! جڏهين اوهين ڪافرن سان مد مقابل ٿيو تڏهين هنن کي پٺ بلڪل نه ڏجو ۽ جيڪو هنن کي ڪنهن جنگي چال يا هنڌ بدلائي

سنديءَ طرح وڙهڻ جي خيال کان سواءِ پٽ ڏيندو سو بيشڪ الله تعاليٰ ۽ سندس رسول صلعم جي غضب هيٺ اچي ويو!)

بي عمل قوم کي اڪثر اهڙا تماشا ڏسڻ ۾ آيا آهن ۽ رڳو مصري نه پر مسلمانن جو هر فرقو وقت تي اهي عجيب و غريب تماشا ڪندو آهي ڪيترائي سال اڳ جي ڳالهه آهي جو ڏيپلي جي ڪن موحدن اهو پروگرام ڪيو ته اهو جو شهر خواه ٻهراڙيءَ ۾ وڃي اوليائن يا ڏيون جي ڏاڙن تي جاهلن کي سمجهائي ڪين مشرڪن وارن رسمن ڪرڻ کان باز اچڻ جي هدايت ڪندا هوا ۽ تڪليفون سهي به اهي ڪم ڪندا هوا جن مان نهايت سٺو نتيجو نڪتو ٿي.

پر بد قسمتيءَ سان ڪن ٿلهيءَ سمجهه وارن نيڪن اچي ڏيپلي ۾ آمين، الحمد ۽ رفيع اليدين جو جهڳڙو وڌو ۽ اهي موحد مجاهد به انهن مسئلن جي لپيٽ ۾ اهڙا اچي ويا جو سمجهڻ لڳا ته بس اسلامي ڪمن مان انهن ٽن کي قائم ڪرڻ جهڙو هيٺر ڪوبه ٻيو ضروري ڪم ڪونهي ۽ ٻيوه ماڻهو ڪٿي آمين لفظ جي معنيٰ به نه سمجهندا هجن پر اهو زور ۽ سر سان ضرور چون، الحمد جي معنيٰ جي ڪابه خبر نه هجن پر امام پٺيان ضرور پڙهن!

اهو ڏينهن ۽ اڄوڪو ڏينهن، توحيد جون تبليغون صفا وسري ويون ۽ سالن جا سال ٿي ويا آهن ته به اڃا آمين، الحمد ۽ رفيع اليدين جو جهاد هلي اچي توحيد جا ڪتاب ۽ قرآن شريف جي عام فهم ترجمه ڇپائڻ کان به هزار دفعه وڌيڪ ضروري انهن ڪتابن جي ڇپائڻ ۽ شايع ڪرڻ کي سمجهيو وڃي ٿو جن ۾ انهن ٽنهي مسئلن جا حڪم هجن ۽ خاص انهن جي اشاعت لاءِ پريس قائم ٿي رهي آهي! سمجهه جي بربادي جو انهي کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو تماشو ٿي سگهي ٿو!

انا الله و انا اليه راجعون!

منهنجي دل ۾ ته توحيد جي اشاعت جي تڙپ لڳي پئي آهي سو وري هڪ وڏي موحد پيرصاحب سان اها گفتگو

چورڻ ۽ اوھين سنڌ ۾ توحيد جي تبليغ جو مرڪز قائم ڪري ھر ھنڌ ان جون شاخون کوليو ۽ موحد سڀ منظم طريقہ سان توحيد جي تبليغ ۽ شرڪ کي ناس ڪرڻ جو ڪم شروع ڪن ھن ڪم ۾ ھر ڪو موحد ھڪ ٿي ڪم ڪري، چاھي اھو ديوبندي خيالن جو ھجي يا اھلحديث، اھل القرآن وغيره ۽ تلھيءَ سچھ واري پير صاحب بہ جواب ڏنو تہ ديوبندين سان تہ اسان جو اتحاد ٿيڻ ناممڪن آھي ڇو تہ ھو آمين الحمد ۽ رفع اليدين جي خلاف آھن!

ڪتاب خون ڪي آنسو (جنھن جو ترجمہ سنڌيءَ ۾ رت جا ڳوڙھا نالي سان شايع ٿيل ھو جو ھاڻي ملي نٿو سگھي) تنھن ۾ اڄ ڪلھہ جي مسلمانن جي دماغ کي ٿرڊ ڪلاس دماغ ٺھرايو ويو آھي يعني ضروري ڪمن کي ھاڪي ۾ ھلڪو سمجھڻ ۽ ھلڪن ڪمن کي تمام ضروري بلڪ فرض ڪان بہ وڌيڪ، ھر ڳالھہ ۾ انھي ٿرڊ ڪلاس دماغ جو ظھور صاف ظاھر آھي ۽ تاريخ شاھد آھي تہ ڪنھن بہ قوم جي تباھي تڏھين ٿي ٿي آھي جڏھين ھنن جو دماغ انھي ٿرڊ ڪلاس جي منزل تي پھتو آھي.

خير، سو ذڪر ٿي ڪيوسون تہ مصري بھادر فوج استخارا جي دام ۾ اچي پاڻ بہ پنھنجي رعيت کي قطعي نڌڻڪو ڇڏي پڇي ويٺي ۽ سلطان قزل ارسلان کي بہ انھي طرف اچڻ ۽ ڏنائين جنھنڪري لڳو لڳ چورانوي سالن تائين ويچارا اھي نڌڻڪا مسلمان عيسائن جا ظلم سھندا رھيا، مگر رب پاڪ جي رحمت بہ تيستائين جوش ۾ نہ آئي جيستائين ھو خود پنھنجي حالت بدلائڻ لاءِ تيار نہ ٿيا!

خدا ني آجتڪ اس قوم ڪي حالت نھين بدلي
نہ ھو جس ڪو فڪر ڪچ اپني حالت ڪي بدلني ڪا

۽ تاريخ شاھد آھي تہ زوال رسيد قومون اڪثر پنھنجي حالت کي بدلائڻ لاءِ تيار بہ تڏھين ڏي ٿينديون آھن جڏھين سندن ذلت حد کان اڪري چڪدي آھي.

جيئن ھينئر ھندستان جا مسلمان تڏھين ڏسي بيدار

ٿيا جڏهين ڪافر ڪريسي صوبن ۾ مٿن ذلت جي انتها ٿي وئي!

آخر ١٥ رجب سنه ٥٨٣ ھ جو سلطان صلاح الدين رحه جون فوجون بيت المقدس جي قلعه وٽ پهتيون غازيءَ قلعه کي ڏسي اکين ۾ پاڻي آڻي دعا گهري ته ”خدايا! هي چند ضعيف مسلمان، خاص تو تي ڀروسو رکي تنهنجي پياري حبيب جي امتين کي ذلت مان ڇڏائڻ خاطر تڪليفون سهي هتي آيا آهن تون هنن تي پنهنجي نوازش جي برسات وساءِ ۽ کين ظالمن تي سوڀ ڏي!

عيسائين تي جيتوڻيڪ سلطان صلاح الدين جي فتوحات جو رعب ويٺل هو پر جڏهين هنن ڏٺو ته هي ڪل ٻارهن هزار سوار آهن ۽ اسين لک کن آهيون تڏهين هو پيش پوڻ جو خيال صفا لاهي منهن ڏيڻ لاءِ تيار ٿي بيهي رهيا.

پنج ڏينهن سلطان ۽ سندس سالار قلعه کي چوڌاري ڦرندا رهيا پر ڪوبه هنڌ حملي ڪرڻ لاءِ هٿ ڪري نه سگهيا پنجن ڏينهن بعد اتر طرف کان صيحون دبول نزديڪ قلع کي ڪجهه نه ڪجهه ڪمزور ڏٺائون ۽ انهي طرف مورچو قائم ڪرڻ لڳا.

پوريءَ خاموشيءَ سان مورچه بند ٿي وڃڻ بعد سلطاني لشڪر چوڪيدار دسته جي آهٽ محسوس ڪئي، هنن سمجهيو ته جيڪڏهن هنڪي مورچه بنديءَ جو پتو پئجي ويو ته تڪليف ٿيندي انڪري ٻه سؤ سوار موڪليائين جي نهايت خبرداريءَ سان هنن کي پٺيءَ ڦري وڃي حملہ آور ٿيا ۽ سامهون وري ٻئي لشڪر به اچي حملو ڪيو. پهريدار دستي کي پاڻ سنڀالڻ جو موقعو ئي ڪو نه مليو ۽ سڀ تہ تيغ ٿي ويا.

صبح جو جنگ شروع ٿي ۽ سلطاني منجهقن مان انهي طرف واري قلعي جي حصي تي پٿر وسڃڻ شروع ٿيا ۽ عيسائين به محسوس ڪيو ته هي طرف ڪمزور آهي انڪري ويهه هزار لشڪر ٻاهر نڪري انهي طرف کان مسلمانن تي حملہ آور ٿيو

جن جي مقابلي ۾ نامور سپھ سالار امير عزيزالدين پنج هزار سوار وٺي انهن جو مقابلو ڪيو شام تائين ست هزار عيسائي مارجي ويا ۽ مسلمانن فقط هڪ سو سترهن شهيد ٿيا پر خود امير عزيزالدين به سترهن ڪاري زخم کائي شهيد ٿي ويو جنهن جو مسلمانن کي نهايت ارمان ٿيو.

چار ڏينهن وري به معمولي مقابلا هلندا رهيا آخر ٢٧ رجب سنه ٥٨٣ هه يعني معراج عيد جي مبارڪ ڏينهن سلطان زوردار حملو ڪيو ۽ قلعي جي زبردست فيصل (ديوار) تي هڪ طرف پٿر وسايا ته ٻئي طرف مسلمانن کي انهي جي بنياد جي کوٽڻ جو حڪم به ڏنائين، جانباز مسلمان پٿرن ۽ تيرن جي وسڪاري ۾ به اهو ڪم ڪندا رهيا ۽ شام تائين اهڙو وڏو شگاف ڪري ويا جو چار سوار اندر لنگهي سگهن. هي ڏسي مسلمان ڏاڍا خوش ٿيا ۽ اندر گهڙڻ جو ارادو ڪيائون ٿي ته ”خدائي مدد“ ”همت مردان مدد خدا“ جو عجيب نظارو ڏيکاريو ۽ زبردست ڌڪاءُ ڪري فصيل (ديوار) جو هڪ وڏو ٽڪرو ڪري پيو.

مسلمان خوشيءَ مان بيتاب ٿي قلعي ڏي وڌيا ۽ جيتوڻيڪ هزارين عيسائي سندن رستو روڪي بيٺا هوا پر شيرين جي هيءَ فوج ڪا جان جي ڊپ ڪان مڙڻ واري هئي!

ڪجهه مسلمان اندر داخل ٿيا ته عيسائي لشڪر طرف اوچتو اڇو جهنڊو ظاهر ٿيو، صلح جو هي نشان ڏسي پنهي ڌرين جا هٿ بيهي ويا.

جهنڊو وڌندو آيو ۽ عيسائي لشڪر مان نڪري مسلمانن وٽ اچي پهتو سندن اڳواڻ باليان هو جنهن جي حالت ڏک ۽ ڏکر سبب بلڪل خراب ڏسڻ ۾ ٿي آئي، هو سڌو سلطان وٽ اچي پهتو ۽ چوائين ته ”نامور سلطان! خدا جي واسطي رحم ڪريو!“

سلطان المعظم جي اکين ۾ رت ڀري رهيو هو، هن تيز آواز سان چيو ”رحم؟ رحم ڪريان جن چورانوي ورهيه اڳ خدا جي ٻندن جو ناحق ايترو خون وهايو جو سندن گهوڙا

گوڏن ڀر ڪري ڇو نه هليا؟ جن سنڌن هر قسم جون بيحرمتيون ڪيون هيون؟"

باليان نهايت عاجزيءَ سان روئي چيو "بيشڪ، ۽ قدرت هنن کان اهو وير ورتو، جي هو اڄين نه ڪن ها ته جيڪر اڄ هيءَ مقدس زمين سنڌن هٿن کان نه نڪري ها!

سلطان المعظم! عيسائين ڪي سنڌن ظلمن جو ڪافي بدلو مليو آهي اوهان جي هٿان هيستائين لک ڪن مارجي چڪا آهن.

بيشڪ اڄ جيڪڏهن توهين هتي وارن کي به هارن ڇڄن سميت ذبح ڪريو ته به توهين حق بجانب آهيو جو اسين اڳ اهو ظلم ڪري چڪا آهيون.

پر سلطان المعظم! اوهين ميدان جنگ تي قهار آهيو ته پيش پيلن لاءِ از حد رحم وارا به آهيو. آءٌ وري به خدا جو اسم وجهي اوهان کان رحم گهرانئو.

پر جيڪڏهين بدقسمت قوم لاءِ توهان جو رحم جوش ۾ نه آيو ته پوءِ آءٌ به صاف صاف چوان ٿو ته وڃڻ جي شرط وچي شهر کي باهه ڏيندس ته هٿن سان ته جلون!"

هن ڳالهه کي سلطان تي به زبردست اثر ڪيو ۽ چيائين "باليان! نبين ڪيورن عليهم السلام جي هن پاڪ امانت کي اسين اڄين ضايع ٿيڻ هرگز نه ڏينداسون. تو اسان جي رڳ سچائي انهي تي وار ڪيو آهي، ڀلو وڃ، اوهان سان هنن شرطن سان صلح ڪجي ٿو ته "خوشيءَ سان مسلمان ٿيندڙ کي نه روڪيندو، سڀ هٿيار اسانجي حوالي ڪندو ۽ في مرد ڏهه دينار، في عورت پنج دينار ۽ في ٻار ٻه دينار جزيه ادا ڪندؤ، جزيه ادا نه ڪندڙ رواج موجب اسان جا غلام ٿي رهندا! باليان. ۽ جزيه ڏيندڙ جيڪڏهين لڏي وڃندا ته سنڌن مال و اسباب ڪٿي جي موڪل ملندي!

سلطان. بيشڪ، وڏيءَ خوشيءَ سان، اسان کي روڪڻ جو حق ئي ڪهڙو رهندو؟

باليان هي ڳالهه نهايت خوش ٿيو ۽ ڪوڙو ڪوڙي سلطان جو هٿ چمي چابيون سندس حوالي ڪيائين.

باب ڏهون

خود غرض عيسائي

هاڻي هليو عيسائين جي هٿيار پيش ڪرڻ ۽ جزيه ادا ڪرڻ خواهه لڏڻ جو دور-

عيسائين ۾ هزارين اهڙا خود غرض هوا جي پنهنجو جزيه ادا ڪندا وڏي دولت ڪٺندا رهندا رهيا پر پنهنجي غريب مسڪين ڀائرن ڀاران ڪجهه به نٿي ڏنائون ۽ انهن کي غلام بنائڻ لاءِ ڇڏي ٿي ويا. صرف بادشاهه ڪوئيءَ جي راڻي ٿي اتاهه دولت ڪٺي وئي، باليان جي سخت ڪوشش سان به غريبن لاءِ صرف ڏهه هزار دينار ڪڏ ٿي سگهيا جي هن پيش ڪيا.

پر انهي ڪري هزارين غريب عيسائي مرد، عورتون ۽ ٻار رهجي ويا، انهنمان کي ته لڪ ڇپ ۾ جزيه ادا ڪندڙن سان گڏ نڪري پئي ويا ۽ جيتوڻيڪ سلطان ۽ سندس آفيسرن کين ڏسي به ٿي ورتو پر رحم ڪري کين ڇڏي ٿي ڏنائون.

ويچارا غريب هنن شاهوڪارن کي هينئن بيدردي سان دولت ڪٺي ويندو ڏسي حيرت پريل اکين سان پنهنجي بيڪسيءَ تي لڙڪ وهائي رهيا هوا.

هيءَ حالت ڏسي سلطان جي ڀاءُ ملڪ العادل سان سٺو نه ٿيو ۽ سلطان کي عرض ڪيائين ته "حضور! منهنجي خدمات جي عيوض مونکي ڪجهه قيدي عطا ٿين!" سلطان ڏانهس ڏسي چيو "چا ڪندين؟"

جواب ڏنائين "هنن کي آزاد ڪندس."

سلطان چيو "چڱو، هزار قيدي توکي ڏجن ٿا."

ملڪ العادل هزار قيدي ڪٺي آزاد ڪيا. هي چاهي کي قيدي ملندا ڏسي شهزادي الافضل به سلطان کان قيدين جي

بخشش ڪهري.

سلطان مرڪي اٺ سو قيدي هنڪي ٻه ڏنا، هي ڏسي بالوان ٻه وڏي آيو ۽ چوائين ”اي رحم پرور سلطان! آءٌ ٻه خدا ۽ رحم جي نالي تي ڪجهه قيدي گهران ٿو!“

سلطان هن ڏي ڏسي چيو ”توهان جهڙي قوم جيڪي ظلم مسلمانن تي ڪيا آهن سي ڏسي ته رت ٽهڪڻ ٿو لڳي پر تو خدا جي نالي تي قيدي گهريا آهن وڃ توکي پنج سو قيدي ڏناسون!“

هي ڏسي هرڪوليس پادري جو عيسائن کي پڙڪائي مسلمانن سان وڙهڻ لاءِ موڪليندو ني رهيو سو ٻه ساڳي طرح قيدي گهرڻ لڳو سلطان انکي ٻه ست سو قيدي ڏنا.

هاڻي سلطان قيدين ڏي ڏٺو ته لسي عورتون زار زار روئي رهيون هيون، سلطان هنن کي سڏي سندن روئڻ جو سبب پڇيو ته هنن ٻڌايو ته اسين ته يورپ مان بيت المقدس جو حج ڪرڻ آيون هيون سون، هاڻي اسان وٽ پاڻ کي آزاد ڪرائڻ لاءِ پيسو ڪونهي.

سلطان هي ٻڌي هڪدم حڪم ڪيو ته سيني حاجين کي آزادي آهي!

هن حڪم تي اٺ سو زائرين آزاد ٿي ويا سلطان جي هن حڪم عيسائن ۾ هڪ حيرت جي لهر لڳائي ڇڏي مگر سلطان هنن کي ڏسي چيو ته حيرت جي ڪاٻه ڳالهه ڪانهي، پاڪ جاين ڏي جيڪي غريب زيارتي ويندا آهن سي اڪثر نيڪ دل انسان هوندا آهن ۽ هر قوم جي نيڪ انسانن جي عزت ڪرڻ هر نيڪ انسان جو فرض آهي!

هاڻي وري ڪن عورتن وڏي سلطان کي عرض ڪيو. ”حضرت اسان ته پنسا ڏيئي پاڻ کي آزاد ڪرايو پر اها آزادي ڪهڙي ڪم جي، جو اسان جا ٻچا ۽ مڙس پيسن نه هجڻ سبب اسان جي قيد ۾ آهن!“

هي ڏسي سلطان حڪم ڪيو ته سيني آزاد ٿيلن جا مڙد،

ٻچا ۽ زالون به آزاد ڪردو!

ان طرح به هزارين عيسائي آزاد ٿيا، هاڻي سلطان ڏسي چيو ته منهنجي ڀاءُ پٽ ۽ عيسائي سردارن ته قيدي آزاد ڪرايا پر هاڻي آءٌ به پنهنجي طرفان پنج هزار قيدي ڪرڻ جو حڪم ٿو ڏيان!

انهيءَ طرح رحمدل سلطان جي هٿان هزارين ٻانها آزاد ٿي ويا پر اڃا به ڏهاڪو هزار ٻانها رهجي ويا جي بيت المقدس روانا ٿيا!

سلطان المعظم عاشوره بعد يعني ١٢ محرم جي دمشق مان ڪوچ ڪيو هو ۽ ستن مهنن بعد معراج جي ڏينهن هي بينظير فتح حاصل ڪيائين.

هن خبر جڏهن ساري دنيا جي عيسائين ۾ ماتم مچائي ڇڏيو تڏهن ساريءَ اسلامي دنيا ۾ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي ويئي ۽ هر طرف مسلمانن کان سلطان کي مبارڪون اچڻ لڳيون.

مشهور عرب شاعر دلي مسرت مان هڪ قصيدو پيش ڪيو جنهن جا ڪي مصرع هي آهن:-

المقدس تان تو ڪفر جو لباس لاهي ڇڏيو ۽ هن کي انهي دين جو لباس ڍڪايو جنهن ۾ سيني دين جو لباس لاٿو!

الله جي گهر ۾ دين جا حڪم واپس اچي ويا نه اتي ڪو پادري رهيو يا پير!

سجي جهان ۾ تنهنجي هيءَ خوشخبري مشهور ٿي ته بيت المقدس جي بانگ جي آواز ڪان ديول جا گهنڊ برباد ٿي ويا!

تقدير جيڪي گهريو سو ٿي ويو.

ته تنهنجون بهادر فوجون جي ڇڻ ته خدا پاڪ جا فرشتا آهن سي ڪافرن تي غالب ٿيون!"

بيت المقدس هٿ ڪرڻ لاءِ انهي ڪانپوه به ڪيئين دفعا عيسائي فوجون ايندبون رهيون جن مان انگريز بادشاه

رچرڊ جو حملو مشهور آهي جنهن جو ذڪر اسان جي ناول "غازي صلاح الدين ۾ نهايت دلچسپ طرز ۾ ذڪر ٿيل آهي برابر ساڍا ست سو ورهيه عيسائي اهـا حسرت دل ۾ ساڍي پندا رهيا پر افسوس جو ١٩١٤ ۾ ڪمبخت مسلمان عيسائين جي ڏلن تي لڳي ترڪن سان بغاوت ڪري پنهنجي هٿن سان هي شهر عيسائين جي حوالي ڪيو. جنهن تان عيسائين ۾ اهڙي خوشي جي لهر چڙهي جو هنن بهادر تي چيو تـ. صليبي جنگين جو بدل اسان اڄ ورتو آهي. ۽ پوءِ مسلمان جي انهي ڪمبختيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو اڄ يهودي ڏڙا ڏڙ انهي پـاڪ سر زمين ۾ داخل ٿي رهيا آهن جنهن مان نڪتي ٿي ڪين ٻه هزار ورهيه ٿي چڪا هئا ۽ اڄ فلسطين جي مصيبت هر مسلمان کي بيتاب ڪري رهي آهي!

باب ٻارهون

سچن مسلمانن جا اخلاق

بيت المقدس فتح ٿي ويو مسلمانن جي دلي امنگ پوري ٿي هاڻي ڪرڪ جا مجاهد وطن ڏي وريا. هنن جي اچڻ جون خبرون ٻڌي ڪرڪ جي عيسائين جا ساهه مٺ ۾ ويـا. پـاڻ مسلمانن تي جيڪي ظلـم ڪيا هئائون سي هاڻي اکين اڳيان اچي وين انهي ۾ شڪ ڪونہ هو تہ جن عيسائين خونريزن ۾ خاص طرح ٻهرو ورتو هو سي جنگين ۾ مارجي چڪا هئا پر تڏهن بہ قوم نہ ساڳي هئي.

مسلمان شهر ۾ گهڙيا تہ عيسائين گهر ۽ دوڪان ڪلي بند ڪيا ۽ ڦتڪن ۽ دعـائون گهرڻ لڳـا هي ڏسي مسلمانن سندس ٻن ٽن ليڊرن کي گهرايو هو ٻہ ڏڪندا ڪنبدا گهر وارن کان هميشه لاءِ موڪلائيندا وصيتون ڪندا مسلمانن ڏي ويا. محمود ؟ ڏسي چيو "اوهان هڙتال ڇو ڪئي آهـي؟" عيسائين ڏڪي چيو "اوهان جي خوف کان."

محمود گنيهر تي چيو ”اوهين اسان جي اخلاقن جا واقف نہ آهيو ؟“

عيسائي :- ”واقف تہ. هئاسون پر اسان جي بين مذهبن اوهانکي تڪليفون ڏنيون انڪري اسان کي ڊپ آهي تہ هاڻي اهي ساڳيون اسانکي ملنديون.“

مسلمان :- ”اوهين خود انهن ظلمن ۾ شامل هئا؟“

عيسائي :- ”نہ“

مسلمان يا تڏهين اهين اسين ڪيئن اوهان کي تڪليفون ڏينداسون ؟

اسلام جي پاڪ ڪتاب ۾ آهي تہ فلا عدوان الا علي الظالمين (ملامت نہ رکي ظالمن تي آهي) ولا يجرمنڪم شنان قوم ان لا تعدلوا اعدلو اهو اقرب للتقويٰ ۽ اوهان کي ڪنهن قوم جي دشمني انهي ڳالهہ تي آماده نہ ڪري جو اوهين بي انصافي ڪريو، انصاف ڪريو اهو دينداري آهي.

عيسائيو- اگرچ هتي اچڻ بعد اوهان جي پاڻن جا ڪيل ظلم اسان کي ڪئين سر ياد پيا آهن ۽ انيڪورپل ڦٽ وري چڪيا آهن جوش و غضب ڇوي ٿو تہ اوهان سڀني کي چيچلائي چيچلائي مارجي پر وري خدائي حڪم ياد اچي ٿو تہ والڪاظمين الغيظ والعافين عن الناس (سچا مومن ڪاوڙ مارڻيندا آهن ۽ انسانن کي معاف ڪندا آهن) ۽ ارشاد رباني اهو بہ آهي تہ اذا جاء نصر الله و الفتح .... فسبح بحمد ربڪ واستغفره يعني جڏهن الله پاڪ جي مدد سان فتح اچي تڏهن پنهنجي ڏڻيءَ جو حمد ڪر ۽ توبہ ڪر انڪري اگرچ اسين چاهيون ٿا تہ اچا شريرن مان ڪي بچيل اوهان ۾ موجود آهن پر اسين اوهانکي صاف صاف چئون ٿا تہ لاتثريب عليڪم اليوم اڄ اوهان تي ڪابہ ملامت ڪانهي، اوهان جيڪي بہ ڪيو سو اسين مولا پاڪ جي شڪرانہ طور طور معاف ٿا ڪريون، اوهين بي فڪر ٿي پنهنجي روزمره جي ڪم ڪار ۾ لڳو، اوهان جي جان، مال ۽ عزت سڀ محفوظ رهندا!

من اعلان عيسائن ۾ خوشين جي لهر ٻوڙائي ڇڏي ۽ مسلمانن جو هي بلند اخلاق ڏسي ڪيترائي عيسائي مسلمان ٿي ويا!“

۱۹۲٦ع ۾ لکيل

۷۸-۸-۲ تي حيدراباد جي ايئر پورٽ تي پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪرڻ بعد صحافين سان چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جنرل محمد ضياءالحق ڳالهائي رهيو آهي ان ۾ عبدالرحمان ڏيپلائي به ڪانئس سوال ڪري رهيو آهي.

۱۹۷۲ سڪا جي هڪ ميڙ ۾ رسول بخش پاٽجي محمد ابراهيم جويو ۽ ٻين سان گڏ

ڏيپلائي مرحوم دوستن سان گڏ

ثريا سونا ڏيپلائي

سوچيان ٿي

”سوچون“ انسان جي اندر جي آرسي آهن، پر ڪڏهين ڪڏهين سوچون رکو سوچون ٿي رهجيو وڃن، چاهيندي به انهن کي ظاهر نه ڪري سگهيو آهي ۽ نه ئي سوچڻ ڇڏي ڏيو آهي.

”من“ به عجيب شي آهي، هڪ پل ڪا ڳالهه وڻندي ٿي ته ٻئي، بل اها ئي بنهه اڻ وڻندڙ ٿي لڳندي. ٿيون ڳالهيون ڇڏيو، اچو عورت جي آزاديءَ تي، ڪل تي اچي ۽ منهنجي خيال ۾ ٻوسيءَ ۾ يا ڪاوڙ ايندي يا ”ڪل“ تي ئي اڪتفا ڪري سگهجي ٿو. ”آزادي“ لفظ ڏاڍو دلفريب آهي ۽ اڪثر ڪتابن ۽ نظمن ۾ ڏسبو آهي، عملي زندگي ۾ صاف تقريرن يا بحث ۾ استعمال به ڪري سگهجي ٿو پر اها شيءِ ڏسجي ڪٿي به ڪانه ٿي.

هڪ پراڻو پهاڪو آهي ته ”ڪاٺي ڪلري تي، يا ڪدرو ڪاٺيءَ تي ڳالهه ساڳي ساڳي!“ عورت گهر ۾ ويٺي ته مردن کي ٻاهر جون عورتون وڌيڪ پرڪشش نظر اينديون. پنهنجيون زالون اڻ پڙهيل هيون ته ٻين جي پڙهيل زالن ۾ وڌيڪ خوبيون نظر آيون. پر جڏهن هاڻ سنڌ جي عورت به علم حاصل ڪيو، ته مردن کي اهو احساس ٿيڻ لڳو ته ”پڙهيل دوست ته ڀلي هجي پر گهڻو پڙهيل نه هجي، اجايو ٿي بحث ڪندي!“ يا ”بيحيائي“ جو تمغو ڏيئي ڇڏيندا. يعني گهر ۾ ويهي ته چٽ، ٻاهر نڪتي ته بيحيا!!

۱۹۷۵ع عورتن جو عالمي سال هو ۽ هينئر وري ”خواتين

جو هفتو ملهايو ويو. مون کي به ميلي ۾ وڃڻو پيو، دل سان نه. پر ڀيوني تي ويس ته اهو سوچي، ته هاڻ عورتن کي عظيم انقلابي خيال تظر ايندا، ڏاڍيون حوصلہ مند ۽ پر عزم هونديون، پر اهڙي عورت ڏٺم صرف ٽي وي يا ريڊيو ۽ اخبار ۾!

ميلي ۾ شريڪ ڀينرون ته ميڪ اپ جي انهن ڳهڻن جي جوڙن ۾ ايترو لڪل هيون جو نظر ئي نه آئيون. مون کي ائين لڳو، ڄڻ منهنجو پنهنجو وجود به لڪي ويو آهي، گم ٿي ويو آهي، ائين ڇو آهي؟

ڇا اڃا به عورتون ميڪ اپ جون محتاج آهن؟ ڇا ڳهڻن زيورن ۽ ڪهري ميڪ اپ کانسواءِ هنن جي پنهنجي شخصيت مڪمل ناهي؟ "پاڻ وڻائڻ" جي اها ترڪيب خود سندس هستيءَ جي بي عزتي ناهي؟ مون کي ائين لڳو اڄ به عورت هڪ مٽيءَ جي ٺهيل پتلي آهي جنهن تي جيترا ٿي سگهيا آهن رنگ لڳايا ويا آهن يا هن پاڻ کي پاڻ رنگيو آهي!! اکين تي رنگ، وارن تي رنگ، ڳلن تي رنگ، چپن تي رنگ، مطلب ته رنگ ئي رنگ!! الائجي اهو "زن" جو وجود ڪٿي آهي، جنهن سان ڪائنات جي تصوير ۾ رنگ ٿا ڀرجن!

ثابت ته برابر ڪيو آهي ته هوءَ هر شعبي ۾ مردن وانگر ڪم ڪري سگهي ٿي ۽ بهترين صلاحيتون استعمال ڪري بهترين ڪم ڪري سگهي ٿي پر.... هر ڪا ڪم ڪندڙ عورت.... ڀلا ميڪ اپ کانسواءِ ڇو گذارو ڪري نه ٿي سگهي؟

منهنجون ڳالهيون ڪهڻين ڀينرن کي شايد ڏکيون لڳن. پر گستاخي معاف........ ڇا ائين ڪونهي؟

مردن تي ڪهڙي معيار؟ اڃا اسين خود ئي پنهنجي هستي ۽ وجود کي مڪمل نٿيون سمجهون پوءِ هو ڇو نه اسان کي هيسين! ها، هنن به وقت جي تقاضا تحت پنهنجو انداز بدلايو آهي پر آهي ڳدري ۽ ڪاٺيءَ واري ڳالهه! ويچاري عورت پاڻکي اهل ثابت ڪرڻ لاءِ پڙهيو، نوڪري ڪئي، ٻٽي ذميداري ڪمزور ڪلهن تي کنئين پر حاصل ٿيس؟ اسان کي هر شعبي

۾ برابري ملي ۽ اسين خوش!

ضرورت هجي ته ٻلي نوڪري ڪجي ۽ موقعي جو فائدو ونجي، پر بنا ضرورت نوڪريون ڪرڻ به ٺيڪ نه آهي.

نوڪريون مليون تڏهين گهر ڪيئن هلندا؟ قوم جا نونهال ڪيئن پلبا اچا وري به ڪن گهرن ۾ وڏڙيون آهن، يا ڪي اڻ پڙهيل آهن جيڪي پيون گهر هلائين، پر هاڻ جيڪا پڙهيل ڳڙهيل نهي آهي، تنهن جي اڪثريت نوڪري ۾ آهي، گڏيل گهرن جو رواج ختم ٿي ويو آهي. پوءِ آخر قصو ڪيئن هلندو؟

يا ته ڀرين ته اسين سڀ اها بنيادي گهر ڪريون، ته هر شهر ۾ اهڙا ”ٻار گهر“ ٺاهيا وڃن جتي نوڪري ڪندڙ عورتن سان ملي هفتي ۾ ٻه ڏينهن موڪل هجي جنهن هو جمع آرام سان گذارين، هونئن ته جمع ڇنڇر جي تيارين ۾ ٿي پورو ٿيو وڃي.

اهڙا ٻيا به ڪيترا مسئلا آهن، جن تي اسان عورتن کي ٿي غور ڪرڻو آهي ۽ انهن جو تدارڪ ڪرڻو آهي.

بجاءِ اجاين سجاين ڳالهين، ٿلها هفتا ڏينهن ۽ سال ماهاڻ جي عملي ڪم ڪرڻو آهي، هاڻ اهڙو دور ناهي، جو عورت اجا به ميڪاپ جي محتاج هجي! مردن کي اهو ڄاڻو ٿي پوي ته عورت پتلي ناهي، پر سندس وانگر هڪ گوشت پوست جو ٺهيل انسان آهي.

اهي اسان پاڻ ٿي ڪري سگهون ٿا، پنهنجو وجود ميڙائي سگهون ٿا، پر ميڪاپ ۽ زيورن سان نه، محنت ۽ همت سان سهڻن خيالن سان.

گهڻو جذباتي ٿي ويئي آهيان، معافي ٿي چاهيان، پر منهنجي خواهش آهي ته ڀينرون انهي موضوع تي قلم کڻن، جي مون غلط اظهار ڪيو آهي ته نشاندهي ڪن. جي منهنجون هم خيال آهن ته پاڻ به ڪجهه لکن.

آخر ۾ هڪ عرض ڪنديس، ته اهو نه سمجهيو وڃي ته هروڀرو پنهنجا اعمال ٻڇڙا ڪري ڇڏجن.... پنهنجو پاڻ کي ضرور سنئو رکجي پر حد اندر!!

ان جي باري ۾ ڇا ٻڌايان ته اها حد ڪهڙي آهي؟ هر باشعور ۽ سمجهدار عورت سمجهي سگهي ٿي ته بناوت بهرحال بناوت آهي. سچائي اصل لڪي نٿي سگهي، خوبيون ۽ سيرت ميڪ اپ جون بنهه محتاج ناهن.

بس اهوئي منهنجو عرض آهي!

محمد علي ڏيپلائيءَ

موحديءَ کان مرشديءَ تائين

سنڌي اديبن ۽ صحافين جي عملي زندگيءَ جو قريبي مشاهدو ڪندڙن ۾ دردوندي دل کي انهيءَ نتيجي تي پهچائيندو ته ڪم از ڪم موجوده دور ۾ محرومين، پريشانين ۽ آزمائشن جي گهڻائي ۾ اسان جي معاشري جو ٻيو ڪو به طبقو ايترو نه ٿو پيڙهجي جيترو سچا ۽ باضمير اديبن کي پيڙهجڻو ٿو پوي. باضمير سنڌي اديبن ۽ صحافين کي ڏارين جا ڏنگ ته مسلسل لڳندا ئي رهندا آهن (۽ انهن کي برداشت به ڪري ويندا آهن) پر پنهنجن کان به ٿوري ۽ وقتي واه واه کان سواءِ ڪجهه به، حاصل ڪونه ٿين. اها ستائش به (جيڪا گهڻو ڪري مٿاڇري ۽ منافقيءَ سان ڀريل هوندي آهي) ڪن ڀاڳ وارن کي ٿيندي آهي. اڪثر ڪري پنهنجن کان به عملي طور تي حسد ۽ منافقت جا ڏنڀ نصيب ٿيندا اٿس. انساني عظمت ۽ اهميت کي صرف تونگريءَ ۽ اقتدار جي ڪسوٽيءَ تي ڪٽيندڙ معاشري ۾ غريب مگر ايماندار ۽ سچي سنڌي اديب جي حيثيت عملي طور تي هڪ فقير کان به بدتر آهي. البته معاشي طور تي خوشحال اديبن جو معاملو ڪجهه مختلف آهي. پر سوال آئي ٿو ته ڇا معاشي طور تي خوش حال اديب هن پوسٽ واري ماحول ۾ سچو ادب تخليق ڪري سگهي ٿو؟ ڇا هو اسانجي معاشري پيڙهيندڙ قوتن ۽ رت چوسيندڙ جورن کي سندن اصلي رنگ ۾ ظاهر ڪري سگهي ٿو ڇا هو پنهنجي ضمير جي آواز تي لبيڪ چئي مصلحتن کان منهن موڙي سگهي ٿو؟ منهنجو مشاهدو آهي ته پنهنجي معاشي خوشحاليءَ ۽ سماجي حيثيت کي قائم رکڻ لاءِ کيس هن معاشري جي اصولن پٺاندڙ، سماجي جورن سان ڪٿي نه ڪٿي، ٿورو يا گهڻو، ٺاه لازماً ڪرڻو ٿو پوي. اهڙي سمجهوتي بازيءَ

ڪان منهن موڙيندڙ جـو حشر گهٽو ڪري ليو ٽالسٽائي جهڙو ٿيئي ٿو جيڪو باوجود هڪ وڏي جاگيردار هجڻ جي، پنهنجي ئي گهر وارن لاءِ ناقابل برداشت ٿي پيو هو ۽ سنڌس موت نهايت ڪسمپرسيءَ واري حال ۾ ٿيو. اديب جيڪڏهن سچو ۽ باضمير آهي تـه پوءِ ڪيس ٽالسٽائي وانگر آرام، آسائش ۽ رتبي واري زندگيءَ تان هٿ کڻڻ تہ گوارا هوندو آهي، پر هو سماجي براين ۽ انهن براين جي خالقن سان ڪنهن بہ قيمت تي ٺاهہ يا سمجهوتو ڪرڻ قبول نہ ڪندو آهي. دنيا جا بيدار بخت معاشرا اهـڙن باشعور ۽ باضمير شخصيتن جو قدر ڪندا آهـن ۽ کين ضروري تحفظ بـہ مهيا ڪندا آهن. پر اسان جي معاشري، خـاص طور تي سنڌي معاشري ۾ هڪ باضمير اديب ۽ صحافيءَ جي زندگي محرومين، مشڪلاتن، ڏکـن ۽ آزمائشن جـي هـڪ طويل ۽ دردناڪ داستان ٿيو پوي ٿي.

حياتيءَ جي ابتدائي دور ۾، جو طرف ادبي ماحول ڪري نهايت مختصر عرصي لاءِ سـون ۾ شايد ڪجهہ اديبانہ جـراثيم ظاهر ٿيڻ لڳا هئا، پر والد صاحب (مرحوم) ۽ ٻين اديبن جـي ڏکن ۽ ڏوجهرن واري ڏسي انهيءَ ڪنهن پريل طويـل پيچري تي هلڻ جي همت تہ نہ ٿيم ــ البتہ اهو ارادو ڪيم تہ پنهنجيون سموريون صلاحيتون صرف ڪري انهيءَ لائق ضرور ٿيندس جـو بابا کي معاشي ۽ معاشرتي پريشانين کان بچائي، جيتري قدر بہ ٿي سگهي، کيس پنهنجي مجاهدانہ مشن جي تڪميل ۾ مددگار ٿيندس. انهيءَ مقصد ۾ ڪيتري قدر ڪامياب ٿيس اهو چوڻ تہ مشڪل آهي. پر والد صاحب (مرحوم) منهنجي انهيءَ خطا کي آخر تائين معاف نہ ڪيو. سندس نظر ۾ منهنجو اهو رويو ڪم همتيءَ ۽ بزدليءَ جو مظهر هو. هڪ پٽ جي شايد اها وڏي ۾ وڏي تمنا هوندي آهي تـہ کيس پنهنجي پـيءَ کـان ستائش ملي. پر، هـڪ سچي مجاهد جي حيثيت ۾ بابا منهنجي طرفان مليل معاشي مدد ۽ تحفظ کي ڪڏهن بـہ تحسين جـي نگاهن سان نہ ڏٺو. مسلسل بيماريءَ ۽ شريڪ حيات جـي وفات سندس

جسم کي ته ڪمزور ضرور ڪري ڇڏيو هو، پر سندس روح ۽ ضمير اڳئين کان به اڳرا ٿيندا ٿي ويا. شديد مجبوريءَ جي حالت ۾ مدد وٺندي به اها وضاحت ضرور ڪندو هو ته اها مدد مٿس قرض آهي جنهن جي ادائگي هو حالتن جي "درست" ٿيڻ تي ضرور ڪندو. شديد مجبوري به ڪهڙي؟ ڪو ڪتاب ڇپائڻ

ڏيهاڙي مرحوم- اديب جاسي کي خطاب ڪري رهيو آهي.

اريس جي ورڪرن جون بقاياڻون ادا ڪرڻ، ٻين خواهن کي وقتي طور تي منهن ڏيڻ اهي ئي هونديون هيون سندس ”شديد مجبوريون“! ذاتي آرام ۽ ضرورتن خاطر ڪڏهن به رقم نه گهرندا هئا. البته منهنجي ڪمزوريءَ کي سمجهندي (اها ڪيس ذاتي ضرورتن لاءِ ٻنا هڪ زور ڪري به پئسا ڏيندو هئس. البته گذريل ٨-١ سالن واري سياسي ۽ سماجي ماحول کي ڏسندي ڪيس ڪتابن يا رسالن جي اشاعت کان باز رکڻ جي ڪوشش ڪندو هئس) ذاتي ضرورتن جو بهانو ڪري وقتا فوقتا پئسا ڪٺي ڪونه ڪو رسالو يا ڪتاب ڇپي ڇڏيندو هو ۽ گهڻو ڪري هر دفعي جيل يا مقدمي ۾ ڦاسندو هو. هن مردار، اندي، پوڙي ۽ گونگي معاشري جو هڪ فرد هجڻ جي باوجود ڪيس مستقبل ۾ اڻ ڪٽ ويساهه هوندو هو. بنيادي طور تي هو هڪ Optionistic يا روشن نظر انسان هو. سندس بي انداز عزم ۽ مستقبل ۾ اڻ ڪٽ ويساهه ڏسي مٿس ڪڏهن پيار ايندو هو، ڪڏهن رشڪ ٿيندو هو ته ڪڏهن وري رحم ايندو هو.

بابا جهڙا قانع ۽ خود ڪفيل به ڪي ٿورا هوندا. صابر هجڻ هڪ پيغمبرانه خصلت آهي بيشڪ صابرين جو وڏو درجو آهي. پر صبر جو تعلق تڪليف ۽ محروميءَ جي احساس سان آهي. صابر اُن شخص کي چئبو آهي جيڪو تڪليف ، محروميءَ کي محسوس ڪرڻ جي باوجود انهيءَ کي الله تعاليٰ طرفان آزمائش سمجهي سڪون سان برداشت ڪري. پر جنهن واسطي هوند اڻ هوند، سچائي ۽ فراواني، راحت ۽ رنج ۽ سفر ۽ سڪوت ۾ ڪوبه فرق نه هجي، جيڪو جيل کي قدرت طرفان ”سالگهڙ“ لکڻ جو موقعو سمجهي، اهڙي شخص کي ڇا چئجي؟ جهڙي به ماني ملي بسم الله ، جڏهن به ملي ماشاء الله بسترو مليو ڀلي ٺيڪ ، نه مليو ته به خيرا پئسو آهي ته ضرورتمندن تي بنا هٻڪ خرچ ڪرڻ نه آهي ته نه هيو. سندس زندگي آرام، آسائش، هرلد اڻ هوند، ۽ ڏک سک جي تصور کان تقريبا خالي هوندي هئي. البته ٻين جي ڏکن تي بي انتها ڏک، غم ۽ غصو، ٻين

جي خوشيءَ تي دلي طور تي خوش ٿين جي ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ لاءِ هر وقت هر قدم ڪُٺ لاءِ بيتاب. ذاتي دشمنيءَ جو ته سندس فلسفءِ زندگيءَ ۾ ڪوبه تصور ڪونه هو. ڪنهن سان جنگ ڪرڻي ته به ٿين مظلومن خاطر يا ڪنهن اجتماعي اصول خاطر اهڙن موقعن تي ذاتي دوستين کي ڪابه اهميت ڪانه هوندي هئي. ميرن، پيرن، خوجن، شعين ۽ مختلف مذهبي ۽ سماجي گروهن سان اصولي جهاد هوندي به ذاتي طور تي بـي انتها پرخلوص تعلقات. اهڙا مثال ڪيترائي ملندا جو اصولي طور تي مخالف دوستن جـون اخبارون ۽ ڪتاب (جن ۾ والـد صاحب واسطي سخت ۽ اڻ سهائيندڙ لفظ به شامل هوندا هئا، اسان جي پريس ۾ ڇپبا هئا. دوستن جون ڳاريون، بحث مباحثا بـه پيا هلندا هئا ته وري ڪاڏي پيتي جون دعوتون ۽ چانهه جا دور به جاري ڪمپازيٽر ۽ پيا ورڪر اهي نظارا حيرت سان پيا ڏسندا هئا ته فلاڻو سيد ـ ڳورو پرٻان ته وات مان ڪجهي وهائيندو ڏيپلائي صاحب کي ڳاريون ڏيندو پيو اچي، پر سندس اخبار يا ڪتاب ڏيپلائيءَ صاحب جـسي نگرانيءَ هيٺ سندس ئي پريس ۾ پيو ڇپجي. جي ماني گڏ ايٺي کائجي ۽ چانهه به گڏ پيئڻ لازم!

نوجوان نهيءَ لاءِ بابا ڪان وڌيڪ شايد ئي ڪو همٿائيندڙ شخص هوندو. ڪافي عرصو ملڪ کان ٻاهر رهڻ ڪري سونکي والد صاحب جـي آخري زماني بـابت گهٽي واقفيت نـه هئي آگسٽ ۱۹۸۰ع ۾ واپسيءَ تـي اهو ڏسي حيران ٿـي ويس ته مرحوم وٽ سچو ڏينهن گهر توڙي پريس تي نوجوانن ۽ جوانن جا ميڙا لڳل هوندا هئا. فالج جي حملن ڪري والد صاحب کي ڳالهائڻ ۾ ڪافي اٽڪ ۽ تڪليف ٿيندي هئي ۽ سندس اڪثر لفظ سمجهه ۾ مشڪل ايندا هئا، خاص ڪري نئين ساٿيءَ واسطي سندس ڳالهين ۾ ربط تلاش ڪرڻ ڪجهه ڏکيرو معاملو هوندو هو. پـر تنهن هوندي بـه نوجوانن جا وٽس ميڙا لـڳل هوندا هئا. پـراڻا سنڌي، نوان سنڌي، مسلمان، غير مسلمان، هم خيال، مختلف الخيال، مطلب ته مڙس ۾ خبر ناهي ڪهڙي

مٺيا هئي جو پنهنجا پرايا، ننڍا وڏا سندس چڪ وڏيا چاڪر ٿي
رهندا هئا. سڀني عمر پيريءَ مريديءَ خلاف جهاد ڪيائين پر
پيڙهيءَ ۾ وري پاڻ اهي مرشديءَ جي درجي تي پهتو.

مطالعو ۽ مسلسل مطالعو سندس زندگيءَ ۾ عبادت جو درجو رکندو هو. آئندي، ويهندي، ڪائيندي، پيئندي، سفر ۾، ريل ۾، جهل ۾، شاديءَ ۾، غميءَ ۾، مطلب ته ڪهڙو به موقعو هجي، هڪ منٽ به هٿ تي آيس ته مطالعو شروع. ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن خريد ڪرڻ جو جنون. پئسا هجن نه هجن، پر تازي اخبار، رسالو يا ڪونئون ڪتاب ضرور به ضرور ۽ بنا دير جي وٺڻو. انهي حد تائين ته بابا فلاڻو ڪتاب ته اڳيئي ورتل آهي ۽ ٻئي هفتي ڪراچيءَ مان ايندي ڪنيو ايندس ته چوندو ته ايڏو انتظار ڪير ڪري! رسالا، ڪتاب وٺندو پڙهندو ۽ دوستن ۾ ۽ اوڙي پاڙي ۾ ورهائيندو. جيترا ڪتاب بابا خريد ڪيا آهي جيڪڏهن محفوظ ڪجن ها ته ڪراز سنڌ جي حد تائين اسان وٽ جيڪر وڏي ۾ وڏي لائبريري هجي ها. پر دوستن، واقف ڪارن، اوڙي پاڙي وارن انهيءَ وهندڙ درياءَ مان خوب آهون آجايون. سندس ذاتي خرچن جي لسٽ ۾ سڀ کان پهريون خرچ ڪتابن جو هوندو هو. ٻين ضروري ڪم واسطي پيسا هجن نه هجن پر ڪتابن ۽ اخبارن جي خريداري هرحال ۾ ضرور ڪرڻي. حتيٰ ڪ ضروري دوائن ويندي کاڌي خوراڪ لاءِ ڏنل رقم جو تصرف اول ڪتابن تي ٿيندو هو. گهر ۾ روزانو ڪم از ڪم ٦-٧ اخبارون اينديون هيون. هرهڪ اردو ۽ سنڌي هفت وار توڙي ماهوار رسالو ۽ ڊائجسٽ ۽ انهن ٻولين ۾ ڇپجندڙ هرڪا پبليڪيشن باقاعدگيءَ سان گهر ۾ آئبي هئي. هتي اهو ذڪر ڪرڻ پنهنجو فرض ٿو سمجهان ته بابا جي جاري ڪيل "عبرت" جڏهن کان قاضي بردران طرفان شايع ٿي آهي، آن ڏينهن کان اڄ تائين بنا ناغي جي تحفتاً اسان وٽ ايندي رهندي آهي سندن اها شفقت والد صاحب جي وفات کان پوءِ به جاري آهي. اهڙي وضع داري جا مثال به گهٽ ملندا.

بابا جي مذهبي عقيدي جو معاملو گهڻن سطحي نظر وارن وٽ منجهيل ۽ ڪڏهن ڪڏهن قابل اعتراض بڻي رهيو آهي. هن مختصر مضمون ۾ سندس مذهبي ۽ ذهني ارتقاءَ جو جائزو ۽ تجزيو ڪرڻ ممڪن نہ آهي، پر ابوبن آدم جو قصو شايد بابا جي نظريہ زندگي ۽ پڻ مذهبي عقيدي جي ترجماني ڪري سگهي. ابن بن آدم بابت مشهور آهي تہ خواب ۾ ڪيس هڪ فرشتي ڏيکاريو تہ هو اهڙن ماڻهن جي فهرست ڏاهي رهيو آهي جيڪي خدا کي چاهيندا آهن. ابو بن آدم کانئس پڇيو تہ ڇا انهيءَ فهرست ۾ سندس نالو شامل آهي! فرشتي جي ناڪار تي ابو بن آدم کيس عرض ڪيو تہ سندس نالو اهڙن ماڻهن جي فهرست ۾ شامل ڪيو وڃي جيڪي خدا جي مخلوق کي چاهين ٿا. ٻيءَ رات خواب ۾ ساڳيو فرشتو ڏٺائين ۽ کانئس پڇيائين تہ ڇا سندس نالو انهي فهرست ۾ شامل ڪيو ويو آهي جيڪي خدا جي مخلوق کي چاهين ٿا؟ فرشتي مرڪي جواب ڏنس تہ تنهنجو نالو هاڻ آنهن خوش نصيبن ۾ شامل آهي جن کي الله تعاليٰ خود چاهي ٿو! اهڙو معاملو والد صاحب سان بہ هو. سندس زندگيءَ جو بنيادي نظريو انسان ذات جي ڀلائي ۽ آزادي هو. مختلف علمي ۽ ذهني ارتقائي دورن ۾ کيس جنهن بہ رستي اهو بنيادي مقصد حاصل ڪرڻ ممڪن لڳو هن آهو رستو بلڪل صاف نيت سان اختيار ڪيو. ڪنهن زماني ۾ والد صاحب ٺيٺ ملو هوندو هو. شريعت جي هر حڪم جي پيروي ڪرڻ ۽ ٻين کي اهڙي پيرويءَ لاءِ تلقين ڪرڻ سندس محبوب مشغلو هوندو هو زندگيءَ جو عملي تجربو ڪندي ۽ مختلف طبقن جي عملي زندگيءَ جو مشاهدو ڪندي هو عرفان جي اهڙي درجي تي پهتو جنهن جي ماهيت کي سمجهڻ "ڊگري ذده" ۽ ڪتابي علم جي ڪيڙن" جي وس جي ڳالهہ نہ آهي. مون کي اڪثر چوندو هو تہ قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ ٻن قسم جي بندن جو ذڪر ڪيو آهي: "مومن" ۽ "مقرب". "مومن" آهي آهن جن جو علم ۽ عمل شرعي حڪمن جي پابندي تائين محدود آهي.

پر "مقرب" اهي آهن جيڪي خدا جي مخلوق جي محبت ۽ خدمت ڪري الله تعاليٰ جي قريب آهن. پاڻ اڪثر ڪلي چوندا هئا ته " يا اسان مقرب آهيون. مومنن جي درجي کان مٿي- ڇاڪاڻ تہ اسان مذهب جي روح ۽ اصل مقصد کي سمجهون ٿا! يعني "روزا نمازون- اي پڻ چڱو ڪم!

اوڪو پيو فهم جنهن سان پسجي پرينءَ کي! "شاهه"

مون کي توڙي ڀين ڀائرن ڀينرن کي ڀابا ڪڏهن بہ ڪنهن خاص تعليم، پيشي يا طريقہ زندگيءَ لاءِ راغب يا مجبور نہ ڪيو. اسان سڀن کي پنهنجي تعليم حاصل ڪرڻ، زندگيءَ جي تعمير ڪرڻ، مقصد حيات جي تعين ڪرڻ جي مڪمل آزادي هئي. ڀابا اگرچہ اسان جي فيصلن تي سڌي طرح اثر انداز نہ ٿيندو هو، پر انهن فيصلن تي عمل ڪرڻ جي سلسلي ۾ هرقسم جي همت افزائي ڪندو هو ۽ خرچ وغيره دل کولي ڪندو هو. اسان مان ڪنهن بہ ڪڏهن بہ ڪيتري بہ رقم کانئس گهري، هجڻ جي حالت ۾ ... هڪ ڏيندو هو. ڪڏهن بہ خرچ جو سبب نہ پڇيائين ۽ نہ ئي ڪا نيڪا ٽپي ڪندو هو. ڇا ٿا پڙهون، ڪيئن ٿا پڙهون، ڪنهن سان ٿا ملون، ڪير ٿو اچي- انهيءَ سلسلي ۾ سندس ڪوبہ دخل يا پڇا نہ هوندي هئي. البتہ جن ماڻهن جي زندگيءَ کان متاثر هوندو هو اڻ سڌيءَ طرح انهن جو ذڪر ڪري انهن جي زندگيءَ کي مثالي قرار ڏيندو هو. اهڙيءَ طرح لاشعوري طور تي اهي شخصيتون اسان جي ذهن ۾ آئيڊيل جو روپ اختيار ڪري ويئون. منهنجي سرڪاري نوڪريءَ اختيار ڪرڻ کان پوءِ اڪثر ڪيپٽن عثمان علي عيساڻي ۽ ڊاڪٽر سچل ميمڻ جا مثال ڏيندو رهندو هو. جيئن ذڪر ڪيو اٿم ڀابا طرفان اسان کي ڪنهن بہ شغل يا ڪم جي منع نہ هوندي هئي. البتہ هڪ دفعو ڪنهن خاص موڊ ۾ مونکي نصيحت ڪيائين تہ ڀابا دنيا ۾ جيڪي وٽيئي سو ڪج پر تماڪ کان پاسو ڪج جو اهڙي غليظ ۽ خراب عادت ٻي ڪابہ نہ آهي. ۽ سچ پچ آهي بہ

اٿين- جنهن شخص انهيءَ بنيادي خرابيءَ کان پاسو ڪيو تنهن جي ٻين وڏيڪ قبيح ۽ غليظ عادتن جي ڪري ۾ اڇڻ جا امڪان البت گهٽ هوندا آهن.

ڪيس پنهنجن ۽ پراون جا ڏاڍا ڏنگ لاڳا، پر ڪڏهن ملول نه ٿيو ۽ نه ئي شڪايت ڪيائين. ١٩٧٢ع ۾ جڏهن ڪنپيرن ۽ ميرن جي مهربانيءَ سان هن کي مارشل لا ريگوليشن ١١٤ تحت جبري طور تي رٽائر ڪيو ويو تڏهن به ڪيس حڪومت لاءِ ڪا شڪايت نه ٿي. البت ايترو سو ضرور چيائين ته ڪهڙا نه نادان آهن جو هڪ نوجوان آفيسر کي چونڊي ٽريننگ ڏيئي ڪم جو بڻائي پوءِ نوڪري سان ڪڍي ڇڏيو اٿن گويا سرڪار جو سمورو خرچ اجايو ويو! پيو دفعو ستر ورهين جي عمر ۾ ”شيخ المشائخ“ لکڻ تي جڏهن پنهنجن جي نوازش سان ڪيس سخت اونهاري ۾ سکر جيل ۾ اماڻيو ويو تڏهن افسوس ڪيائين تي ٿيس ته اڳ ته غيرن جي حڪومت ۾ بيدار هو، هاڻ پنهنجن جي ظلم جي شڪايت ڪنهن سان ڪجي!

طويل بيماريءَ جو دور جنهن همت ۽ بي نيازيءَ سان هن شخص گذاريو سو به هڪ عجيب قصو آهي. ١٩٧٥ع کان وفات تائين مٿس فالج جا ٣-٤ حملا ٿيا. هر دفعي ڊاڪٽر سندس Recover ٿيڻ کان نا اميدي ڏيکاري ۽ هر دفعي بابا سندن خدشن کي پنهنجي بي پايان خوداعتماديءَ سان ختم ڪري ڇڏيو. پنهنجي معمولات کي آخري ڏينهن تائين برقرار رکيائين ۽ زندگيءَ ۾ مڪمل ۽ ڀرپور دلچسپي قائم رکندو آيو. نظر جي ڪمزوريءَ جي باوجود بي حساب مطالعو جاري هئن ۾ نشتائي ۽ لرزش جي باوجود ” نقلاب ايران“ جهڙا ناول مالي پريشانين جي باوجود سنڊ ٽائمز ۽ سائيهه ڊائجسٽ کي زنده رکڻ هر هر ڪاڏو پيتو شوق ۽ زوق سان ادبي محفلن ۾ شريڪ ٿيڻ- هو نئين فلم ضرور ڏسڻ- آئي وئي سان ڪچهري ڪرڻ- پريس ڪلب تي باقائده وڃڻ- پريس تي محفلون مچائڻ- گهر تي ايندڙن سان ڪچهريون ڪرڻ- مطلب ته-

جوانيءَ کان وڌيڪ جوان ۽ جيئرن کان وڌيڪ جيئرو هوندو هو.

٢ فيبروريءَ تي صبح جو طبيعت ناساز هئڻ جي باوجود اسان کي منع ڪندي، پنهنجي ڌوهٽي کي چئي رڪشا گهرائي پريس تي ويو. پيهرن جو موٽي آيو ته سندس بيحد طبيعت خراب هئي. شام تائين سندس ڳالهائڻ تقريبا ختم ٿي ويو. هوش حواس به ڪي نالي ماتر هئس. ڊاڪٽر عالماڻي صاحب کي وٺي آياسون جنهن دوائون ڏنيون ۽ مڪمل آرام جي هدايت ڪيائين. رات خير سان گذري. صبح جو نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ ڪنهن کي ٻڌائڻ کان سواءِ باٿ روم ڏانهن وڃڻ جي ڪوشش ڪيائين پر اتي پير ترڪي پيس. کيس واپس بستري تي آندو ويو. پر اهڙي بيهوشيءَ جي حالت ۾ به پين کي پنهنجي اوکهڙ ڏيکارڻ کاڻ ٽٽائيندو رهيو. پوءِ اشارن ۾ چيائين ته کيس ڪوٽ ۽ ٽوپي وغيره پارائي وڃي— هٿ ۾ لڪڻ کڻي پنهنجي ننڍي ڌوهٽي کي رڪشا آڻڻ لاءِ اشارو ڪيائين جيئن پريس تي وڃي. سندس اهي سڀ حرڪتون غير ارادي هيون جو هوش نه هئڻ برابر هئس. ڪجهه دير کان پوءِ معمول مطابق عبرت اخبار گهريائون. اها به بيهوشيءَ جي عالم ۾ هٿ ۾ پڙڻ جي نموني سان جهلي اٿلائي پٿلائي پوءِ چيائون ته هاڻ ٻي اخبار (يعني جنگ) ڏيو. مطلب ته بيهوشيءَ جي عالم ۾ پنهنجي روزمره معمول وارا سمورا ڪم سرانجام پئي ڏنائون. ڪجهه دير کانپوءِ سندن ڳالهائڻ صفا ختم ٿي ويو ۽ حالت وڌيڪ بگڙڻ لڳي. ١٢ بجي ڌاري پروفيسر عظيم کي گهرايو ويو جنهن سڪدم امرجنسي وارڊ ۾ داخلي واسطي چيو. ١٤ بجي کان ٣ بجي تائين حيدرآباد ۾ ڪنهن به هنڌان ايمبوليس جو بندوبست ٿي نه سگهيو. آخر ڪمشنر صاحب جي ذاتي ڪوشش کان پوءِ مسين ايمبولين جو بندوبست ٿيو ۽ وڃي اسپتال پهتاسون.

اسپتال ۾ نيم غنودگيءَ جي عالم ۾ کيسي ڏانهن اشارو ڪيائون ڏسڻ تي معلوم ٿيو ته ڪجهه چيڪ پيل هئا. پوءِ وڏي ڪوشش ۽ اشارن سان ٻڌايائين انهن پئسن جي ورهاست

ڪيئن ٿيندي. سموري ورهاست پرين ۽ ملازمن لاءِ ڇيائين. مسلسل ٣ ڏينهن بيهوشيءَ جي عالم ڪان پوءِ ٧ فيبروري تي تقريباً سواءِ هڪ بجي آرام ۽ سڪون سان پنهنجي رب ڏانهن راهي ٿيو.

مون پنهنجي زندگيءَ ۾ بابا جهڙو توڪلي ماڻهو نه ڏٺو. ماڻهو سندس مذهبي خيالن بابت ڇا به چوندا هجن پر الله تعاليٰ جي وجود ۽ سندس رحمت ۾ جيترو ناقابل شڪست اعتماد ۽ ڀروسو هن شخص لاءِ هو اوترو ورلي ڪنهن ۾ ڏٺي ٿي هوندو. زبان سان الله الله چوڻ ۽ توڪل رکڻ ٻي ڳالهه آهي پر عملي طرح ڪامل توڪل رکڻ جي سعادت ڪن ڪن کي نصيب ٿئي ٿي. والد صاحب سڄي عمر غريبن ۽ مظلومن جي فڪر ۾ فنا رهيو. پنهنجن ٻچن ۽ خاندان جي ٻين فردن جو معاملو هن ڪامل الله تعاليٰ تي ڇڏيو. ۽ انهيءَ ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته الله تعاليٰ سندس يقين رائگان وڃڻ نه ڏنو. اڄ الحمد الله سندس سمورو اولاد نهايت خوش و خورم ۽ باعزت زندگي گذاري رهيو آهي. ۽ ٻين سان به الله اهڙي ڀلائي ڀلي ڪري.

يوسف شاهين

هفتيوار برسات ڪراچي جو

سنڌي ٻوليءَ جي اديب محمد عثمان ڏيپلائيءَ

سان هڪ يادگار انٽرويو

جنهن پيرن مرشدن جي خلاف جدوجهد جو علم بلند ڪيو

ماه ۱۷ آڪٽوبر ۱۹۷۲ جلد پهريون هفته وار برسات ڪراچي جي چيف ايڊيٽر جناب يوسف شاهين جو سنڌ جي جهوني جوڳي ڏيپلائي مرحوم جو انٽرويو ورتو هو، جنهن جو متن شهباز پبليڪيشنس حيدرآباد سنڌ طرفان خاص سنڌس ڪتاب لاءِ هفتہ وار برسات ڪراچي جي شڪريہ سان پيش ڪجي ٿو.

هڪ ڀاءُ هجڻ ۽ ٻيو ڀاءُ وفات ڪري وڃڻ سبب سڪايل مائٽ ويهه ميل اڪين ڪان پري "مني اي، وي اسڪول" ۾ پڙهڻ لاءِ ڇڏي نہ سگهيا ۽ ڇهون درجو پاس ڪرڻ بعد ٻہ سال ڪن خانگيءَ طرح پارسي ۽ اردو چڱيءَ طرح ۽ تمام ٿوري ڪجراتي، هندي، عربي ۽ انگريزي پڙهيم- [گهٽو ... ...ءِ اديب فاضل ۽ مئٽرڪ بہ پاس ڪئي اٿم]

س- اوهان جو ادب ڏانهن لاڙو ڪيئن پيدا ... اوهان ۾ لکڻ جو شوق ڪيئن جاڳيو؟

ج- ادب سان ۽ خاص طرح آکاڻين ۽ قصن سان منهنجي

والد مرحوم کي بہ گهڻي دلچسپي هئي، ان ڪري اهو شوق فطري طرح ساڻن ننڍپڻ کان ئي هو. منهنجو هم ڪلاسي عزيز قاضي علي محمد بہ انهي ۾ همراه هو، ان ڪري ڇهين درجي ۾ ئي اسين هڪ ٻئي کي هٿ جون لکيل ٻہ هفتيوار اخبارون "فرحت آثار" ۽ "روح راحت" موڪليندا هواسون، جن ۾ ڪوشش ڪري اهي آکاڻيون لکندا هواسون، جي هڪ ٻئي جون پڙهيل نہ هجن."

هي شوق انهي حد تائين هو جو خود قرآن شريف جو تفسير پڙهنديءَ بہ انهن ۾ گهڻو زور آکاڻين پڙهڻ لڳائيندا هواسون ۽ ناول، قصا ۽ آکاڻين جا ڪتاب تمام گهڻو پڙهندا هواسون- هونئن بہ اسان ٻنهي جو حافظو بيحد سٺو هوندو هو، پر تاريخ جون آکاڻيون خواه آکاڻين وارا سبق ۽ ناول صرف هڪ دفعو تيز پڙهڻ سان بہ اهڙا ياد ٿي ويندا هئا، جو الف ليليٰ

ڏيپلائي مرحوم کان هفتہ وار برسات ڪراچي جي
جناب چيف ايڊيٽر يوسف شاهين جو انٽرويو
١٧ آڪٽوبر ١٩٧٢ انٽرويو جي انداز ۾ ڏسجي ٿو.

جون آکائيون، ۽ ٻيا عشقيه داستان پنهي کي ياد هوندا هوا، ايتري قدر، جو هڪ دفعو ١٥ ورهين جي عمر ۾ مرحوم پير موليڏنر شاهه ڪيڇي ڏيپلي ۾ آيو، ان سان گڏ اڙدو ناول "فلورا فلور انڊا" هو، هڪ ڏينهن لاءِ پڙهڻ لاءِ مليو ۽ هڪ ڏينهن پڙهڻ سان اهو سڄو ياد ٿي ويو.

انهي سلسلي ۾ هڪ مزيدار لطيفو ٻڌائڻ بہ دلچسپيءَ کان خالي نہ رهندو.

"گهٽي پڙهڻ يا فطري بناوٽ سبب منهنجي ٻري جي نظر ننڍپڻ کان ئي ڪمزور هئي (پر اسان کي اها خبر ڪانہ هئي تہ انهيءَ لاءِ چشمو ولبو آهي، اسين ڪامورن کي چشمو پائيندو ڏسي بہ ان کي آکڙ سمجهندا هواسون، مونکي پهريون دفعو ٢١ ورهين جي عمر ۾ اها خبر پيئي ۽ ان وقت ۾ چشمو ورتم تہ مائينس سوا چار تي پهچي چڪو هو.)

سو اسين صبح جو وٿاڻ ۾ گئون ڏهڻ لاءِ اچي ڪتا ٿيندا هواسون، هڪ طرف کان گئون ويندڙيون هيون ۽ ٻئي طرف کان گابا، پر آءٌ پري کان ايندي هنن کي ٺيڪ سڃاڻي نہ سگهندو هوس، ان ڪري ٻين همراهن طرفان مون تي اها ڊيوٽي ڏيوڻي لڳائي ويندي هئي، تہ تون اسان کي آکائيون ٻڌائيندو اچ ۽ اسين توکي اهو ٻڌائيندا سون تہ هاڻ گئون مڙي چڪي اٿئي، وڃي ڏوهہ".

س— اوهان جي شروعاتي دور جي لکڻين ۾ مذهب تي تمام گهڻو زور ڏنل آهي، ان جو ڪهڙو سبب هو ۽ اڄ اوهان جو انهن لکڻين جي باري ۾ ڪهڙو خيال آهي؟

ج— (الف) جيئن تہ آءٌ "خانداني عرف ختنائي" مسلمان آهيان (اهو اصطلاح هيئنر بنهہ تازو چالو ٿيو آهي) گهر ۾ روزو نماز زوو هوا، ان ڪري ننڍي هوندي کان ئي مذهبي تہ هوس، پر غريب هجڻ سبب مون کي ٻين جي غربت جو بہ شايد احساس هو ۽ آءٌ سمجهندو هوس تہ اها غربت فقط

اسلامي نظام قائم ٿيڻ سان لهي سگهي ٿي، ان ڪري اسلامي اصولن جي تبليغ ۽ اسلامي حڪمت قائم ڪرڻ جي ڪوشش جنون جي حد تائين ڪندو هئس.

(ب) آءٌ انهيءَ ڪم ۾ مرشديءَ کي سخت رڪاوٽ سمجهندو هئس، منهنجي مذهب تعليم سموري ملن کان حاصل ڪيل هئي، ان ڪري انهن کي وري سنا سمجهندو هئس. اهوئي سبب آهي جو مرشدي خلاف سخت لکندو هئس، ايتريقدر جو ١٩٤٦ع ڌاري ته اکر به لکي ويٺس "شاهه ڀٽائي (رح) ٿوري علم وارو هو، جنهن ڪري سندس رسالي ۾ گمراهين جا انبار گڏ ٿيل آهن." پر جڏهن منهنجي انهن لفظن جي ترديد جي پورش ٿي، تڏهن صرف انهن ترديدن جا جواب لکڻ خاطر جو رسالي کي غور سان مطالعه ڪيم ته پنهنجي گمراهيءَ ۽ اڻ ڄاڻائي تي بيحد تاسف ٿيم ۽ وري اتفاق جي ڳالهه آهي جو ترت ئي پاڪستان قائم ٿيڻ بعد "اسلام" جو فريب ڏيئي اول ڪراچي ۾ پوءِ سنڌ جي تمام گهٽي ملڪيت انهن شخصن طرفان کسجڻ لڳي، جن مان ڪن جي گهر جو صرف هڪ فرد "ختنائي" (طهريل) هو پيا ته اڻ طهريل به هوا، پر اسلام جا اهي به وڏا ٺيڪدار ۽ هندن جي ملڪيتن جا ته وارث بڻجي پيا، پر سنڌ ۽ سنڌين کي پنهنجا مفتوح به تصور ڪرڻ لڳا. تڏهن منهنجي به اک کلي پيئي، ته مار ڪٿي وڃي ٽڪياٽا آهيون! پر عين ان وقت هڪ وڏي اسلام پسند علامه آفتاب حسن جو لکيل ڪتاب "جديد معلومات سائنس" پڙهندي ذهن کي هڪ وڏو ڌڪ لڳم ته "انسان ڪيئن پيدا ٿيو آهي،" بس پوءِ ته ملن لاءِ هيءَ ئي مصرعه وات ۾ هوندي هيم ته:

رهزنـــے بودي و مـن
اول تر انـشنا خـــتم
حيـف اوقــاتـــے کہ
دنبال تو ضايع سا ختم!

يعني تون تہ ڪو وڏو رهزن هئين ۽ مون توکي اول ڪونہ سڃاتو. لعنت آهي انهن وقتن تي، جي تو پنهنجا اجايا وڃايم .) ۽ ساڳي وقت گورڪي جي ڪتاب "ماءُ" جو ارادو ترجمو بہ پڙهيم ۽ مسٽر [illegible] ابراهيم جويہ ۽ مسٽر حيدر بخش جتوئيءَ جي سنگت بہ حاصل ٿي، پوءِ اهي سڀ حملا يڪا ٿيڻ تي سوچ جو انداز بہ بلڪل بدلجي ويو، مگر اهو ١٦ جا ٣٢ آنہ تڏهين بدليو، جڏهن ون يونٽ ٺهيو ۽ حڪومت شاهد آهي تہ سڄي پاڪستان مان، ون يونٽ خلاف بنهہ زوردار ۽ ايڏانگو لکڻ سبب، مون هڪڙي جي اخبار "عبرت" جا اشتهار بند ڪيا ويا ۽ اهي وري لکڻ لاءِ اهو شرط وڌو ويو تہ ٿي مهينا ون يونٽ جاڳڻ گهاءِ، تہ توکي مالا مال ڪنداسون مگر مون نہ فقط ڳڻ نہ ڳايا، بلڪ برخلاف بہ اخبار ۾ خواه ڪتابن ۾ لکندو رهيس، جنهن جي نتيجي طور پهرين مارشلا لڳڻ شرط گرفتار ڪيو ويس ۽ منهنجن ڪتابن (١) انور پاشا (٢) ١٨٥٧ع (٣) جياني گڏي (٤) امڙ آئي بہ ضبط ڪيو ويو.

ج- انهي وقت ڪان آءٌ پاڻ کي (١) انسان (٢) سنڌي (٣) مسلمان سمجهندو هوس ۽ جولاءِ جي فسادن بعد تہ اول بہ سنڌي ۽ آخر بہ سنڌي سمجهندو آهيان ۽ انهيءَ ڪانسواءِ پاڻ کي پيو ڪجهہ بہ سمجهڻ کي زهر قاتل سمجهندو آهيان.

س- اوهان پهري مرشديءَ کي ڪيترقدر نقصانڪار سمجهو ٿا؟

ج- مرشديءَ کي تہ آءٌ پوري انسان ذات لاءِ ڪاري نانگ کان بہ وڌيڪ زهريلو سمجهان ٿو، ڇو تہ هو فقط جسم کي مفلوج ڪري ٿو ۽ مرشدي دماغ کسي، ازان ڪان سواءِ ڪاري نانگ کي خطرناڪ سمجهي ان ڪان پاسو ڪيو آهي، پر مرشدي دماغ کي ايڏو مفلوج ٿي ڪري جو انهن جو گناهہ بہ باطن ۾ ثواب پيو نظر ايندو آهي ۽ هو خود بہ اها تبليغ پيا ڪندا آهن.

س- پيري مريديءَ جي بدعت خلاف سنڌ ۾ اوهان جيڪا مهم هلائي ان جي اثرات بابت اوهان جو ڇا رايو آهي؟

ج- آءٌ اعتراف ٿو ڪريان ته مون خواه پين تمام گهڻن شخصن جي پرزور ڪوشش بعد به "مرشدي" تي صرف اٺ آنه اثر پيو آهي، پر اٺ آنه عوام اڃا ته ساڳئي مرض ۾ گرفتار آهي، بلڪ خوش فهمي ڪي بنهه پري ڪريان ته شايد اهو اثر اٺ آنه نه بلڪ چار آنا به مس ٿيو هجي، ڇو ته موجود معاشي نظام سبب انسان اهڙو ته پريشانين ۾ پريل آهي، جو "مرشدي مدد" ۾ ڦاسڻ ڪانسواءِ چڻ ته پيو ڪوبه چارو ڪونه اٿس، ۽ انهن ۾ نه فقط جاهل بلڪ ڪي تمام وڏا جديد تعليم يافته به قائل آهن، بهر حال بمصداق:

ڪم ڪرڻ ڪان ٿيندي س
ڪــڪ مـــور ڪيـن
جـــي مٿيـس تـــه بـــ
مونـکي چـــوندا آفريـــن

ڪوشش ته سڀ ڪندا رهون ٿا ۽ ڪندا رهنداسون.
پر مون کي اهو انڪشاف ڪندي به هبڪ ڪانه ٿي ٿئي، ته اسان جي ڪوشش ڪـــي "اوقاف ڪاتو" ڏاڍو ڌڪ لڳائي ٿو، گهڻيءَ پيدائش ٿيڻ لاءِ هو به پيريءَ مريديءَ کي تمام گهڻو همٿائيندو رهي ٿـو ۽ ٿورڙي لالـچ ۽ نـام آوريءَ جو شوق ڏيئي وڏن وڏن اديبن ۽ مفڪرن جي ذهن جي پيڙي پوڙي ٿو.

س- سنڌ ۾ هندو مسلمان جي وچ ۾ انگريز سامراج نفاق جو جيڪو ٻج ڇٽيو، ان تحت اخبارن ۾ پاڪستان ٺهڻ تائين مذهبي جهيڙو هليو ۽ اوهان به زور شور سان ان ۾ حصو ورتو، ان بابت ڪجهه ٻڌائيندا؟

ج- انگريزي حڪومت ١٨٥٧ بعد پنهنجو بچاءُ انهي ۾ ئي سمجهيو، هندو مسلم نفاق ڦهلائيندي رهي ۽ هوءَ انهي

۾ پورا ستر ورهيه نهايت حڪمت عمليءَ سان ڪامياب رهي، ته اوچتو ۱۹۱۹ع ۾ هندو مسلمان ايتري قدر ڻهي ويا، جو جا ته دهليءَ ۾ عيدالضحيٰ تي (۸۰۰) ڳئون ڪسنديون هيون يا وڃي (۸۴) تي پهتيون. انگريزي حڪومت لاءِ هاڻ سوٽ جو سامان هو، پر اول سوامي ديانند ۽ پوءِ خواجه حسن نظامي ۽ پين عالمن وسيلي هوءَ وري به هندو مسلم نفاق وجهڻ ۾ مورڳو وڏيڪ ڪامياب ٿي ويئي، جنهن ڪري ۴۰-۵۰ ورهيه پيا به ملي ويس.

اسان مان گهڻا انهي رنگ ۾ رنگجي ويا ڪو ملي يا نه ملي، پر ڪن تمام ٿورن روشن دماغن ڪان سواءِ پين تي به جولائي ٽائين اهو اثر رهيو، پر انهي تاريخ جي واقعن ذهنن کي اهڙو جهٽڪو لڳايو، جو هاڻ هر ”سنڌي پاڻ“ تي پهچي ويو آهي.

س- اوهان هندو انتها پسندن جو جواب انتها پسنديءَ سان ڏيڻ بدران هندو ۽ مسلمان عوام جي وچ ۾ ڀائيچاري تي زور ڏيو ها ته چڱو نه ٿئي ها؟

ج- اسان لاءِ ڪوبه ڀائيچارو سواءِ ”سنڌيت“ جي نه اڳ مفيد هو نه هاڻ- منهنجي سوچ ته اڄان اتيئي پهتل آهي. آءٌ صاف صاف ٻڌايان ٿو ته، آءٌ في الحال ته سنڌين لاءِ لکندس.

عبدالرحمان ڏيلائي

منهنجو سائين

آءٌ پنهنجي سائين جون ڪهڙيون ڳالهيون لکي ڪهڙيون لکان؟ ان لاءِ ته ڪي وڏا ڪتاب لکجن ته به ٿورا، تاهم محترم نور محمد عباسي صاحب جي پُرزور اصرار تي پنهنجي سائين سان گذاريل وقت مان ڪي ڪجهه پيش ڪري رهيو آهيان.

منهنجو سائين نهايت ئي پر عزم ۽ حوصلہ مند انسان هو. مون سان کيس بي انتها پيار هو. هو مون کانسواءِ پاڻ کي ويڳاڻو ويڳاڻو محسوس ڪندو هو.

آءٌ ١٩٦٦ع ۾ حيدرآباد جي هڪ مل ۾ بطور ڪلارڪ مقرر ٿيس جو منهنجي والده مرحومه جو اصرار هو ته آءٌ ڪا نوڪري ڪريان، پر جيئن ته منهنجو ذهني لاڙو پريس ۽ صحافت سان هو سو پنهنجي سائين کي چيم "ته بابا" نوڪري مان جند ڪيئن ڇڏايان جئن امان به نه ڪاوڙجي ۽ جان به ڇٽي،" ته ٽهڪ ڏيئي چيائين، "اها ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي، ٿورو مٿي ۾ ڪپهه وجهي اچجان ۽ پنهنجي مان جي اڳيان اچي ڪنجهجان ۽ هوءَ ان جو سبب پڇندي ته ٻڌائجانس ته، "امان هن نوڪريءَ ۾ مون کي ٽي بي ٿي پوندي،" پوءِ بس مسئلو حل ٿي پوندو." سو، مون بابي جي چوڻ تي عمل ڪيو ۽ امان چيو ته "ابا، باهه ڏي اهڙي نوڪريءَ کي شل تون بچين."

هڪ دفعي آءٌ رستي تان سگريٽ پيئندو ٿي ويس ته رستي تي بابا ۽ ڪريم بخش خالد (سنڌس دوست) ڏٺم، سو ڏپ منجهان سگريٽ ڦٽي ڪري ڇڏيم. صبح جو منهنجي ننڍي ڀيڻ مون وٽ آئي ۽ چيائين ته "ادا، بابو پيو سڏيئي" آءٌ

ڳنتي ۾ پنجي ويس تہ ڦڪ مار کائيندس، سو ٻڌندو ٻڌندو بابا جي اکيان ويس، بابا پڇيو تہ، ”توهان سگريٽ پيئندو آهين ڇا؟“ مون اول تہ نهڪر ڪئي پر پوءِ هاڻ چيائين تہ ”بابا ڪوڙ نہ ڳالهائجي.“ خير، سو هائو ڪئي مانس، جنهن تي پاڻ نهايت ئي محبت چيائين تہ بابا هاڻ تون جوان آهين، جي سگريٽ پيئين تہ توکي منع نہ آهي، پر سنهنجو فخر ۽ مان ٽٽي ويندو، جو منهنجي اولاد مان ڪوبہ سگريٽ ڪونہ ٿو پيئي، هاڻ هي وٺ پنج رپيا ٽافين واسطي، جيڏي مهل سگريٽ جي ٻاڙ ٿيئي ٽافي کائي ڇڏ جاءِ.“

(۳)

غالباً سال ١٩٦٥ع ۾ اسان جي پريس کان بئنڪن وارن قرض جي سبب سيل ڪري ڇڏي ۽ مون کي ڊپ ٿيو تہ اڄ بابا جو هارٽ فيل ٿي ويو هوندو، يا بابا غم ۾ چريو ٿي پيو هوندو، سو اٺين شام جو ۵ بجہ مهل گهر ۾ ٻڏندو ٻڌندو داخل ٿيس ۽ دل ۾ اهوئي هو تہ اسان روئندي هوندي ۽ بابا گذاري ويو هوندو...... ڇا ڏسان تہ بابا سائين شال اوڍي ستل آهي، سو اسان کان آهستہ آهستہ پڇيم تہ ”بابا ڪٿي آهي؟“ ”ٺيڪ آهي، ستو پيو آهي“ — ڪجهہ دير بعد بابا بہ جاڳيو، چيومانس تہ ”بابا پنهنجي پريس تہ بئنڪ وارا سيل ڪري ويا آهن، تہ کلي چيائين، ”ها بابا خبر آهي، بابا، اٺ هڪ زميندار وٽ ڏهن روپين پگهار تي منشي هوس، الله پنهنجي نوازش ڪري اها پريس عطا ڪئي، هاڻ وري ڦري اٿس، سندس مرضي، وري ڏيندو تہ بہ سندس مرضي، ”هاڻ هي وٺ ڏهہ روپيہ وڃي فلم ڏس.“

(۴)

سال ١٩٦٨ع ۾ هڪ نوڪريءَ ۾ هوس، پر صحافت ڏانهن مائل طبيعت سبب استعفا ڏيڻ چاهيم تہ والده مرحوم

منهنجي پيٽ جي ذريعي خط لکيو ته ”مون ٻڌو آهي ته تون استعفا ڏيئي رهيو آهين، سو ايا تنهنجي فـلاڻي موٽ، فلاڻي ماسات کي نوڪري ڪانه ملي آهي، استعفا هرگز نه ڏج.“ پر بابا سائين کي جڏهن لکيم ته استعفا ڏيڻ چاهيان ٿو تڏهن لکيائين ته ”بي فڪر ٿي استعفا ڏيئي هليو اچ، پر پنهنجي ماءُ کي ٻڌائجانءِ، آءٌ موڪل وٺي آيو آهيان، ۽ پوءِ خوب پرديس تي ۽ اخبار تي محنت ڪجانءِ ۽ پئسا ڪمائي پنهنجي ماءُ کي ڏجانءِ پوءِ ڀلي ٻڌائجانءِ ته استعفا ڏيئي آيو آهيان.“

(٥)

گذريل سال منهنجي وڏي پاءُ مون کي سعودي عرب گهرايو. ڪجهه مهينن بعد مون کي اتي جي هڪ اداري ۾ سٺي نوڪري ملي وئي تـه بـابا مون کي مبارڪباد جو خط لکيو جنهن ۾ هي شعر لکيائون:

”سرخرو ھوتا ھے انسان ٹھوکریں کھانے بعد
رنگ لاتی ھے حنا۔ پتھر پہ پس جانے کے بعد

ان بعد جڏهن مون حج ڪيو ته پاڻ مبارڪباد جو خط لکيائين ته ”پيارا حاجي عبدالرحمان، اوهان جا حج تان موڪليل فوٽو ڏسي دل ٺري پئي ۽ بي اختيار مولود جي هيءَ مصرع زبان تي آئي ته:

”حاجي حج تان وريا، منهنجا نيڻ ٺريا
اديون منهنجا ڪلندي گهر آيا“

۽ لکيائين ته انشاءالله ٻن سالن بعد پنهنجي بيگم سان گڏ پوءِ حج به ڪندا، اوهان لاءِ دعاگو آهيون ته ساليانه موڪل تي اسان سان اچي ڪچهريون ڪندا

(٦)

آءٌ بابا کي سعودي عرب مان سندس ذاتي خرچ لاءِ

ئي سو رويه مهنو موڪليندو هوس پر سندس اخبار ۽ پريس جي لاءِ محبت جو اهو ثبوت ئي ڪافي آهي، جو پاڻ لکيائين ”يار عبدالرحمان، اڄ تنهنجا ٽي سو روپيا مليا نه ته مس ۽ پني لاءِ پئسو ئي ڪونه هو، ڪمپوز جام لڳي پئي هئي، يڪدم مس ۽ پنو گهرائي ڪمپوز ٽيل مهنڊ ڇپرايم.“

پاڻ سعودي عرب ۾ هڪ خط ۾ لکيائين ته ”پيارا عبدالرحمان اوهان جون موڪليل پينون مامون نهايت ئي عاليشان آهن، هتي اصل ڪونه ٿيون مان جيڪڏهن اوهين خدا پاڪ تي ڀروسو رکي مڪمل ڪوشش سان ڇمي رهندؤ ته انشاالله تعالي عادل ڪامل سنڌي جهڙي درجي تي پهچي ويندؤ آمين! چاليهه سال اڳ آءٌ ڏيپلي ڪان حيدرآباد آيس ته ان وقت ڏيپلي ڪان حيدرآباد اچڻ هينئر جي حيدرآباد ڪان رياض پهچڻ جهڙو ڏکيو هو. اهو سائو ملڪ آهي، خدا ڪندو. ته سگهي تي ويندو.“

(٤)

بابا، جو مون کي آخري خط آيو، جنهن ۾ لکيائين ته هنئر شهر ۾ ڦضها ٿيا ته ٻه اتي ڪونه وڃي سگهيس، آءٌ ايترو چاق نه آهيان، جيترو اوهان مون کي ڇڏيو هو، صبح جو ٻه ئي ڪلاڪ پريس تي ويندو آهيان، شام جو وندر خاطر پريس ڪلب.

”عمري بابت مون از خود ڪونه لکيو هو، توهان فون تي چيو هو، تڏهن مون لکيو ته ٻلي گهرايو نه ته اهي مڪا مدينا اسمن هتي روز پيا ڏسون، ڪاڏو ٻه آءٌ گهٽ ڪائيندو آهيان، ٻيري ولندي پئي وڃي، هينئر ايئر بس لاهور لاءِ نئن ڏينهن جي سير ۽ هلٽن هوٽل ۾ رهڻ جي دعوت ڏنائون، پر آءٌ ڪونه ويس، هتي ٻه پريس ڪلب ڪانسواءِ ڪٿي ٻه ڪونه ٿو وڃان.“

آفتاب محمد شاھ پروانو مدئجيوي

صحافت جو ڌهيسر ڏيپلائي

سنڌو جي معني آهي وهندڙ. انهيءَ وهڪري ۾ ڪيترائي هيرا جواهر لڙهي وڃن ٿا ته ڪيترائي لڙهي اچن ٿا. انهن هيرن مان مرحوم محمد عثمان ڏيپلائي به هڪ هو.

هو نه حيوان هو نه فرشتو هو انسانن وانگر هڪ انسان هو، پر انتهائي عجيب هو. مٽي جو پتلو مٽي ۾ ويو. بيشڪ اسان سڀني کي انهيءَ طرف وڃڻو آهي. هن جو روح وڃي پنهنجي حقيقي مالڪ سان مليو آهي، پر هن جو خاڪي جسم مٽي سان گڏ مٽي ٿي ويو آهي.

هن دنيا جي تختي تي ڪيترائي اهڙا انسان اچن ٿا جيڪي پنهنجي زندگي ٻين جي خوشي لاءِ وقف ڪن ٿا، پوءِ اهي شخص هن دنيا مان هليا وڃن ٿا پر سندن تاريخ ۾ نالو هميشه روشن رهي ٿو. انهن سڀني خوبين جو مالڪ مرحوم ڏيپلائي پڻ آهي.

مرحوم جيڪا تر ۽ سنڌ جي خدمت ڪئي آهي ان کي وسارڻ منهنجو ضمير گوارا نه ڪندو. مرحوم هڪ دلير غريبن جو هڏ ڏوکي ۽ زنده دل انسان هو. مرحوم هميشه مظلومن جو پاسو پاري ڪرائيندو، هو هميشه ظلم جي مقابلي ۾ ڍال ٿي رهيو آهي ته ظالم جي مقابلي ۾ ذوالفقار ٿي رهيو آهي. هن ظلم سبي خلاف قلم جي نوڪ ذريعي حق جو آواز بلند ڪيو آهي مرحوم نه صرف قلم کان ٿيندڙ ظلم ۽ ڏاڍ خلاف ڪم ورتو آهي پر سنڌس زبان به هن قسم جي جهاد ۾ قلم کان وڌيڪ مصروف رهي آهي.

مرحوم کي اصل کان وٺي سنڌي ادب سان چاهه هو ۽ آخري دم تائين جيڪا سنڌ ۽ سنڌي ادب جي مرحوم خدمت ڪئي اها خدمت ان وقت تائين قابل تعريف رهندي جنهن وقت تائين دنيا جي تختي تي سنڌ زنده رهندي. مرحوم جون خدمتون ان وقت تائين چمڪندڙ لاٽ وانگر روشن رهنديون جنهن وقت تائين دنيا ۾ سنڌي زبان ڳالهائڻ وارا زنده هوندا.

مرحوم جي ڪچهري جي ابتدا ۽ اختتام قرب ۽ محبت سان ٿيندي هئي مرحوم هميشه پنهنجي ڪچهري ۾ ظلم ۽ ڏاڍ خلاف حق جو آواز آڻاريندو هو. جن بخت وارن انسانن اهڙي ظلم کي چرڪائيندڙ ڪچهريون ڏٺيون ۽ ٻڌيون هونديون اهي ئي انسان ان شخصيت جو قدر ڪري سگهندا. ڪچهري دوران مرحوم جي زبان مان بيشمار اڻ لڀ هيرا نڪرندا هئا. جيڪڏهن انهن هيرن کي ان وقت تحرير ڪجي ها ۽ پوءِ ڪتابي صورت ۾ آڻجي ها ته منهنجي نظر ۾ ان ڪتاب جي قيمت دنيا جو امير ترين ملڪ به ادا نه ڪري سگهي ها. هي شخص ته صحافت جو ڏهيسر هو ۽ ادب اخلاق جو ته هار هو. غريبن جي سڪن خاطر سختيون به ڏاڍائين همت ۽ بهادري جو ته لشڪر هو. هن پنهنجي قلم جي مس کي کهاڙي ڪري استعمال ڪيو پوءِ پوري هند سنڌ مان جهالت جي خاتمي لاءِ تحريري تحريڪ شروع ڪيائين. هن صحافت جي ڏهيسر جو سوچيندڙ لهو ڪڏهن به پنهنجو حوصلو نه هاريو ۽ هميشه پنهنجي سوچ کي الله سائين جي مهرباني سان بلند رکيائين. هروقت مرڪندڙ چهرو، پننجهي، پرائي، دوست ۽ دشمن جو به خير چاهيندو هو.

ڏيپلائي صاحب جو ڪنهن سان به اختلاف نه هو. صرف مرحوم جا انهن سان اختلاف هوندا هئا. جيڪي سنڌ ۽ سنڌ جي عوام کي ڪچلڻ چاهيندا آهن. جنهن ۾ پهريائين ملو، پوءِ ٻيو نئين نمبر تي زميندار، سرمائيندار ۽ چوٿين نمبر ۾ ڪامورو شامل آهن. ڏيپلائي ...

آواز بلند ڪيو آهي. انهن ظالمن جي اڳيان هميشه ڏيپلائي صاحب سنڌ جي مظلوميت کي ظاهر ڪري ڏيکاريو آهي. جيڪي هميشه سنڌ جي غريب عوام تي ظلم ڪندا آهن. پر پنهنجي آقائن جي اڳيان ڪجهه به ڪڇي نه سگهندا آهن. جيئن ڪنهن شاعر چيو آهي:

لڳن ٿا گهر اندر زال جا پادر پاهر خان ٿا سڏايون
غيرت ڪٿي آهي اسان ۾ انسان ٿا سڏايون

ڏيپلائي صاحب سنڌي ادب جي وڏ ۾ وڏ خدمت ڪئي آهي. هن ڪيترائي سنڌيءَ ۾ ڪتاب، ناول، لطيفا ۽ ناٽڪ وغيره لکيا آهن. هي صاحب پنهنجي پيرسنيءَ واري زماني ۾ جنهن وقت انسان ڳالهائڻ کان مجبور ۽ گهمڻ کان لاچار سڏائين اسپتال جو مريض هوندو آهي، ان وقت به هي زنده دل انسان چپ ڪري نه ويٺو ۽ پنهنجي حياتيءَ جي اختتام تي پهچڻ کان ڪجهه عرصو اڳ ۾ سنڌي ۾ هڪ انمول ناول "ايران انقلاب" لکي ڇپائي سنڌي عوام اڳيان پيش ڪيائين. هي صاحب فرصت واري وقت ۾ مظلوم عوام لاءِ ڪونه ڪو سٺو خواب لهندو هو پوءِ ان جي تعبير لاءِ سر ڌڙ جي بازي لڳائيندو هو. مرحوم جي زندگي جو اهم حصو ادبي خدمت ۾ گذريو. جيڪو هميشه سنڌي ادب ۾ سونهري باب جي حيثيت ۾ ياد رهندو. مرحوم هن دنيا ۾ قلم سان جيڪا شمع روشن ڪري ويو آهي ان کي دنيا جو ڪوبه شخص ڦوڪ ڏيئي وسائي نٿو سگهي. مان پنهنجي نئڍڙي ذهن موجب اهو لکڻ ضروري ٿو سمجهان ته مرحوم جنهن انداز سان تحرير ڪندو هو اهڙي قسم جي تحرير ڪندڙ دنيا ۾ مشڪل سان ملندو. مرحوم جيڪا آخري دم تائين ٿر ۽ سنڌ جي خدمت ڪئي آهي سنڌي ادب ۽ ٻولي جي واڌاري لاءِ جيڪا ڪوشش ڪئي آهي تنهن جي شاهد هميشه سنڌي ادب جي تاريخ رهندي، منهنجي سوچ موجب مرحوم محمد عثمان ڏيپلائي مري ويو آهي پر "ڏيپلائي عزم"

نثو سري سگهي. جهڪڏهن اسان اهڙن انمول هيرن کي مثل تصور ڪريون، جن سنڌي ادب ۽ ثقافت جي واداري ۽ ترقي لاءِ بي بها خدمت ڪئي آهي ته پوءِ افسوس آهي اسان جي حال تي.

مان اهو ضرور چوندس ته جيستائين مرحوم جون لکيل ڪهاڻيون، ناول، ڪتاب ۽ ناٽڪ وغيره زنده آهن ان وقت تائين مرحوم ڏيپلائي به زنده رهندو.

مرحوم جا تحرير ٿيل ڪتاب وغيره سنڌي ادب، ٻولي ۽ قوم لاءِ بي مثال تحفو آهن. جنهن تي اسان ۽ ايندڙ نسلن کي به فخر ڪرڻ گهرجي. اسان تي به فرض آهي ته انهيءَ بي مثال تحفي جي سڀ کان جي حفاظت ڪريون ڇاڪاڻ ته ان جي حفاظت سنڌي ادب ۽ قوم جي حفاظت آهي. انهيءَ تحرير ٿيل ڪتابن جي مفهوم کي سمجهڻ ۽ چڱي طرح پڙهڻ سان ئي مرحوم جي روح کي سڪون ملندو.

مان آخر ۾ اهائي دعا گهرندس ته الله سائين مرحوم کي جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏئي ۽ پوين کي صبر جميل جي طاقت ڏين. " آمين."

وڏيڪ منهنجو قلم نٿو لکي سگهي جيئن اردو ۾ شعر آهي:

زمين بن جائے کاغذ کی سمندر ہو سیاہی کا
قلم نہ لکھ سکے گا یہ محبت کی جدائی کا

نسل تائين بابا جون تحريرون پهچي سگهن.

عباسي: اوهان هن مهل تائين ڇا لکيو آهي؟

ثريا: مون هن مهل تائين ٽيهه کن ڪهاڻيون، ڏهه کن مضمون ۽ ايترائي مضمون لکيا آهن. شاعريءَ سان به مونکي دلچسپي آهي، اها به ڪافي ڪئي اٿم، جنهن ۾ ٻارن جي لاءِ پڻ گيت ۽ نظم شامل آهن. هڪ ناول "نيٽين ننڍ اڏاڻي" به زير تڪميل آهي. مستقل ڪالم سوچيان ٿي.... پڻ هيستائين گهٽي انداز ۾ لکي چڪي آهيان، جيڪو عبرت، سنڌ نيائمس ۽ ساٿهه ڊائجسٽ ۾ ڇپجندو رهيو آهي. انهن تي مون کي زينت چند ادبي انعام پڻ ملي چڪو آهي.

ڪجهه ڊراما به لکيا اٿم. "بي انعالي" نالي ڊرامي تي ۽ شاعري تي پڻ انعام ملي چڪو آهي. هينئر ٻارن لاءِ ٢ لکيل ڪهاڻيون ڪتابي صورت آڪم ايجنسي ذريعي ڇپرائڻ پياءِ سوچيا ٿي....! ڪي جلدئي ڪتابي صورت ۾ آڻبو، والد صاحب جي شخصيت تي پڻ مختلف مضمون لکيا اٿم.

عباسي: سنڌ ۾ ڪهڙا ليکڪ ۽ ليکڪائون آهن، جن اوهان کي متاثر ڪيو هجي؟

ثريا: هونئن ته سنڌ سڄي سون آهي، پر والد صاحب ڪانپوءِ ڊاڪٽر نجم عباسيءَ ڪان بيحد متاثر آهيان. ليکڪائن ۾ مهتاب محبوب جي تحريرن کان متاثر آهيان. مزاحيه لکڻين ۾ علي احمد بروهي کان بيحد متاثر آهيان.

عباسي: اوهين عظيم ليکڪ جي نياڻي آهيو. توهان جو گهر وارو قاضي محمد صديق جيڪو ادبي مذاق نٿو رکي ۽ ادب ۽ صحافت سان سندس ڪو واسطو ناهي ڇا؟ اهو توهان جي ادبي مصروفيتن ۾ رنڊڪ ته ثابت نٿو ٿئي؟ توهان ملازمت ۾ هوندي ادب لاءِ ايترو وقت ڪهڙيءَ طرح مخصوص ڪريو ٿيون؟

ثريا: اوهان جو ائين سوچڻ ته منهنجو گهر وارو عام ادب ۽ صحافت سان واسطو نه رکي صحيح آهي ۽ غلط به. منهنجو گهر وارو قاضي محمد صديق سيمڻ علمي گهراڻي سان تعلق رکي ٿو ۽ علم ادب ۽ مذهبي علمن ۾ مهارت جي ڪري ئي سندس ڪٽنب کي قاضي جو لقب مليو هو. قاضي صاحب جو ادب ۽ صحافت سان سڌو سنئون ته برابر ڪو تعلق ناهي پر پاڻ اعليٰ تعليم يافته ۽ صاف سٿري علمي ۽ ادبي ذوق رکندڙ آهي. باقي رهيو سوال رهنمائي جو، سو هر شخص جو پنهنجو مطالعو مشاهدو آهي ڪن حالتن ۾ ته پاڻ منهنجي مشاهدو کي وڌيڪ گهرو ۽ اثرائتو ڪن ٿا. باقي رهيو منهنجي ادبي راهه ۾ رڪاوٽ جو سوال، سو اهي سمورا ڪم، يعني تعليم سروس ۽ ادبي سرگرميون، مون شاديءَ جي گهٽي عرصي کانپوءِ ٻارن ٻچن جي چڱي سمجهدار ٿيڻ کان پوءِ حالات کي مناسب سمجهي شروع ڪيو ۽ ڪڏهن به ايتريون نه وڌايون آهن جو گهر ٻار تي اثرانداز ٿين، چو ته منهنجو ذاتي خيال آهي ته ادبي ڪم ۽ ذميداريون قوم ۽ ملڪ کي سڌارڻ ۽ چڱا خيال ڏيڻ لاءِ آهن ۽ سڌاري جي شروعات هميشه گهر کان ئي ڪبي آهي، لڪڻ وقت پڻ اهــا ڳالهه دهن ۾ ضرور هوندي اٿم ته ڪوبه اهڙو ڪم، عمل يا سرگرمي يا موضوع هجي جنهن سان پڙهندڙن کي فائدو پهچي.

ان سلسلي ۾ قاضي صاحب هميشه مون سان ڀرپور تعاون ڪيو آهي. تڏهن ئي مسان پنهنجن مقصدن (پڙهڻ ۽ لکڻ) ۾ ڪامياب ٿي سگهي آهيان. هونئن به منهنجا ڪم ۽ وقت ورهايل آهن، جن جي ڪري گهريلو حالات بلڪل متاثر نٿا ٿين، نه فقط قاضي صاحب جو ساٿ آهي بلڪ هاڻ تــه ٻار به تمام گهڻو تعاون ڪن ٿا. جنهن جي ڪري مونکي سوچڻ ۽ لکڻ لاءِ مناسب وقت ملي وڃي ٿو.

ڏيپلائي جي اسيري.

سنڌ جي ڪهنه مشق صحافي ۽ اديب ميان محمد عثمان ڏيپلائي کي ڪجهه ڏينهن کان گرفتار ڪري جيل جي چئن ديوارن ۾ محبوس ڪيو ويو آهي. اهو قدم سندس هڪ تازي تصنيف جي سلسلي ۾ کنيو ويو آهي جنهن لکڻ کي حقيقت ۾ آهي ته اسان واٽ پسند ڪونه ڪيو هو. اهوئي سبب آهي جو اتي هن اداري طرفان ڪنهن به تبصري ڪرڻ کان اسان پنهنجي عاجزيءَ جو اظهار ڪيو هو. اسين تائين اهو صحيح آهي ته ڏيپلائي صاحب کي عمر جي هن موڙ تي اهڙين اختلافي تحريرن کان گريز ڪرڻ گهرندو هو ۽ ان جي پاداش ۾ سندس گرفتاري ۽ اسيريءَ کي اسين ڪنهن حد تائين سخت گيري سمجهون ٿا. ڇا لاءِ جو سندس اها عمر ۽ صحت نه آهي جو زندان جون صعوبتون سهي سگهي. پڻ کڻي ڪيس اي ڪلاس ڇو نه ڏنو ويو هجي. اعتراض جوڳي تصنيف خلاف قدم کڻي ان کي ضبط به ڪري سگهجي ٿو. اسانجي نظر ۾ اهترو قدم ڪافي ٿئي ها. ڏيپلائي صاحب جون ڪي عوامي خدمتون به آهن. سندس تصنيف ۽ تاليف جو رڪارڊ ڪافي وسيع آهي. جناب پيڙهي صاحب جي ذات سان سندس والهانه عقيدت به ڪا لڪل ڳالهه ڪانه آهي. عمر جي هن منزل تي ڪنهن جي اعتراض جوڳي تحرير کان سندس جذباتي طرح متاثر ٿيڻ ۽ ان جي ردعمل طور اعتدال جون حدون ڏيئي وڃڻ ۽ هڪ اهڙو ڪتاب لکڻ جنهن ۾ اعتراض جوڳو مواد پيل هجي، ڪا غيرفطري ڳالهه نه آهي. جنهن ڪتاب جي جواب ۾ ڏيپلائي صاحب پنهنجو زور قلم صرف ڪيو آهي سو خود حڪومت طرفان ضبط ٿي چڪو آهي مگر انجي محرر خلاف نه ڪو به

وڏو سخت قدم نہ کنيو ويو آهي. ڏيپلائي صاحب جي حالت ۽ پوءِ هي امتيازي سلوڪ ڇو؟ اسين وري ٿا چئون ته ڏيپلائي صاحب جي زيربحث ڪتاب جي مواد سان اسان کي سخت اختلاف آهي بلڪ اسانکي انڪار جو ڏک آهي ته پوڙهي ٻڍائي اديب پنهنجو قيمتي وقت اهڙي تصنيف تي وڃايو جنڪا ڪيترن ئي لاءِ رنجيده خاطر ٿي. انجي باوجود سندس جهڙي اهل قلم جو وڏو تعميري ڪردار هئڻ ڪونه هو ۽ سندس تحريرن کي بلاامتياز پوري قوم جي دردن لاءِ ترياق ٻڌڻ گهرجي ها. انهيءَ جي باوجود اسين حڪومت سنڌ کي عرض ڪنداسين ته ڏيپلائي صاحب کي فورن رها ڪري سنڌ جي بهترين اديبن ۽ شاعرن جو مطالبو پورو ڪيو وڃي ۽ ڪيس هڪ ڀيرو وري موقعو ڏنو وڃي جئن هو اسانجي راءِ سان سنجيدگي سان غور ڪري زندگي جي آخري ايام کي ڪجهه منفرد ۽ مقصدي تصنيفن ۽ تحريرن جي اشاعت لاءِ وقف ڪري.

روزانہ عبرت حيدرآباد سنڌ ۱۳ اپريل ۱۹۷۶ لکيل ايڊيٽوريل جو عڪس پيش خدمت آهي.

With Best Compliments
from

Mohammad Iqbal Memon
GOVT. CONTRACTOR
P. O. MORO Distt: NAWABSHAH

With Best Compliments

from

Taweez Khan Mondokhel

APPROVED GOVERNMENT CONTRACTOR

Dawn Medical Store
Market Road, ZOAB
Baluchistan

Bunglow No. 617
Block B, Unit No. 8
Latifabad, Hyderabad Sind.

WITH BEST COMPLIMENTS FROM

KAMAL & JAMAL

GOVERNMENT CONTRACTORS

Bankers :
Habib Bank Ltd.
United Bank Ltd.

Head Office :
97/G-2. P. E. C. H. S.,
KARACHI

Branch :
B-72. Khawaja Colony.
Block No. 1/C
Unit No. 8. Latifabad.
HYDERABAD.

Branch :
114-B. Satellite Town.
RAWALPINDI

With Best Compliments

from

Ghulam Mohd.

GOVT: CONTRACTORS

P. O. HALANI

With Best Compliments

from

☎ 25119

M/s Auto World

IMPORTERS, MANUFACTURERS AND
GOVT; CONTRACTORS

GARI KHATA,
HYDERABAD.

With Best Compliments

from

MARVI TRADERS

APPROVED GOVT. CONTRACTORS
A N D
GENERAL ORDER SUPPLIERS

242/D, Unit No. 6,
LATIFABAD,
Hyderabad Sind.
☎ 83392

With Best Compliments

from

BHUROMAL

'A' CLASS GOVT. CONTRACTOR

N A U K O T

☎ 4

With Best Compliments

from

Ghulam Muhammed

'A' CLASS GOVT. CONTRACTOR

H. No. 8, B. No. 3, SATTELITE TOWN,

MIRPURKHAS

☎ 3547

With Best Compliments

from

Mohammad Hussain & Other

CONTRACTORS

Provincial Buildings Division,

NAWAB SHAH

With Best Compliments

from

Ali Hassan Junejo & Co.

A CLASS GOVT: CONTRACTORS

MOTAN MOHALLA,
P.O. RATO DERO,
Distt: LARKANA

With Best Compliments

from

NABI BUX BROHI

GOVT. CONTRACTOR

Jam Sahib Road, Nawab Shah

With Best Compliments

from

JAMIL ALI

GOVT. CONTRACTOR

CAP No. 2, NAWAB SHAH

With Best Compliments

★
★
★
★

from

M/s Dhani Bux & Co.

A CLASS GOVT; CONTRACTORS

H I N G O R J A

Dittt: KHAIRPUR

With Best Compliments

★

from

★

Ph : 84435

M/s Abdul Sattar Construction Co.

Old Pir Goth Bus Stand,

SUKKUR

With Best Compliments

from

Res : 2576
Off : 3658

Mohammad Qasim Shaikh

Govt. Contractor

Barrage Colony,

SUKKUR

With Best Compliments

from

★

★

★

★

KHUDA BUX

GOVT. CONTRACTOR

P. O. KANDIARO Distt: NAWABSHAH

With Best Compliments

from

G. Rasool Channa

GOVERNMENT CONTRACTOR

CAP No. 2, NAWAB SHAH

With Best Compliments

from

G. Rasool Sahto

GOVT. CONTRACTOR

P. O. KANDIARO Distt: NAWABSHAH

With Best Compliments

from

☎ 23908

ORIENT Corporation

Dealers in :-

Heavy Earth Moving Industrial Machinery and Spare Parts

Specialists of :-

Detriot Diesel Engine & Caterpillar Spare Parts

Office :
**16, Tayab Centre,
Gari Khata, Hyderabad.**

With Best Compliments

from

M/s Ilyas Memon & Co.

D/45, Unit No 8,
Latifabad, Hyderabad.

WITH BEST COMPLIMENTS FROM

Hydari Engineering Works

Government Contractors
&
General Order Suppliers

Hakim Habibullh Road,
Market, HYDERABAD.

With Best Compliments

from

M/S SHUJA-UL-HASSAN & BROS.

GOVT: CONTRACTOR

A N D

GENERAL ORDER SUPPLIER

A/117/58, Hirabad,

HYDERABAD.

With Best Compliments

from

NAZEER HUSSAIN

GOVT: CONTRACTOR

NEAR ISLAMIA COLLEGE

S U K K U R

With Best Compliments

★

from

★

Shaikh Brothers

GOVT. APPROVED CONTRACTORS
AND GENERAL ORDER SUPPLIERS

BARRAGE COLONY
JAMSHORO

With Best Compliments

from

Khaliqdad Khan

APPROVED GOVT. CONTRACTOR

House No. D-523/19/1
Barrage Road,
SUKKUR

84439
83658

With Best Compliments

from

Hafiz Abdul Khaliq

GOVT. CONTRACTOR

KASHMORE

With Best Compliments

from

M/s. SHER MOHAMMED PIRZADA & COMPANY

GOVT. CONTRACTORS

Hussainabad, Giddu,
Hyderabad (Sind).

With Best Compliments

from

☎ 33520

Mohammed Ilyas

Govt. Approved Contractor
Spare Parts of all kinds of Vehicle Tractors
& General Engineering Material

Gari Khata,
Hyderabad Sind.

WITH BEST COMPLIMENTS FROM

Mohammad Aslam Hashmi

APPROVED CONTRACTORS

M. E. S., Irrigation & Wapda Departments

267/E, Unit No. 9,

LATIFABAD, HYDERABAD.

Phone : 22184
Res : 83435

With Best Compliments

from

M/S DADA ENTERPRISES

GOVERNMENT CONTRACTORS

Flat No. 105, Burhani Centre,
S A D D A R,
HYDERABAD (SIND).

With Best Compliments

from

M/s. Haji Khuda Bux Shaikh

GOVT. CONTRACTOR

Shaikh Mohalla,
SHIKARPUR
Tel: No; 2506

(419)

With Best Compliments

from

Aunussalam Construction & Company

GOVT. & SEMI GOVERNMENT CONTRACTOR

Honse No. 43/1, Block E, Unit No. 5,

LATIFABAD, HYDERABAD.

With Best Compliments

from

Nazeer & Co.

PETROLIUM SERVICE

SANGHI Distt: SUKKUR ☎ 4

With Best Compliments

from

☎ 83365

M. USMAN & SONS

Civil, Electrical & Mechanical Contractors

Head Office: **Bunglow 2-A, Block E,**
Unit 6, Latifabad,
Hyderabad Sind.

With Best Compliments

from

Sher Zaman Khan

GOVT. CONTRACTORS

شیر زمان خان ـ گورنمنٹ کنٹریکٹرز

جامشورو روڈ، پٹھان کولھہ
حیدرآباد سندھ

WITH BEST COMPLIMENTS FROM

Haroon & Brothers

ENGINEERS & CONTRACTORS

Branches :

QUETTA
Zhob Medical Store,
Jinnah Road.

* * * *

HYDERABAD
114/C, Block D,
Unit No. 6, Latifabad.

HB

Telephone :
Zhob : 221
Quetta ; 75484

Head Office :
Z H O B

With Best Compliments

from

Shamsuddin Construction Company

APPROVED GOVT. CONTRACTORS

A N D

GENERAL ORDER SUPPLIERS

Station Road, SHIKARPUR

With Best Compliments

from

▲
▲
▲
▲

HOUSING ENTERPRISE

GOVT. CONTRACTOR

1st Floor, 130 Zoological Garden Building,

NISHTER ROAD, KARACHI

Phone : 61 08 69

WITH BEST COMPLIMENTS FROM

▲
▲
▲
▲

K. M. Safdar & Co.

CONTRACTOR

J–I Tayyab Centre,
Gari Khata
HYDERABAD.

C–36 Khawaja Street
Station Road
SUKKUR

With Best Compliments

from

International Bottlers Ltd.

Authorised Bottlers of :

COCA-COLA, FANTA

&

SPRITE

B-8 & B-15, S. I. T. E.,
HYDERABAD.

Teles : **41048,** 41157 *Cable :* **INTERDRINK**

With Best Compliments

★

from

★

M/s. Ghulam Akbar Chandio & Co.

GOVERNMENT CONTRACTORS

Near Pakistan Chowk,
L A R K A N A

With Best Compliments

from

M/s Shaikh Haji Atta Mohammed & Co

Government Contractors

Nawa Tak Mohalla,
LARKANA
23039

With Best Compliments

from

M/s NIZAMUDDIN & Co.

GOVERNMENT CONTRACTORS

Mirodero Street,
LARKANA
23135

مُلڪ جي اقتصادي ترقي لاءِ

- اسان پنهنجي آبادگارن جي ڪمند جي اپت وڌائڻ لاءِ هر طرح همٿايون ٿا.
- ڪمند اپائيندڙن کي ٻه سو کان وڌيڪ ٽرئيڪٽر فراهم ڪيا ويا آهن.
- آڪٽوبر جي پوک تي هڪ ٻوري يوريا ڀاڻ مفت ڏنو وڃي ٿو.

باواڻي شگر ملس ٽالهار، ضلعو بدين

With Best Compliments
from

SHAHABUDDIN & CO,

Cotton Ginners - Grain Merchants - Importers & Commission agents

MARKET ROAD, TANDO ALLAHYAR.

Phones· Office· 310 – Factory 470 – Hyd. 26840

With Best Compliments

from

M/s National Tubewells Construction Company

11 - F, GULBERGE - II

LAHORE

Cable : **NATIONAL**
Lahore

☎ **870350**
870359
882810
871051

With Best Compliments

from

Al-Fahim & Co.

'81/A, UNIT No. 3,
LATIFABAD, HYDERABAD.

With Best Compliments

from

AKBAR
ABBASI COTTON FACTORY

Proprieter

Mr. ABDUL LATIF ABBASI

Buchheri Telephone No. 3659

DISTRICT NAWABSHAH

Telephones:
Khipro: 41 / 9
Hyd: 82227
Karachi: 26874
27236

RAJAR COTTON GINNING & PRESSING FACTORY

KHIPRO Disstt: Sanghar

TILES of all kinds

MARBLE GRANITE ONYX

in Different Beautiful Colours

China Clay Refind Salt

available in Stock

R. S. RAJAR MINERALS

PLOT No. 39 and 47, S. I. T. E.

HYDERABAD SIND.

FTC DELIVERS THE GOODS TO THE FOUR CORNERS OF THE COUNTRY.

FTC DEALING IN MEDIUM AND HEAVY DUTY ELECTRICAL AND MECHANICAL EQUIPMENT AND THEIR SPARE PARTS.

PARTICULARLY WE DEAL WITH ISUZU, NISSAN, CATERPILLAR, G.M. ENGINE, FIAT & MERCEDEZ BENZ, KOMATSU, SAVIEM, BERLIET VEHICLES AND PARTS.

AND WE ARE THE SOLE AGENT OF RENAULT VEHICLE INDUSTRY IN PAKISTAN

IN DEPTH ENGINEERING ASSISTANCE,
HIGH TECHNICAL STANDARD AND SERVICE,
THE RIGHT PROFESSIONAL PARTNER FOR YOUR NEEDS

FTC PROJECTS MANUFACTURERS AND SUPPLIES COMPLETE EQUIPMENT FOR THE INDUSTRIES AND ORGANISATIONS ALL OVER THE COUNTRY

FOR BETTER SUPPLIES AND ECONOMICAL SOLUTION AND UP TO DATE STOCK LIST, PLEASE CONTACT:

FEDERAL TRADING CORPORATION

125, WAZIR MANSION,
NICOL ROAD, KARACHI,
P.O. Box No. 5943
Ph. 239674 & 238362

With Best Compliments

from

Abdul Ghaffar Khan

GOVT. CONTRACTOR

House No. C–13,
Near Petrol Depot.
Rahuja Road,
SUKKUR

Phone : 83205

Estd: 1948 **Phone : 23560**

WITH BEST COMPLIMENTS

FROM

AFGHAN AUTOMOBILES

MOTOR PARTS DEALERS

Government Approved Contractors & General Suppliers

(Specialist of Bulldozer Parts)

West Katcha, Gari Khata,

HYDERABAD (Sind)

قائم شدہ ١٩٤١

نفع ونقصان شراکتی نظام — چند حقائق جن کا جاننا ہر پاکستانی کے لیے ضروری ہے

نفع ونقصان شراکتی نظام سود سے پاک بنکاری پر مبنی ہے اور شریعت کے عین مطابق ہے۔ اس نظام کے تحت نفع ونقصان پر مبنی شراکتی کھاتے کھولے جاتے ہیں۔ آپ ایک نیا نفع ونقصان شراکتی اکاؤنٹ کھول کر یا اپنے موجودہ سیونگ اکاؤنٹ کو غیرسودی اکاؤنٹ میں تبدیل کر کے اس نئے نظام میں شریک ہوسکتے ہیں۔

حبیب بینک شراکتی کھاتوں میں جمع شدہ رقوم کو محفوظ اور منافع بخش کاروبار میں لگاتا ہے تاکہ کھاتے داروں کو زیادہ سے زیادہ منافع حاصل ہو سکے۔

حبیب بینک تشریف لائیے جہاں نفع ونقصان پر مبنی شراکتی کھاتے کھولنا اور رکھنا بے حد آسان اور منافع بخش ہے۔

حبیب بینک لمیٹڈ

With Best Compliments

from



Haji Shamshad Khan
Rehman Khan Khattak

GOVT. CONTRACTOR

HYDERABAD.

With Best Compliments

from

Haji Mohammad Iqbal Shaikh

Govt. Contractor

Liaquat Colony, HYDERABAD.

With Best Compliments

from

☎ 6867

M/s Din Mohammed & Co.

'A' CLASS GOVERNMENT CONTRACTOR

SHIKARPUR ROAD, SUKKUR

With Best Compliments

from

M/s Sherbac Ltd.

ENGINEERS & CONSTRUCTORS

C - 911/1 - 13, Dari Muhalla,
LARKANA

With Best Compliments

from

MURTAZA ALI

GOVT; CONTRACTOR

H. No. B - 14, Phuleli Road,

TANDO MOHAMMED KHAN

With Best Compliments

from

ENGINEERING SALES CORPORATION

INDENTORS • IMPORTERS • EXPORTERS

317, PRINCE CENTRE,
PREEDY STREET,
KARACHI - 3, PAKISTAN
Phone : 72 91 07

With Best Compliments

from

Qammerdin Shaikh

Government Contractor

Mir Ali Bazar, KHAIRPUR

With Best Compliments

from

Afzal Chowdri

ZAMINDAR & GOVT: CONTRACTOR

P. O. Gambat Distt: Khairpur

With Best Compliments

★
★
★

from

★
★
★

MIAN WAHEED ENTERPRISES

ENGINEERS CONTRACTOR

P. O. BOX 1023

LATIFABAD HYDERABAD

With Best Compliments

from

SHAIKH MANZOOR AHMED & COMPANY

Government Contractors

26/B, Unit 3,
Latifabad, Hyderabad.

With Best Compliments

from

Crystal Traders

329, PRINCE CENTRE.
PREEDY STREET,
PLAZA SQUARE,
KARACHI-3.

With Best Compliments

from

NOOR
TEXTILE MILLS LTD.

S.I.T.E, Kotri

Dist, Dadu, Sind.

Phone: 50137 - 50138 - 50139

With Best Compliments

from

PREMIER

COTTON GINNING FACTORY

(Lessee Khan Cotton Ginners)

NAWABSHAH

With Best Compliments from

MEHRAN SUGAR MILLS LTD

TANDO ALLAHYAR

8th FLOOR, ADAMJEE HOUSE, I.I. CHUNDRIGAR ROAD

KARACHI - 2 (PAKISTAN)

Phone : 227131

(4 Lines)

Grams: "SUCROSE"

Telex : KR. 771

With Best Compliments

from

Nooruddin S. Shaikh

GOVERNMENT CONTRACTOR

HOUSE No. 943/A,
MEMON MOHALLA,
HYDERABAD SIND.
PHONE : 34803

With Best Compliments

from

Haji Muhammad Anwar

GOVERNMENT CONTRACTOR

Plot No. 35, Liaquat Colony,

HYDERABAD.

WITH BEST COMPLIMENTS FROM

M/s. MEVO KHAN & Co.

GOVERNMENT CONTRACTOR

S U J A W A L

NOVA

is an ALL-NEW stainless blade NOW!

New Hi-Kote durable edge.
Better consistent quality.

New Pack. New Look.
New HI-KOTE long lasting edge.
Better Consistent quality.
More Shaves per blade. Hence economical.
For many a Comfortable Shave try new NOVA Stainless blade.

new SILVER EDGE **NOVA** STAINLESS BLADE

نیو تاج پیٹرولیم سروس

نیو تاج پیٹرولیم سروس

وایا ہالا روڈ حیدر آباد سندھ۔ فون ۳۲۴۴۰

وایا گھوٹکی ۔ سکھر سندھ فون ۵۱۱۴۵ ، ۵۰۱۴۵

With Best Compliments

from

Mohd. Bachal

GOVT. CONTRACTOR

P. O. KHAIRPUR

With Best Compliments

from

Rasool Bux Derhyar

GOVT. CONTRACTOR

P. O. Bozdar Wah, Village Bagodero

Taluka Kot Diji, Distt: Khairpur

With Best Compliments

from

M/s. S. Misbah & Co.

GOVT: CONTRACTOR
A N D
GENERAL ORDER SUPPLIER

A/112/58, HIRABAD,
HYDERABAD.

WITH BEST COMPLIMENTS FROM

Khuda Bux

'A' CLASS GOVT. CONTRACTORS

KANDIARO
P. O. Kandiaro
Dittt: Nawabshah

With Best Compliments

from

HABIBULLAH BHAYO

GOVT. CONTRACTOR

KASHMOR, KANDHKOT

JACCOBABAD

With Best Compliments

from

SAITH MILKI MALL

GOVT. CONTRACTOR

KASHMOR Distt: JACCOBABAD

☎ 110


Choose the choicest
prints from a variety of
Fateh
FABRICS
FATEH
TEXTILE
MILLS LTD.
P.O. BOX 5678
KARACHI

Nothing beats...
PRESTIGE
Shirting
Polyester
Cotton 65/35
Wash and wear
Guaranteed
fast colours
Available in many
bright and deep
dyed shades.
JUPITER TEXTILE
MILLS LTD.
Jubilee Insurance House
I. I. Chundrigar Road.
Karachi-2 Phone Nos :
238310. 237352

□Thaver-2-78

مضبوطي جو نالو

STEELEX ®

اسٽيليڪس

- هي نالو آهي جت ڪيل ۽ ايم ايس پائيپ جو.
اسٽيليڪس پائيپ پاڻي گئس ۽ تيل لاءِ استعمال ڪيا وين ٿا.
- ان کان علاوه ان کي فرنيچر ۽ فيبريڪيشن جي لاءِ پڻ استعمال ڪيو ويندو آهي.
- اسٽيليڪس پائيپس جديد ترين هائي فريڪوئنسي ويلڊنگ پروسيس جي ذريعي تيار ڪيا وين ٿا، جنهن ۾ بين الاقوامي معيار مطابق ٥٥ ملي سيڪنڊ فريڪوئنسي استعمال ڪئي ويندي آهي.
- اسٽيليڪس پائيپس درآمد ٿيل اسٽيل کان مختلف ٿولهه ۽ سائيز ۾ ½ کان ٣ انچ تائين جي جنهن جي قطر ۾ زنگ نه لڳڻ جي لاءِ زنڪ ڪوٽنگ سان گڏ يا ان کان سواءِ تيار ڪيا وين ٿا.
- اسٽيليڪس پائيپس جي دستيابي فروخت جي ايڪٽ با قاعده نظام جي ذريعي يقيني بڻائي ويئي آهي، جنهن ۾ سمورن اهم ڊيلرز ۽ آئوٽ ليٽس شامل آهن.

مذڪوره پائيپس هيٺين کان سڌو سنئون حاصل ڪري سگهجن ٿا.

امپاميڪس

اسٽيل پروڊڪٽس لميٽيڊ

فيڪٽري فون: ٢٩٢٣٨٦-٢٩٢٨٢٣

هيڊ آفيس فون: ٢٢١٧٦٣١-٢٢٣٣٦٠

ڊيلرز:-

- زوهيب علي برادرس صدر حيدرآباد — فون ٢٢٩٧١ — ٢٥٨٩٦
- يونائيٽيڊ سينٽري ڊيلرز، صدر حيدرآباد — فون ٢٢٩٤٢ — ٢٣٧١٠
- حسن علي برادرس - صدر حيدرآباد — فون ٢٥٥٢٥-٢٥٥٣١
- هاشمي اينڊ قادري ٽريڊرز رسالا روڊ حيدرآباد — فون ٢٣٣٧٣
- ايڇ ايڇ هاشمي اينڊ ڪمپني لياقت چوڪ سکر — فون ٢٦٩٢
- محمد شفيع اينڊ سنز، بلوچ روڊ سکر فون ٢٢٤٢٣ / ٢٥٨١١
- نيو آزاد ريپئرنگ ورڪس مهراڻ مرڪز سکر، فون ٢٢٣١

J.J. Advertising

donated from
Suleman A. Memon's
personal library

مياڻ محمد عثمان ڏيپلائي

الله ڏينهن ڏئيس، جيترو سنڌي لٽريچر هن هڪ مڙس لکي ڇپايو آهي، ٻين سڀني لکندڙن گڏجي به شايع ڪري ڪونہ سگهيا آهن. منهنجو قياس آهي تہ سندس تصنيفن جو تعداد هيلتائين ڏيڍ سؤ ڪن کي پهچي چڪو هوندو ۽ اڃان ماشاء الله، سندس قلم جو گهوڙو ڪُڏ پيو ڏئي. هڪ لحاظ کان سندس لٽريچر تمام اهم آهي. اُن تي مجموعي طرح نظر ڊوڙائڻ سان مستقبل جي مورخ کي معلوم ٿي سگهندو. اسان واري زماني ۾ عام پڙهندڙن کي ڪهڙو علمي ۽ ادبي مواد درڪار هوندو هو ۽ ماڻهن جي مذاق جي ليول ڇا هئي ڏيپلائي صاحب، بہ طريق احسن، سندن اهي ضرورتون پوريون ڪندو رهيو ٿي.

اخبار "عبرت" جو اجراءُ پڻ سندس وڏو ڪارنامو آهي اها اخبار پاڻ ڪڍيائين، سالها سال شان شوڪت سان هلايائين ۽ آخر ۾ جوان هٿن جي حوالي ڪري، ان ضرورت جي ڪفالت ڪمائين، جيڪا "الوحيد" جي فوتيد ڪي بعد شدت سان محسوس ٿيڻ لڳي هئي.

ڏيپلائي صاحب جهڙا ماڻهو، ادبي تاريخ ۾، فرد نہ ادارا ڪري ڳڻيا ويندا.

علي محمد راشدي

"اهي ڏينهن اهي شينهن"
جلد ٻيو صفحو ٣٠٦ تان ورتل